# ڪجھ پڙهيم، ڪجھ لکيم

## آتم ڪٿا



ڪيرت ٻاٻاڻي

# ڪجھ پڙھيم ڪجھ لکيم

## آتم ڪٿا

ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌ پرچار پبليڪيشن ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڪجهہ ٻڌايم، ڪجهہ لڪايم |
| ليکڪ | : | ڪيرت ٻاٻاڻي |
| موضوع | : | آتم ڪٿا |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ پرچار پبليڪيشن ڪراچي |
| ڇپائيءَ جو سال | : | جون 2000ع |
| قيمت | : | 180 رپيا |


All Rights are reserved

**Kujh Budhayum Kujh Likayum**

By:
**Kirat Babani**

Published by:
**Sindh Perchar Publication Karachi.**

Price: Rs. 180/=
UK £ 8
US $ 12

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

محترم ڪيرت ٻاٻاڻي، سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر سنڌيت جي پرچار جو وڏي ۾ وڏو ناںو آهي. سنڌي زبان جيُ بقا ۽ تحفظ لاءِ سنڌس اڻٿڪ ۽ لاڳيتي محنت ۽ نتيجو ڏيندڙ جدوجهد، سندس هستيءَ کي تاريخ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي.

جيتوڻيڪ هيءَ آتم ڪٿا، سندس مڪمل تعارف آهي پر تنهن هوندي بہ شروعاتي تعارف جي لحاظ کان، ڪيرت چوئٿرام ٻاٻاڻي ٣ جنوري ١٩٢٢ع تي ڳوٺ مورو لاکو تعلقو سڪرنڊ ضلعو نوابشاهہ، سنڌ ۾ ڄائو. ڳوٺ جي ابتدائي تعليم بعد "ولس هاءِ اسڪول" نوابشاهہ (جيڪو هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول نوابشاهہ، مشهور "خوجا هاءِ اسڪول نوابشاهہ جي برانچ آهي) ۾ پڙهيو. شاگرد سياست ۾ ڀرپور حصو ورتائين. پهريان سنڌ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ضلعي نوابشاهہ جو آرگنائيزر، پوءِ صوبي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ١٩٤٠ع ۾ آل انڊيا اسٽوڊنٽس ڪانگريس جي دهلي ۾ ٿيل اجلاس ۾ آل انڊيا ليول تي وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ٩ آگسٽ ١٩٤٢ع تي "ڪئٽ انڊيا تحريڪ" جي سلسلي ۾ نوابشاهہ ۽ سکر جي جيلن ۾ ١١ مهينا گذاري آزادي ملِيس، ميٽرڪ ڪانپوءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين. ورهاڱي مهل سندس خاندان جي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌ نہ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيائين. ترت ئي گرفتار ڪيو ويو ۽ وري ١١ مهينا جيل ڪٽيائين. آزاديءَ بعد ڪيس سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم نامو هٿ ۾ ڏنو ويو. پوءِ بہ سنڌ نہ ڇڏيائين. سندس لاءِ زمين تنگ ڪئي وئي ۽ آخرڪار ٨ مئي ١٩٤٩ع تي ڪيرت کي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي الوداع چوڻو پيو. ڀارت ۾ وڪالت جي تعليم مڪمل ڪيائين پر ماستري ڪرڻ کي ترجيح ڏنائين. ڪيرت جي سماجي، سياسي خدمتن سان گڏ سندس ادبي خدمتون بہ گهٽ ناهن، جن جو مڪمل احوال هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيرت ٻاٻاڻي منهنجو، پراڻو دوست آهي. هن جو شمار سنڌي قوم جي عظيم محب الوطن ۾ ڪري سگهجي ٿو. هن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪافي وسيع آهي ۽ هن جي پنهنجي قوم سان مڪمل وفاداري آهي. هن سان دوست اختلاف، تہ رکي سگهن ٿا، پر هن جي سچائي، سهپ ۽ سٻاجهي طبيعت جي باري ۾ بہ رايا نٿا ٿي سگهن. ڪيرت هڪ دانشور جي حيثيت ۾ امر آهي ۽ هڪ ساهتڪار جي حيثيت ۾ بہ هن جي اهميت گهٽ نہ آهي. مان ان تي فخر ڪري سگهان ٿو تہ ڪيرت جهڙا انسان ۽ دانشور بہ منهنجا دوست آهن؛

***شيخ اياز***

ڪيرت! تنهنجو قد - هيڪاندو هالار ڪان
اِجهو اِن جو اَڏ - ڪندو چاٻوَ ڪرار تي.

ڪيٻرت جني ڪايا، سرجي هئي سنڌ ۾
ڪنهن ڏڪاري ڏار ڪيا، ڌرتيءَ جا ڇايا
اِجهي سانوڻ ڏينهڙا، آيا ڙي، آيا
پون شل! سايا، هن پيري هالار تي.

ماءُ ڏٺا جي مون، سي ڪنهن ڏٺا ڪينڪي
نڪو دک ڌرم جو، نڪي مان ۽ تون
بيٺي ڏٺا سون، اَنت اُپائڻهارجا.

***تاجل بيوس***

# ڪيرت ٻاٻاڻي منهنجي نظر ۾!

## عبدالواحد آريسر

اڄ جڏهن مون کان مختلف اخبارن جا عيوضي اهو پڇن ٿا ته سائين جي ايم سيد ڪانپوءِ جيئي سنڌ هلچل جو يا سيد جي سنڌوديش واري خواب جو ڇا ٿيندو؟ ته آئون انهن کي اهو جواب ڏيندو آهيان ته سيد جي پڇاڙي ٿيڻي ناهي. ان ڪري سيد ڪانپوءِ واري سوال تي مون سوچيو ئي ناهي. پر انهيءَ جواب سان گڏوگڏ منهنجي ذهن ۾ هڪ شخصيت جي تصوير اڀرندي آهي ۽ اها تصوير آهي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي. جنهن کي سيد جي جدوجهد دوران هند جي سنڌين جو سائين جي-ايم سيد قرار ڏنو ويو آهي. جهڙي طريقي سان سائين جي-ايم سيد سنڌين جي حوالي سان پنهنجي جدوجهد ۾ صرف سنڌ جي سنڌين جو رهبر نه رهيو آهي پر هو سموري دنيا ۾ پکڙيل سنڌين جو ۽ خاص ڪري نندي ڪنڌ ۾ آباد يا ڏتڙيل سنڌين جو ليڊر رهيو آهي. ڇا ڪيرت ٻاٻاڻي هند ۾ رهندي سموري دنيا جي سنڌين لاءِ ڪيس مليل هند جي جي-ايم سيد واري لقب کي برقرار ۽ متحد ڪري رکي سگهندو.

دنيا جي انقلابي تحريڪن ۾ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، جو پنهنجي ڌرتيءَ تان جلاوطن ٿيل ليڊرن وطن ۾ هلندڙ تحريڪن جي قيادت ڪئي آهي ۽ اهي تحريڪون سوڀاريون ٿيون آهن. ان سلسلي ۾ ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، پر اهڙي ڪردار لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڌرتيءَ جي تحريڪن سان پاڻ کي اخلاقي طرح جڙيل ئي نہ سمجهيو هو پر پاڻ کي ان جو اٽوٽ حصو سمجهيو هو.

ڪيرت ٻاٻاڻي، جيڪڏهن اڄ ذهني تائين پاڻ کي سنڌ جو جلاوطن فرزند ايئن سمجهندو رهيو آهي، جيئن خميني پاڻ کي ايران جو ۽ هوچي منہ پاڻ کي ويٽنام جو، تہ پوءِ هُن کي سنڌ جي آجپي ۽ جياپي جي تحريڪ جي قيادت ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ سنڌ ۽ هند سميت سموري دنيا ۾ پکڙيل قومپرست سنڌين مان ڪنهن کي بہ ثاني جي- ايم سيد جو لقب مليل ناهي، ۽ اهو لقب آتش بيان مقررن، نفيس شاعرن ۽ گلاب جي پنکڙين جهڙين چپن وارين ڪنوارين جي واتان بلند ٿيندو رهيو آهي. آدرشي انسان انهن لنبي نالن ۽ ويساهن کي برقرار رکڻ لاءِ عارضي، وقتي ۽ فوري پهچندڙ نفعن ۽ آسائشن کي قربان ڪري ڇڏيندا آهن تہ جيئن ماڻهن جو ويساهہ برقرار رهي. ويساهہ تي ئي هند نيا جو دارومدار آهي. ويساهہ دوست جو دوست تي، محبوبہ جو محبوبہ تي، پارٽيءَ جو ليڊر تي ۽ قوم جو رهبر تي. ۽ انهيءَ ويساهہ کي برقرار رکڻ لاءِ ماڻهو ملڪيت کان وٺي ساهہ تائين قربان ڪندا آهن. عظيم ۽ لافاني انسان ساهہ ڏيئي ويساهہ برقرار رکندا آهن. جيئن اياز چيو آهي.

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وستيءَ تي واريو وينديـن
دودا تنهنجو ساهہ تہ ويندو
ماڻهوءَ جو ويساهہ نہ ويندو.

۽ اڄ زندگيءَ ۽ موت جي بستري تي ستل انسان جيڪو اهڙيءَ حالت ۾ پنهنجي چهري ۽ لباس تي بدنمائي وارو داغ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڇو تہ هن پنهنجي سموري سياسي زندگيءَ ۾ پنهنجي جسماني توڙي ذهني زندگيءَ تي ڪوبہ داغ لڳائڻ برداشت نہ ڪيو آهي.

اڄ هن حالت ۾ بہ هن جو ساهہ ستارن سان سرگوشيون ڪندي، اهو چئي رهيو آهي تہ ڇا اهڙو ڪو آهي، جيڪو منهنجي نعري جو سمورو رس پنهنجي ازل جي اُجايل چپن سان پي وجهي ۽ اهڙو بہ ڪو آهي، جيڪو منهنجي ارادي کي ڪٽي مسلمانن جي بدترين فاشسٽ حڪومت جي قاسيءَ جي قنديءَ ۽ تختي کي ناڪام بڻائي ۽ اهڙو بہ ڪو آهي، جيڪو اڪيلي هوندي، مون وانگي اهو نعرو هڻي تہ:

ٽن سؤ صفحن جو ڪچو مسئودو تيار ٿيڻ ويو. خواهش جي پورتي ويجهي نظر آئي. مان خوش هو.

وري هڪ ٻيو منهنجو سڄڻ آهي نارائڻ پارتي، جيڪو اٽڪل ٻن ٽن سالن کان، وقت بوقت مون کي آتم ـ ڪٿا پوري ڪرڻ جي يادگيري ڏياريندو رهيو. چي: تنهنجي آتم ـ ڪٿا مان ڇپائيندس ۽ پاريءَ ۾ مون به چيس ته اِها ڇپائڻ لاءِ مان تو کي ئي ڏيندس. خبر جو پيس ته مان ڪجي نموني اِها لڳڀڳ سان تيار ڪري آيو آهيان ته پوءِ قرب ۾ ته گويا منهنجي پنيان پئجي ويو. بار بار ياد ڏياري چوي: ڪاپي ڪڏهين تو ڪٿي اچين؟ نيٺ اهڙي قرب جي موٽ مون کي ڏيڻي پئي. ٽن قسطن ۾ ڇپائڻ جو فيصلو ٿيو. منهنجو پڪي هڪ جلد ۾ ڇپائڻ جو ارادو هو، پر سنڌيءَ ۾ ڇپائيءَ جون ڪي مجبوريون آهن، تنهن ڪري لاچار نارائڻ پارتيءَ جي رٿ کي قبول ڪرڻو پيو.

مان ته پاڻ تي فتوا نٿو ڏيئي سگهان ته، ڪيتري حد يا معيار تائين پنهنجي مراد ۾ سڦل ويو آهيان. پر مون پنهنجي جيون ۾ چڱي سنگهرش ڪئي آهي؛ ڪافي اهم تاريخي دؤرن مان گذريو آهيان، بلڪ خود به انهن ۾ سرگرم پاڳيدار رهيو آهيان، تنهن ڪري منهنجا آزمودا، آنيؤ اظهار پاهتريو شخص جا نه آهن، پر هڪ شراڪت ڪندڙ پاتر جا آهن. پوءِ به ڄاڻان ٿو ته محدودگيون آهن. هر شخص جون پنهنجون محدودگيون آهن ـ سوچ ۽ سوجهه جون محدودگيون، داخلي ۽ خارجي رخ جون محدودگيون، قوت ۽ قلم جون محدودگيون ۽ ٻيون به. هر حال مون پاڻ سان نياءُ جو يتن ڪيو آهي. پنهنجي ذهني ۽ تخليقي شڪتيءَ جو سچيتائي ۽ صداقت سان اظهار ڪيو آهي. منهنجي جيون ۾ جيڪو به اهم ٿي گذريو آهي ۽ ڄاڻڻ جهڙو آهي، سو قلمبند ڪيو اٿم. کليو لکندي هچڪ نه ڪئي اٿم. اگر ڪٿي تلخ اظهار به آيو آهي ته اِها وقت جي طلب سمجهي اٿم.

آخر ۾ نارائڻ پارتي جهڙي قربدار دوست ۽ سندس سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جي شڪرگذاري مڃڻ ضروري آهي جو هن مونکي

ڏکي ڌرم ڪرايو آهي ۽ اوهان جي ٻ، جيڪي مون کي ڪلي ۽ دل سان پنهنجو رايو موڪليندا.

## ڪيوت ٻاٻاڻي

پتو:
3 / 41، آدرش نِگر
پرڀادیوي، ممبئي - 25
11 - مارچ، 1997

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبادي هئي. هندن جا گهر ڪافي وڏا ۽ پڪسرا هئا. مسلمانن جون اڪثر ڪچيون جهوپڙيون، جن جي چوڌاري ڪنڊائتان لوڙها هئا، اچڻ وڃڻ لاءِ ڪاٺ جي پٽين جو هڪڙو ننڍڙو دروازو هوندو هو. ڳوٺ جي وڏيري جي حويلي تمام وڏي پڪ سري هئي. اسان جو گهر به ڪافي وڏو هو. گهر جي مکيه دروازي اندر ڪيترا ڪمرا هئا. هڪ وڏو اڱڻ هو. جتي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ حوڏي ۽ وڏو پائخانو ۽ سنان جڳهه هئي. گهر سان لڳو لڳ دڪان هو ۽ پرسان ئي اوطاق هئي، جنهن جي هڪ پت سان لاڳيتو ننڍو وٿاڻ هو، جتي به ڳانيون ۽ هڪ گهوڙو ٻڌل هو.

موري لاڪبي بابت وٿندڙ ڳالهه اِها هئي، جو ڳوٺ جي وچ تي هندن جا گهر هئا ۽ مسلمانن جا گهر چوڦير پکڙيل، جڻ حفاظت جو قلعو ٻڌي بيٺا هئا. اجا به وڌيڪ حيرت جي ڳالهه اِها هئي، جو هندن ـ مسلمانن جو پاڻ ۾ ايڏو سنيهه جو سڏ ڏي ته ڪيترا ئي سڏ جي موٽ ۾ اچي پهچن ٿا. ناتا ايڏا خوشگوار ۽ وشواس ايڏو پڪو جڻ پاڻ ۾ سڳا ڀائر هجن. اگر ڪو هندو ڳوٺ کان ٻاهر ويندو هو ته پنهنجي پاڙيسري مسلم ڀاءُ کي پنهنجي ڪٽنب جي حفاظت جو بار رکي ويندو ۽ جي مسلمان ٻاهر وڃي ته هندو پاڙيسريءَ کي گهر جي پارت ڪري وڃي. مون کي ياد آهي ته پاسي وارو هڪ صاحب ڏنو، اسان جون ڳانيون ڏهي ويندو هو. پيو ڪو هو جو ڪانيون پهچائي ويندو هو. ڪنهن کي وڃونءَ ڏنگيو ته جهاڙ وارو پڇندو ايندو هو. ننڍا ننڍا ڇوڪرا وري ڊورن کي چارڻ لاءِ جهنگ وٺي ويندا هئا. حجام اچي سنوارت ڪري ويندو هو، ته ڪو اچي پاڻيءَ جا مٽ پري گهڙا منجيءَ تي رکي ويندو هو. باقي ياد اٿم ته ڪپڙا ڪو نه ڌوئندا هئا. ڌوٻين جو رواج پوءِ شهرن ۾ پيو. ڳوٺن ۾، گهرن ۾ ڪار جو ڏيو چاڙهيو ويندو هو ۽ ڪپڙا گهر جون استريون ڌوئينديون هيون. دائيءَ کي چڏي، ڳوٺ ۾ مسلم عورتون گهرن ۾ ڪم ڪرڻ نه اينديون هيون. اُن زماني ۾ جيڪي به ماڻهو شخصي شيوائون ڏيندا هئا، سي نوڪر ڪري ڪو نه ليکيا ويندا هئا. ڪين پيار سان ڏنو ويندو هو ۽ هُو به تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مردود ڀڄي ويا.... منهن ڪارا پيچ پائي ڀڄي ويا". هنن آوازن تي مان اڪثر جاڳي پوندو هوس، ڏپ ۾ ساهه سڪي ويندو هو، بدن ڏڪڻ لڳندو هو ۽ پرسان ستل چاچي کي چنبڙي پوندو هوس. هو مون کي ياڪر ۾ ڀري ونبندو هو، آٿت ڏيندو هو ۽ ڪهتنا گهتجي وڃڻ ڪان پوءِ ٿپڪيون هڻي، "پٽ بابا، پٽ بابا" چئي سمهاري ڇڏيندو هو. صبوح جو ڏپ لهي وڃڻ ڪان پوءِ پڇندو هوس تہ رات جو گهور گهمسان چاچو هو، تہ پهرين تہ هُو ٽٽائيندو هو، پر ور ور زور ڀرڻ تي چوندو هو: " رات جو چور آيا هئا فلاڻي جي گهر کي ڪاٽ هڻڻ، پر ڏٺي جاڳي پيا، ونئي رڙ واڪو ڪيائون، جنهن تي پاڙي وارا بہ جاڳي پيا ۽ "چور .... چور" ڪري سڄي پاڙي کي اٿاري وڌائون، جنهن ڪري چور پيچ پائي ڀڄي ويا ۽ ڏٺي صحيح سلامت بچي ويٺو. پر هنن ڪمبختن ويندي ويندي گهر تي گهوباٽن جو مارو ڪيو، جنهن ڪري ڪي زالون ڦٽجي پيئون آهن. صبوح جو چورن جو پيرو ڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، پر سندن پيرن جا نشان اڪثر پر واري جهنگل يا ڳوٺ جي تلاءَ وٽ اچي گم ٿي ويندا هئا. اڳتي پتو ڪو نہ پوندو هو.

منهنجن وڏڙن کي دڪانداري بہ هئي ۽ ٿوري گهڻي کيتي ٻاري بہ هئي. ڳوٺ ڪان ٿورو پنڌ پري زمين جو ٽڪرو هو، جتي اناج ۽ ڀاڄين جي پوک ٿيندي هئي. اِها زميداري نہ هئي، ڪٽنب جي گهرجن لاءِ ساڌن هئي. ٿورو گهڻو جيڪو فصل ٿيندو هو، تنهن جو واجبي حصو هارين ـ نارين کي ڏيئي، باقي اناج گهر ۾ آڻي گنديِن ۾ رکيو ويندو هو، جيڪو سڄي سال جي پورت لاءِ ڪافي ٿيندو هو. بصر پٽاٽا پانديِ ۾ رکيا ويندا هئا، جن جو دڪان تي وڪرو بہ ڪيو ويندو هو. ڀاڄي يڪو گهر لاءِ ڪم ايندو هو.

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي. مان ان وقت ستن اٺن سالن جو مس هوس. گهوڙي تي چڙهي، زمين تان ٿاپون ڀاڄيون ڪٺي ايندو هوس. چاچو سومجي مل مون کي سويل اٿاريندو هو. مان گهر اندر وڃي سنان پاڻي ڪري، ڪپڙا بدلائي، نيرڻ ڪري وٽاڻ ۾ ايندو هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ چار ـ ڇهه ڳانيون ـ مينهون چاريندو هو. اسين به سندس نقل ڪري، ننڍيون لڪڙيون هٿ ۾ ڪٺي ساٿس گڏ هونگاريندا، جهنگ طرف نڪري ويندا هئاسون. ليڪو قد ۾ ڊگهو ۽ سنهڙن روشن وارو هو. سندس هٿ، پانهون، نڪ، ڪن، مٿو ـ سڀ جو سڀ سنهڙا هوا ۽ اکيون ڇڇيون هيون. اڌ پانهن وارو چيلهه تائين لنڊو چولو ۽ اٽن تي ڌوتي ٻڌندو هو. هو برابر اسان کي ٻاڙها پير پٽي ڪارائيندو هو ۽ زمين ۾ ڪوڙڪو لڳائي پيلي پيٽ واريون بلبليون به ڦاسائي ڏيندو هو. پوءِ چوندو هو ته آچو ته تلاءَ ۾ سنان ڪيون. ڪپڙا لاهي پاڻي ۾ ٽپي پوندا هئاسون. هو به ڪپڙا لاهي تلاءَ ۾ ڇلانگ ماريندو هو. ترڻ سيکارڻ جي بهاني اسان مان هر هڪ کي واري واري تي اونهي پاڻيءَ ۾ ولي ويندو هو. پاڪيون پائيندو هو ۽ چميون ڏيندو هو. سڄي بدن تي ۽ خانگي عضون تي هٿ ڦيريندو هو ۽ ڪتڪتائي به ڪندو هو. اسان کي ڪلائيندو هو ۽ پاڻ به ٺهڪ ڏيندو هو ۽ آنند محسوس ڪندو هو. هو اسان کي روانو ڪندي چوندو هو: " مون اوهان کي چاريو؛ هاڻي مال کي چاريندس ۽ شام جو موٽندس". ڳانين مينهن کي تلاءَ ۾ هڪلي، انهن کي ڌوئڻ لڳندو هو.

مان ڪا نئين ڳالهه ڪو نه چوان. انساني سرير جي هڪ پنهنجي ڪيمسٽري آهي. علم ڪيميا جو به ماهر نه آهيان، جو ڇيد ڪري، تجربيگاهه ۾ تيار ڪيل ڪا جاچنا پيش ڪريان. منهنجا کي آزمودا ۽ آتيو آهن. انسان ڪيترين اميدن، آشائن، تمنائن، ترشنائن، حرصن، هوسن، موهن، لوبن، لالچن، طمعن ۽ ٻين ڪيترين من ورتين جو مجموعو آهي، جيڪي دنيا جي ٻاهرين پدارٿن توڙي انساني رشتن جي تڪرن مان پيدا ٿين ٿيون ۽ سندس وهنوارڪ جيون تي اثر وجهن ٿيون، سندس شخصيت کي جوڙين ٿيون. ٻئي طرف انسان جون به بنيادي گهرجون آهن؛ اهي وشو وياپي آهن. انهن کي تمثيلي طور تي انسان جون به اٿر بکون سڏيو ويو آهي. هڪڙي آهي پيٽ جي بک، ٻي آهي جنس جي بک. هنن پربل گهرجن کي ورلي ڪو روڪي سگهيو

ڪي خبر پئي تہ چاچن کي گھرائي، ساڻن دلي همدردي ڪيائين ۽ ڪين اِهو بہ آٿت ڏنائن تہ خونين کي ڳولي لهبو، اوهان جي آئيندي سلامتيءَ جو بندوبست ڪبو. پنهنجن آبن ڏاڏن جي پکن کي ڇڏي نہ ويجو. غريب غربو ۽ گهرجهائو اوهان جي وجهڻ ۾ راضي نہ آهي. پر جتي سندن بہ مربي ڀائر ڪسجي ويا هوا، سو گهر ڪين ڪائڻ ٿي آيو. فيصلو آٽتر هو. نيٺ اسين بہ هڪ ڏينهن موري لاڪي ڪان وچڙي وياسون.

گناهہ جي دنيا وڏي، ڪاري ۽ وچتر آهي، تنهن ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي، پر منهنجن چاچن جي خون ۾ وڏيري جو ڪو هٿ هو، تنهن بابت قياس آرائي ڪرڻ فضول ٿو سمجهان. ڪيس شڪ جو شڪار بنائڻ لاءِ بہ مون وٽ ڪي ٺوس سبب ڪونهن. اُن وقت جي اَنڌي جاگيرداري نظام ۾ گهڻو ڪجهہ ممڪن هو. پر اِها بہ روشن حقيقت آهي تہ وڏيرو ڳوٺ جو "اَبو اَما" ليکيو ويندو هو. اسان جي ڳوٺ جو وڏيرو اُنهيءَ جنس مان هو. ڳوٺ جو خيال رکندو هو. ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف ٿئي يا ڪو لچ لوفر اڙٻنگائي ڪري تہ دانهين وڏيري وٽ ويجبو هو. هو سچ پچ لفنگن کي ٽڪنڪيءَ تي چاڙهيندو هو ۽ آئيندي لاءِ توبهہ ڪرائيندو هو. هندن کي تہ خاص داد فرياد ملندو هو، سندن سلامتيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو هو. اهو بہ سچ هو تہ هندو ڳوٺاڻي جيوت جي آرٿڪ ڍانچي جي اهم ڪڙي هوا. ننڍو - وڏو واپار گهڻي ڀاڱي سندن هٿ ۾ هو. ڪرت ڪار ۽ ننڍو - وڏو هنر مسلمانن جي حوالي هو. زمينداري بہ گهڻو تڻو مسلمانن وٽ هئي تہ هاري ناري بہ اُهي هوا. سون چانديءَ ۽ وياج وٽي جو ڪم وري هندن وٽ هو ۽ انهن مان ڪي زميندار بہ هوا.

وڏيري جي حويلي تمام وڏي هئي. مهڙ ۾ وڏي اوطاق، جيڪا اهنج دور دربار بہ ۽ وندرگاهہ بہ هئي. وڏيرو هر صبح جو ٽولن سان سجايل کٽ تي اچي ويهندو هو. اگر ڪو دانهين هوندو يا ڪڙمي ڪاسبي گهرجائو هوندو تہ اچي هيٺ وڇايل فراسن تي ويهندو. سڪر ماٿهن لاءِ منجيون ۽ مُوڙا هوندا هوا. اگر ڪو وڏيري جو ثاني هوندو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. هڪ ٻي راند هئي مزيدار، جنهن ۾ سڪي جي پنيان چپيل ساڄي پهرين انگ،ڪي آڳر سان لڪائي باقي پنويان تي انگ ڏيکاري شرط لڳائبي هئي، اگر جي اڳلو سڪي تي لڳل سال برابر ٻڌائي ويو ته سڪو سندس ٿيو، نه ته ڪيس ساڳي ملهه وارو سڪو ڏيڻو پوندو هو. وڏا ٽڏڙي جي ڏڻ جي موقعي تي پتي سان جوا کيليندا هوا. سؤن ۾ هار - جيت ٿيندي هئي. منهنجا چاچا پتي کي هٿ به ڪو نه لائيندا هوا، پر منهنجا ٻئي ڀائر اُن ”شب“ ڏينهن تي پتي ۾ شامل ٿيندا هوا. مان وچي پرسان ويهندو هوس. جي ڪين ڪو وڏو داءُ لڳو ته پڙ مان پائلي (چار آني) ڪڍي ونندو هوس. صبوح کان وٺي شام جو دير تائين راند هلندي هئي. ڪنهن ٻچا هارايو، ڪنهن ٻچا کٽيو، سو ته هو ڄاڻن، پر پنهنجي جيت ٿي جيت هوندي هئي. ڏهه -ويهه روپيا گيدي ۾ وجهي اٿندو هوس.

هوشيار ۽ جاننو شاگرد هئڻ ڪري، ماسترن ۾ پيارو هوس. ۽ پهرين درجي کان مانيٽر مقرر ٿيس ته آخرين يارهين تائين مانيٽري ماڻيندو رهيس. اُن زماني ۾ ماستر، شاگردن کان پنهنجي گهر جو ڪم به وٺندا هوا. ٻئي درجي ۾ ٽيڪمداس منهنجو ڪلاس ماستر هو. آءُ سندس پيارو شاگرد هوس. ٻن پيرڊن گذرڻ بعد مون کي ٻيا ٻه ڇوڪرا ڏيئي گهر جي ڪم لاءِ موڪليندو هو. اسين گهر جي ٻهاري ڪرڻ، برتن ملڻ، پاڻي ڀرڻ ۽ ٻيو صاف صفائي جو ڪم ڪري وري اچي ڪلاس ۾ ويهندا هواسون. هو اڪيلو رهندو هو. اسڪول کان موٽڻ کان پوءِ پاڻ اچي ٺاهيندو هو. موڪل جي ڏينهن تي پنهنجا ڪپڙا به پاڻ ڌوئيندو هو. هن ئي مون کي ٻيون ۽ ٽيون درجو گڏ ڪٽايو ۽ ٻڌو ٽپو ڏيکاريو.

نوابشاهه شهر جي جاگرافي ڏاڍي سولي هئي. شهر جي اُتر ۾ موني بازار هئي. جنهن جي ڇيڙي تي لوڪل بورڊ جي وڏي آفيس هئي. پڙهيل ڳڙهيل طبقو- ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر ۽ سکيو ستابو واپاري ورگ گهڻي قدر موني بازار واري لتي ۾ رهندا هوا. شايد ڪنهن انگريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن ويچارن جي شروعات آريہ سماج جي فلسفي سان ٿي. هرچند نالي منهنجو هڪڙو اسڪول جو دوست هو. هن کي ڪن آريہ - سماجين جو سنگ لڳو. ستيارٿ پرڪاش ۽ آريہ - بمگولو جهڙا ڪتاب پڙهي ڪيس پڪو رنگ لڳي ويو هو. مون کي بہ ڪتاب آڻي ڏيندو هو ۽ خوب بحث ڪندو هو. هندو ڌارمڪ ويچار ڌارا جي واڌاري ۾ ستيہ پرڪاش جي رچيندڙ ۽ آريہ سماج جي پايو وجهندڙ سوامي ديانند سرسوتي جو وڏو ۽ اهم رول آهي. عقلپرستيءَ تي ٻڌل سندس ڌارمڪ ۽ سماجڪ ويچارو واقعي انساني ذهني ترقيءَ جي پراسيس ۾ پرکبو تہ انساني ويچارن جي واڌ ۾ هڪ ڪڙي اڳتي محسوس ڪبي. پر اِهو سڀ ڪجهہ ڪافي نہ هو. انساني ويچار ڌارا هڪ لڳاتار واڌ جو پراسيس آهي. انسان ذهني سطح تي اڳتي اَڃا اڳتي اُيرڻ جي جستجو ۾ آهي. قومپرستيءَ جا ويچار مون کي هڪ قدم اڳتي لڳا. ويچارن کي مان ڪنجوس وانگر ڪڏهين بہ پٽڪي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي ڪو نہ رکان. عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکي انهن کي قبول ڪريان يا رد ڪري ڇڏيان.

روچيرام ٿانواڻي جي سنگ ۾ مون کادي پائڻ شروع ڪئي تہ پيا منهنجا دوست بہ کادي پائڻ لڳا. ڪي چوڪريون بہ اسان جي اثر ڪري کادي اپنائڻ لڳيون. ائين وديارٿين ۾ قومي جاڳرتا جي لهر لڳي. آرتوار تي ۽ ٻئي ڪنهن قومي ڏينهن تي صبوح جو پربات ڦيري ڪڍندا هواسون، جنهن ۾ شاگرد ۽ شهر جا قومي ڀاونا وارا شخص بہ شامل ٿيندا هوا. اَسين اڪثر ڪري هوندراج دکايل جا قومي گيت، ”تنهنجي اَئٽ جو آواز. ..... مرنداسون، مگر ديش کي آزاد ڪنداسون ..... سوريءَ تي چڙهيو سردار ڀڳت سنگهہ ....“ ڳائيندا هواسون. سرگس ۾ انتظام رکڻ ۽ نعرا هڻائڻ جو ڪم مون تي هوندو هو. سڄي شهر کي پرڪرما ڏيئي، ”ڀارت ماتا ڪي جئہ.... مهاتما گانڌي ڪي جئہ.... انقلاب زنده آباد....“ جي ڌوم مچائيندا هواسون. چڪري واري گول بازار ۾ پهچي، ”جن گن من......“ وارو قومي گيت ڳائي برخواست ٿيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٽپو ڏيئي ڪيس ڇڪي آئي ٻاهر ڪيڊندو هو. ٿوري وقت لاءِ ته اسان جو ساهه سڪي ويندو هو ۽ ڪن پڪڙيندا هواسون، پر اها عمر ئي اهڙي هئي، جوُ واقعو گذريو ته ڳالهه ئي ذهن تان اڏامي ويندي هئي. اهي لاتون ۽ اهي ڇڳهه!

هڪڙو ٻيو وڏيڪ مزيدار واقعو ياد اچيم. هڪڙي دفعي اسان جي ٽولي شهر کان ڇڱو ٻاهر نڪري ويئي. گهمندا وجي هڪ ٻنيءَ ۾ پهتاسون. موريڻ ۽ گجرن جي پوک تيار بيٺي هئي. دل سرڪي ويئي. آس پاس ۾ ڪو ڏٺي به نظر ڪو نه ٿي آيو. ٻيلڻ شروع ڪيوسين. خوبُ موريون گجرون پٽي ڪاڏيون سين. رومالن ۾ به ٻري ٻڌيون سين. چوريءَ ۾ ايڏو غلطان رهياسون، جو معلوم نه رهيو ته ڪيڏي مهل ڏٺي اچي مٿان بيٺا آهن. پوءِ ته ٻه چار ڏڪ به ڪاڏاسين ۽ اسان کي ڪٺي نوڙين سان ٻڌائون. ميڙيون منٿون ڪري، آئيندي اهڙي حرڪت نه ڪرڻ جو واعدو ڪري، ڪيسن ۾ جيڪي ڏوڪڙ هوا، سي سزا طور ڏيئي، جان ڇڏائي، ائين ڀڳاسين، جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ! آئيندي اهڙي حرڪت کان باز رهياسون.

لڳ ڀڳ انهيءَ سمي منهنجي جيون ۾ هڪ زوردار اٿل پٿل آئي؛ ”پريم ديوتا“ مون کي ڏنگي ورتو. هيءُ سچو قصو اهڙي اڌ ۽ ٻيت نموني ٿيو، جو مون کي سمڪ ئي نه رهي ته ڪيئن مان آهستي آهستي، بي اختيار پريم ٻنڌن ۾ جڪڙجي رهيو هوس. آئين انگريزيءَ ۾ هوس. شهر جي وڏي ۾ وڏي وڪيل جي ڌيءَ گوپي، مون سان ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. مانيٽر جي حيثيت ۾ مان مهڙ واري بينچ تي وهندو هوس. ڇوڪرين لاءِ ٻه بينچون هيون، جن تي ڇهه ڇوڪريون وهنديون هيون، سي به مهڙ واري قطار ۾ هيون مون سان لڳولڳ بينچ تي گوپي وهندي هئي. منهنجي بي - خبريءَ ۾ هوءَ مون ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي هئي. اک ٽيٽ ڪري مون ڏانهن نهاريندي هئي ۽ ڪڏهين وري ٻنيان نهارڻ جو بهانو ڪري، نظرون مون تي اڇلائيندي هئي، جئن اڪثر پريم جي سروعات ۾ ڇوڪريون ڪنديون آهن. ” ڪيوپڊ “ يعني پريم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا جا شڪار ڇوڪرا سڌيون نظرون ملائيندا آهن ۽ پنهنجي دل جون نازڪ ڀاونائون يا سنيها سڌو پريمڪا ڏانهن موڪليندا آهن. پر استري ذات ان ڳالهہ ۾ نياري آهي، جنهن لاءِ مکيہ طور ٻہ وگيانڪ ڪارڻ آهن: هڪ تہ طبيعتن ڪا بہ عورت، گهٽي ڀاڳي پريم نہ جتائيندي آهي؛ مرد جي رشتي ۾ ڪا بہ ڳالهہ تڪڙي يا سڌي نہ ڪندي آهي؛ گهٽي قدر اتسڌي نموني اشارو ڏيندي آهي، جيستائين ڪيس پڪ ٿئي ۽ سندس دل ٻولي تہ سندس پريم جو نرادر نہ ٿيندو، بلڪہ ڪيس پڪي موٽ ملندي. ۽ ٻيو ڪارڻ اِهو آهي جو زال ذات بنيادي طور لڄاري آهي. اظهار ۾ مرد وانگر کليل نہ اهي، ڪيس نندپڻ کان اِها ئي سکيا ملندي آهي تہ لڄ يعني حياءُ استريءَ جو سڀ کان وڏيڪ ملهائتو ڳهڻو آهي. گوپي پڻ ان ڳالهہ ۾ پنهنجي جنس جي سڀاويڪ طريقي سان نينهن جو ناتو اظهاري رهي هئي، جيڪو مون جهڙي نوس مرد جي پلئہ ڪو نہ پئي پيو. دراصل، ان ڳالهہ ۾ مان سچي عمر بس اڻين ئي رهيو آهيان. اهڙا گهڻائي مثال منهنجي جيون ۾ پوءِ بہ آيا آهن، جن تي هن وقت سوچيان ٿو تہ پنهنجي اهڙي خشڪ سڀاءَ تي اچرج ٿو وٺيم:

ڪنهن وقت پنهنجي آجيوڪا لاءِ ٽيوشن ڏيندو هوس. هڪ مترجي معرفت هڪ بالغ ڇوڪريءَ کي خانگي طور سندس گهر ۾ پڙهائڻ جو ڪم مليو هوم. ٿوري وقت ۾ هوءَ مون سان رلي ملي ويئي. پوءِ رڳو پيئي کلندي هئي ۽ مون ڏي نهاريندي هئي. حساب وغيره سيڪاريانس يا سندس نوٽ بوڪ تي ڪي درستيون ڪريان تہ بهاني - ڪبهاني پيئي پين ۽ منهنجن هٿن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. جي جهليانس تہ آهڙي حرڪت نہ ڪر تہ پيئي ”تهہ تهہ“ ڪندي هئي. هڪڙي دفعي آهڙي حرڪت وقت، مون ڪٿي سندس ٻئي هٿ پڪڙيا. غضب ٿي ويو! بلڪل ان وقت سندس ماءُ، منهنجي لاءِ چانهہ جو ڪوپ کڻي ڪمري اندر داخل ٿي هئي. ٻاراڻو رومانس اُتي ختم ٿي ويو ۽ منهنجي ٽيوشن کي گولي لڳي ويئي. بعد ۾ منهنجي دوست مون کي ورجايو، ”آبا، آهڙي ڪا ڳالهہ هئي تہ مون سان تہ ذڪر ڪرين ها.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪيس ڪهڙي سمجهائي ڏيان؟ بالغ اوستا جي صادق جذبي ۽ مستيءَ کي ڪيئن دوشي ٺهرايان؟

پارٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ مان بمبئي اسٽوڊنٽس يونين ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هوس. سال 1946ع کان 1950ع تائين؛ رهندو به يونين آفيس ۾ هوس، جيڪا گرانٽ روڊ پوليس اسٽيشن جي پرسان واري هڪ جڳهه ۾ هئي. جلد ئي پوءِ اسماعيل ڪاليج (جوگيشوري" ۾ داخلا ورتم ۽ اُتي ئي هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيم. اِسٽوڊنٽس يونين ۾ اسين ڪميونسٽ ويچارن وارا شاگرد، ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون، گڏجي ڪم ڪندا هواسون. اُن وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان راڄنيتيءَ ۾ انتها پسنديءَ وارو دؤر هلي رهيو هو. ڪاليجن ۾ هڙتالون ڪرائڻ ۽ جلوس ڪڍڻ کان سواءِ، ٻيون ٻيچ ڏاهه جون ڪارروايون به ڪيون ويندڙيون هيون، جهڙوڪ- پوليس مٿان ائسڊ بلب اُڇلائڻ، جلوس هلندي مٿن حملو ڪرڻ وغيره. اِهو ڪم خاص طور وديارٿين تي رکيو ويندو هو. اُنهن چوندڙ وديارٿين ۾ ڪي ڇوڪريون به هيون، هڪڙي مالويڪا ۽ ٻي ترلا گانڌي، جيڪا اڳتي هلي ڇوٽي موٽي ائڪٽريس به بڻي. پاهران سکيا به وٺي آئي هئي.

ترلا ۽ منهنجون اِکيون اڙيون هيون. هر آرتوار تي شام جو آفيس ۾ اسٽوڊنٽس يونين جي ڪميونسٽ گروپ جو ميڙ ٿيندو هو، جنهن ۾ گذريل هفتي جي ڪيل ڪارروائين جو جائزو ورتو ويندو ۽ ايندڙ هفتي لاءِ پروگرام رٿيو ويندو هو. ان وقت ڪميونسٽ گروپ جو اڳواڻ نرنجن دوداڻي هو، جيڪو ميڊيڪل ڪاليج جو وديارٿي هو. مان نئون هوس، تنهنڪري مونکي ٻيچ ڏاهه جي ڪارروائي ۾ شامل نه ڪيو ويندو هو. باقي ٻين ڪارروائين ۾ برابر ڀاڱ وٺندو هوس. خاص طور زير زمين ڪميونسٽ اڳواڻن جي وچ ۾ ڪوريئر جو ڪم ڪندو هوس. ڇاڪاڻ يونين ۾ نئون هئڻ ڪري پوليس جي نظرن ۾ ڪو نه آيو هوس.

هفتيوار جائزي وارن ميڙن ۾ ترلا ۽ مون کي هڪٻئي کي ڏسڻ جو موقعو ملندو هو. هو مون ڏانهن نهاري مرڪندي هئي. پهرين مان

حڪم ڪري، سو مانڙي ڪري، مون سندس ڏکيريل هٿ هيٺان پنهنجو ڪاٻو هٿ رکيو، اِهو مکر ڪري تہ مٿان رول لڳڻ کان اڳ پنهنجو هٿ نہ هٽائي ڇڏي. هن جو هٿ مٿان، منهنجو هٿ هيٺان، چڻ پازيٽو ۽ نيگيٽو جو ملڻ ٿيو. لاشڪ بجلي ٻنهي شريرن ۾ ڊوڙي ويئي هئي. مون ساڄي هٿ کي مٿي هوا ۾ ڪري، رول کي زور سان هٿڻ جي ائڪٽنگ ڪئي، پر رول جڏهين سندس هٿ جي ويجهو آيو تہ ان کي صفا هلڪو ڪري ڇڏيم ۽ سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ سوگهو جهلي بيٺس ۽ ٻن زولن جي وچ ۾ ٻڻ وقت جي ڇگي وٿي رکيم، جڏن سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ ڪي پل سوگهو رهي. گوپيءَ جي ڇهري تي لڄ جي لالي ڇانئجي ويئي ۽ نيڻ هيٺ جهڪي ويس ۽ ائين اسان جي آنکمچوليءَ جو سلسلو چالو ٿي ويو.

گوپيءَ جي هڪ پڪي ساهيڙي هئي ديالي. جيڪا ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ۽ گوپيءَ سان گڏ ساڳيءَ بينچ تي وهندي هئي. هڪڙي ڏينهن دياليءَ رسيس ۾ منهنجي پرسان لنگهندي، آهستگيءَ سان چيو تہ شام جو ضرور چيتي جي گهر اچج. پوءِ ڪنهن نہ ڏٺو، نہ ٻڌو، هوءَ هلي ويئي. چيتو پڻ اسان جي ڪلاس ۾ پڙهندو هو. پڙهڻ ۾ هو ڏاڍو ڪچو هو. ڪڏهين ڪڏهين ماستر جي مار جي ڊپ کان حسابن يا جاگرافيءَ جي فيئر ڪاپي اڌاري وٺندو هو ۽ پوءِ اُها اُتاري واپس ڪندو هو. ڪڏهين ڪاپي موٽائڻ ۾ دير ڪندو هو تہ مان وٽي سندس گهران وٺي ايندو هوس. سندس گهر گوپيءَ جي گهر جي بلڪل سامهون هو. اِها ڄاڻ گوپيءَ کي هئي ۽ دياليءَ مون کي اُتي اچڻ لاءِ چيو هو.

شام جو مان ڌڙڪندڙ دل سان چيتي جي گهر ڏانهن روانو ٿيس. دل ۾ ڏاڍي اُٿل ۽ ڪيئي گمان! من چوي تہ ان نياپي جو واسطو ضرور گوپيءَ سان آهي. گوپي وڏي وڪيل جي ڌيءَ آهي. ڪنهن شڪايت تہ نہ ڪئي آهي تہ مون ڪيس رولن سان مار ڏني آهي. ٻيو من چوي تہ هن پاڻ ئي گهري رول ڪاڏا آهن؛ مون تہ صرف ماستر صاحب جي حڪم

پنو ڪتان ٿو، پر پاڻ ڪي خالي خالي ٿو محسوس ڪريان. لفظ سات ڏيڻ کان انڪار ٿا ڪن. پاڻ کي بيوس پيو سمجهان. سوچيان ٿو ته ڪهڙي نه الجهن ۾ وجهي ڇڏيائين! نيٺ لکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

منهنجي دل جي راڻي،

ناچاڪ هوس، تنهن ڪري ڪالهه اسڪول نه آچي سگهيس. مان به توکي ڏسڻ کان سواءِ سچو ڏينهن پئي تڙقيس. چوان، پر لڳائي تو وٽ پهچي وڃان، پر وَس ڪٿي ٿي هليو. مون کي به تو کان سواءِ ڪجهه منو ڪو نه ٿو لڳي. هيءُ خط تو کي ملي تنهن کان اڳ ئي صبوح جو تنهنجو چنڊ جهڙو چهرو اسڪول ۾ آچي ڏسندس. اسڪول ضرور ايندس.

پيارن مان، فقط تنهن جو........

خطن جو سلسلو جاري ٿي ويو. هر روز شام جو گوپيءَ جي گهر وارو ڇوڪرو هڪڙو خط ڪٺي ايندو هو ۽ موٽ ۾ اڳين شام واري خط جو جواب کٺي ويندو هو. اگر ڪنهن ڪارڻ مان خط تيار ڪري نه سگهندو هوس ته هوءَ ڏاڍو پريشان ٿي ويندي هئي، ڏوراپا ڏيندي هئي ۽ ”ڪنور“ به سڏيندي هئي. هوءَ اهڙا ته جذباتي خط لکندي هئي، جو پڙهندي دل جهپي وٺندي هئي، اندر ۾ بجلي ڊوڙي ويندي هئي، تن مِن تي هڪ عجيب سرور ڇائنجي ويندو هو. ڪاغذ تي سندس پيار گويا چوليون ماريندو هو ۽ منهنجي دل کي ٻوڙي ڇڏيندو هو. مون چاتو ٿي ته هوءَ پيار جا قصا پڙهي، انهن مان نازڪ جذبا جهٽي، پنهنجن اُڏمن سان انهن جو سنگم ڪري، سندر جڙت ڪندي هئي. مان پنهنجن صادق جذبن جو تتل قتل اکرن ۾ اظهار ڪندو هوس. آن وقت نڪو ڪو مان ليکڪ هوس ۽ نه ئي وري پريم جا قصا پڙهڻ جو شائق هوس جو انهن ۾ آيل اظهار جو سهارو وٺان. هوءَ هميشه شڪايت ڪندي هئي ته مان ڪيس وڏا وڏا پريم سان پرپور خط ڇو نٿو لکانُ. انهي جوڀن واري اوستا ۾ پريم - پتر انوکي مستيءَ جو احساس ڏِيندا آهن، عجيب نشو تاري ٿي ويندو آهي.

ٿيندا. ڪڏهين ڪڏهين انهن کي پڙهندو هوس تہ دل کي راحت ملندي هئي. ڪنهن وقت ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جو خيال بہ ڪيو هوم، پر سياسي سرگرميءَ جي چڪر ۾ ڦاسي وڃڻ ڪري اِهو ڪم رهجي ويوهو ۽ پوءِ ورهاڱي جي ردبدل ۾ آهي خط ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويا يا ڪنهن دوست وٽ رهجي ويا. ٻئي طرف گوپيءَ منهنجا موڪليل خط ڏپ وچان، پاڻ وٽ رکڻ بجاءِ، پنهنجي نوڪر ڇوڪري کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏيندي ويئي. هن خطن اڳتي هلي شهر ۾ وڏو زلزلو مچايو، جنهن جو ذڪر موقعي ۽ مهل تي ڪيو ويندو.

راڄنيتيءَ طرف جو پير وڌايم تہ وڌندو ئي ويو. قومي هلچل خاص طور شاگرد تحريڪ ۾ ڏاڍو سرگرم ڀاڱ وٺڻ لڳس. پهرين نوابشاهہ شهر ۾ پنهنجن دوستن سان گڏجي " فارورڊ اسٽوڊنٽس يونين" نالي سان هڪ سنستا کڙي ڪئيسين، جيئن وديارٿين ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪجي. اُن سنستا جي معرفت" فارورڊ اسٽوڊنٽس" نالي سان هٿ لکيل ماهوار بليٽن جاري ڪئيسين، جا اسڪول جي نوٽيس بورڊ تي لڳائيندا هواسون تہ شاگرد ان مان لاڀ وٺن. قوميت جي پاونا وڌائڻ لاءِ پيا بہ ڪيترا ڪم شروع ڪياسين. قومي ڪتابن جي لائبريري برپا ڪرڻ، قومي اڳواڻن جا جنم ڏينهن ملهائڻ ۽ اهڙن موقعن تي ڀاشڻ ڇتاپيئي رکڻ، قومي ڏينهن تي پربات ڦيري ڪڍڻ ۽ غريب بستين ۾ مفت دوائون ورهائڻ جو بہ جاري رکيوسين.

نوابشاهہ ضلعي ۾ ودياريي هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ شهر جي ڪانگريسي نيتائن مون کي پوري ضلعي جي مکيہ هنڌن تي دؤرو ڪرڻ لاءِ همٿايو. مان دؤري تي نڪتس. جتي بہ هاءِ اسڪول هو، اُتي هڪ ٻن ڏينهن جو پروگرام ٺاهيم-نؤشهرو، ڪنڊيارو، مٺياڻي، پڙيا، ٺاروشاهہ ۽ ٻين هنڌن تي ويس. هر اسڪول ۾ قومي ڀاونا وارا ماستر هوا، جن جي مدد سان شاگردن جا ميڙ سڏايا ويندا هوا، جن مان ديش پريم جي جذبي واريون تقريرون ڪندو رهيس. مڪاني ڪانگريسي نيتا بہ هنن ميڙن ۾ ايندا هوا. شاگردن سان منهنجي پريچيہ ڪرائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڏاڏي ساراهه ڪندا هوا ۽ شاگرد هلچل جو آسرندڙ ستارو ڪري پيش ڪندا هوا. ٿوري وقت اندر نوابشاهه ضلعي جي وديارٿين جي ڪانفرنس سڏائي ويئي، جتي مون کي ضلعي وديارٿي ڪانفرنس جو سيڪريٽري چونڊيو ويو.

ائين سال گذرندا ويا. مان وديارٿي هلچل ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهرو پوندو ويس ۽ نوابشاهه ضلعي جي ڪانگريسي نيتائن جو دلارو ٿيندو ويس. اُنهن ۾ مکيه هوا: نيوندرام وشنداس، ڪاڪو سچانند ڦيرومل ٺاواڻي، ميٺارام ڪلناڻي، ميارام، ڪاڪو ليينڊس، صوبيراج چوهڙمل ۽ ٻيا.

ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل آخرين منزل تي پهچي چڪي هئي- ٿورو تاريخي پس - منظر اکيان رکون. ١٩٣٥ واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تحت، جيڪي چونڊون ڀارت ۾ ١٩٣٧ ۾ ٿيون، تن ۾ مکيه ستن پرڳڻن ۾ ڪانگريس پارٽي وڏي گهڻائي ۾ کٽي آئي ۽ پنهنجون سرڪاريون ٺاهيائون. برطانوي سرڪار کي پرون پئجي ويا هوا ته ڪين هندستان مان بسترو گول ڪرڻو پوندو، پر هو اجان سلطنت شاهي گهمنڊ وچان، سگهي ضد تي قائم هوا ۽ ڀارت سان آزاديءَ جي سوال تي سمجهوتو ڪرڻ کان نابري واري ويٺا هوا. جلد ئي ١٩٣٩ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ جو بيوگل وڳو. هڪ پاسي هٽلر ۽ سندس ٻين فاشسٽ ساٿين ۽ ٻئي طرف برطانوي ۽ آمريڪي سلطنت شاهي طاقتن جي وچ ۾، يورپ ۽ ايشيا جي ملڪن تي قبضي ۽ لوٽ کسوٽ ۾ حصيداريءَ جي سوال تي انتر راشٽري سطح تي ڇڪري شروع ٿي ويئي هئي. هٽلر اوچتو پولينڊ تي حملو ڪيو ۽ رشيا سان سوديبازي ڪري اڌ ملڪ ڦٻائي ورتائين. سگهو ئي هن چيڪو سلوويڪيا تي چڙهائي ڪئي، جنهن انگلينڊ کي وچ ۾ آندو، پر برٽن پنهنجي کل بچائڻ لاءِ چيڪو سلوويڪيا کي صدقي جي ٻڪري بڻائي ڇڏيو. برٽن ۽ آمريڪا هٽلر جي خونخوار منصوبي کي روڪڻ بجاءِ کيس اڳتي وڌڻ ڏنو. سندس اِها ملين مراد هئي ته هٽلر رشيا تي حملو ڪري، ڪميونسٽ راڄ کي ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاٻاڻين جو پٽ جيل ويو.“ چاچي جي پڳ پنهنجن پيرن تي ڏسي، مان شرم ۾ ٻڏي ويس ۽ مون کي روئڻ اچي ويو. ٽوپي ڪٽي مون سندس مٿي تي رکي ۽ خاطري ڏيندي چيو: ”مان ڪو به اهڙو ڪم نه ڪندس، جنهن مان اسان جي خاندان جي عزت کي ڌڪ لڳي.“ وري به ڪين ڪوڙي تسڪين ڏني هئم. آزاديءَ لاءِ لڙڻ جو جنون سر تي سوار هو. آزاديءَ لاءِ لڙڻ وارن جا حيرت انگيز قصا، جن آزاديءَ مٿان پنهنجو پاڻ قربان ڪيو هو ۽ مرڪندي سوليءَ تي چڙهيا هوا، تن شير سپوتن جا شهادت جا قصا پڙهي چڪو هوس. انهن جي پيٺ ۾ منهنجي قرباني ته تڇ هئي. جيل ۾ ٿي ته ويٺو هوس. جوانيءَ ۾ اِها للڪار ته سر تري تي رکي قبول ڪبي آهي.

منهنجي چرپر تي بندش پئجي ويئي هئي. هڪڙو سي. آءِ. ڊي. وارو چوويهه ڪلاڪ ڪڍ لڳو رهيو. صبوح جو اٿان ۽ اوطاق (مهڙ واري ڪمري) ۾ اچان ته ڏسان ته ڪاري ٽوپي ۽ سلوار ڪڙتي ۾ ملبوس هڪڙو شخص، رستي جي ٻئي پار اسان جي گهر جي بلڪل سامهون، هڪڙي ننڍڙي لڪڙي هٿ ۾ ڦيرائيندو نظر پيو اچي. ٻه چار ڏينهن اِها روئداد ڏسي، محسوس ڪيم ته اِهو ”يمدوت“ منهنجي پٺيان لڳايو ويو آهي. منجهند جي نئهڻ اُس ۾ جڳهن جون ڪنڊون پاسا ڳولي پيو ڇانوَ ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪندو هو يا ٿوري وقت لاءِ مانيءَ جي بهاني وڃي ڪنهن هوٽل ۾ وهندو هو. شام جي وقت به آسي پاسي پيو گهٽين جا چڪر لڳائيندو هو. ڪافي دير بعد، جڏهين هنڪي لڳندو هو ته مان وڃي آرامي ٿيو آهيان ته هو به هليو ويندو هو.

ٻه - ٽي ڏينهن مون اِهو لقاءُ پئي ڏٺو. پوءِ ڪجهه قياس وڇان ۽ ڪجهه سونجهه وڇان، هڪڙي ڏينهن مون کيس اِشاري سان ڪوٺي ورتو. چيومانس: ”اُس ۾ ڇو پيو سڙين، اچي هت اوطاق ۾ ويهه. مون تي ڇوڪسي رکڻي اٿئي نه؟ هت ٿي وينو هج، پاڻي وغيره به ملندءِ ۽ ڇانوَ ۾ به هوندين.“ منجهند جي مانيءَ وقت کيس اچ ڪٽي سين ته اها به کائڻ وينو. هو پنجابي هو ۽ پنهنجو نالو سليمان خان ٻڌايائين.

۾ جلوسن ۽ مظاهرن تي پوليس لٺي بازي ۽ گوليبازي ڪئي آهي. جنهن ۾ سوين ڪونڌر ڪسجي ويا آهن. زالون، مرد ۽ ٻار. مهاتما گانڌيءَ جي سڏ ” ڪرو يا مرو“ کي ڪٿي ڀارت جي انقلابي جوانن ڀڄ ڊاهه جون زبردست ڪارروايون ڪيون آهن. سرڪاري جڳهن کي باهيون ڏنيون آهن يا بمن سان اُڏايو آهي. پوليس چونڪين تي حملا ڪري، هٿيار کسيا آهن، بئنڪن کي لٽيو آهي، بارود خانن کي اُڏائي ڇڏيو آهي، ٽرينون ڀڄائي ڪٿي ويا آهن، لوڪن جي انبوهن فوجين سان به مقابلو ڪيو آهي ۽ ڀيون اهڙيون ساهس ۽ دليريءَ جون وارتائون ٻڌي دل ڀرجي ايندي هئي. اِهي سڀ خبرون بليٽن رستي بمبئيءَ مان ڪراچيءَ پهچنديون هيون، جتي انگريزيءَ مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ بليٽن تيار ڪري سنڌ جي مکيه شهرن ڏانهن به - ٽي، ٻه - ٽي ڪاپيون موڪليون وينديون هيون،جن تان مڪاني لڪل پريسين مان سوين ڪاپيون تيار ڪري شهرن ۾ ورهايون وينديون هيون. ڪيترائي جانباز والنٽيئر هوا، جيڪي بليٽن جا ننڍا ننڍا بنڊل سٿڻ جي ورن ۾ وجهي، شهرن ۾ جدا جدا هنڌن تي پهچائي ايندا هوا، جتان عام ماڻهن ۾ ورهايون وينديون هيون. ڪيترائي اسان جا دوست سر جي سٽ ڏيئي، اِهو جوکم جو ڪم ڪري رهيا هوا.

هيءُ اُهو سمو هو، جڏهن آزاديءَ جو جذبو چوٽ تي پهتل هو، ” ڪرو يا مرو“ جو نعرو هر هنڌ گونجي رهيو هو. ڀارت جو نوجوان طبقو سر ترِيءَ تي رکي ٻاهر نڪتو هو ۽ لٺين - گولين جي سامهون سينو تاڻي بيٺو هو. سنڌ جي نوجوانن پڻ للڪار قبول ڪئي هئي ۽ هر ننڍي وڏي شهر مان سوين جوان گرفتار ٿي، جيل ڀري رهيا هوا. اسان جي نوابشاهه شهر مان به ڪيترائي گرفتار ٿي چڪا هوا. اسان جي گروپ، جيڪا هلچل جي سونهپ ڪري رهي هئي، تنهن جو به وارو اچي ويو. هڪئي وقت اسان ڇهن ڄڻن - ڊاڪٽر هاسارام راوتاڻي، روچيرام ٿاواڻي، ڪرشن گرناڻي، پرتومل (پيڙي ورڪرس جو نيتا)، گلاب ڀگواناڻي، هرچند (بليٽون ورهائڻ جو ڪم ڪندو هو) ۽ مون کي گهرن

مان ڪٺي آچي پوليس لاڪ آپ ۾ بند ڪيائون. هڪ ٻئي پٺيان ايندا وياسون ۽ هڪٻئي کي هڪ هنڌ ڏسي ڏاڍو خوش ٿياسون. ائين پئي لڳو تہ اسين بنديخاني ۾ نہ پر تيرٿ آستان تي آيا هواسون. دلين ۾ وڏي اُتساهہ جي لهر هئي ۽ گرفتاريءَ ۾ فخر ۽ خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو هو. هڪٻئي سان پنهنجا آزمودا ونڊڻ وياسون.

هفتو کن اسين لاڪ آپ ۾ رهياسون. ان وچ ۾، گلابَ جو پيءُ جيڪو پوليس کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ هو، سو پنهنجو اثر هلائي، شايد ڪجهہ لکي ٻہ ڏنو هجائين، پٽ کي مجائي، ڪيس ڇڏائي ويو. باقي اسان ٻين کي راڄنيتي قيديءَ جي حيثيت ۾ سي ـ ڪلاس ڏيئي حيدرآباد سينٽرل جيل ڏانهن موڪليو ويو. ڊاڪٽر هاسارام راوتاڻي جي سماجڪ حيثيت جو خيال رکي ڪيس بي ـ ڪلاس ڏنو ويو، جيڪو پڻ ڪيلڪٽر مسعود سان جيل اندران لکپڙهہ ڪري جلد ئي پاڻ ڇڏائي هليو ويو. باقي رهياسون اسين پنج ڄڻا. اسان گڏجي هڪ عريضو تيار ڪيو ۽ جيل اختياريءَ وارن جي معرفت نوابشاهہ جي ڪليڪٽر مسعود کي موڪليوسين، جنهن ۾ اسان اِهو ڄاڻايو تہ اسين عام ڏوهاري نہ پر سياسي قيدي آهيون، سيئي پڙهيل ڳڙهيل ۽ عزتدار نگرواسي آهيون، اسان تي ڪو بہ ڏوهہ ثابت نہ ٿيو آهي، شڪ ۾ نظربند ڪيا ويا آهيون، تنهن ڪري اسان کي رواجي ڏوهارين وانگر سي ڪلاس ۾ بند ڪرڻ قانون ۽ انصاف جي خلاف آهي. اسان تہ ڪٿي اِهو ڊارو لڳايو هو، پر اسان جي حيرت جي حد نہ رهي، جو ٻہ هفتائي نہ گذريا هوا تہ جيل جي سپاهين آچي ٻڌايو تہ اوهان لاءِ بي ـ ڪلاس جا آرڊر آچي ويا آهن. سياويڪ اسين ڏاڍو خوش ٿياسون، جو جيل ۾ اسان کي بهتر سهوليتون مليون هيون ۽ رواجي ڏوهارين جي ٻئرڪن کان پاسيرا ڪيا وياسون.

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ اسان کي ٻہ مهينا رکيو ويو. اُتي جيل جي رواجي حياتيءَ کان سواءِ، جيڪا دلچسپ ڳالهہ هئي، سا هئي ڏوهارين جون حيرت ڪاڏڙ روچڪ ڪهاڻيون ۽ ڏوهن جا دلچسپ داستان! جيل جي دنيا پنهنجي قسم جي هڪ محدود گنهگارن جي دنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هر هڪ گنهگار وٽ پنهنجي هڪ رنگين ۽ عجب ڀري ڪهاڻي آهي. ڪيترا اسان سان اردليءَ جي حيثيت ۾ ملندا رهندا هوا. مٿو ڳالهائڻ ۽ ٿوري همدردي ڏيکارڻ تي ڇلي پوندا هوا. انهن مان ڪي اهڙا به پاتر هوا، جن جون پريم - ڪهاڻيون حيرت انگيز آهن، پر انهن جو انت ڏکدائڪ ٿي رهيو آهي. ڪن جون محبوبائون ڀڄايون ويئون آهن ۽ جاگيرداري ڏاڍائي ڪري، وڏيرن ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ آڙائي جنم ٽيپ ڏياري آهي. ڪن حالتن ۾ ته هنن کي مارائي ڇڏيندا آهن ۽ عورتن کي سريتون ڪري، ڪوٽ اندر قابو ڪري رکندا آهن. ڪن وري پنهنجين پريمڪائن جي بي وفائي ڪارڻ "ڪارو ڪاري" (پنهنجي عاشق ۽ معشوق جو قتل) ڪري ڪنڌ اوچو رکي وڃي پوليس ٿاڻي ۾ پاڻ پيش ڪيو هو ۽ هاڻي عمر ڀر جو قيد ڀوڳي رهيا آهن. ڪي وري پنهنجين محبوبائن کي گهرن مان ديناداستي ۽ دليريءَ سان ڀڄائيندي پڪڙيا ويا ۽ جيل ۾ سڙي رهيا آهن.

ٻيا وري اهي به ڏوهاري آهن، جيڪي بهادر، همت وارا ۽ غيرتمند هوا، جن ظالم ۽ بي - رحم وڏيرن، بد اخلاق ۽ بي حياءَ آفيسرن، خلق کي آزاريندڙ، مال ڦٻائيندڙ ۽ حق دٻائي ويندڙ شخصن کي، غيرت وچان يا ووڪ جي همٿائڻ تي، ترت سزا ڏيڻ جي ارادي سان قانون کي هٿ ۾ کڻي، ڪن جا ڪنڌ ڪپيا يا ٻانهون ٽنگون ڀڃيون ۽ ڪين لولو لنگڙو بڻايو ۽ جيل ڀوڳي رهيا آهن.

ٽيون قسم عادي يا فطرتي ڏوهارين جو آهي. جئن ته چور، ڌاڙيل، ٺڳ، ڳنڍڇوڙ، زاني وغيره. هنن مان هر هڪ قسم جو هڪ پنهنجو طور - طريقو چترائي ۽ هنرمندي آهي. هر ڪنهن جو قصو اهڙو روچڪ ۽ هرکائيندڙ آهي، جو ٻڌندي تيرس وڌيو وڃي. ڌاڙيلن ۾ ڪي وري اهڙا آهن، جيڪي پنهنجي ڪارنامي کي بهادريءَ جو عمل به سمجهندا آهن. هڪڙو اهڙو مشهور ڌاڙيل، محمد صالح بالادي منهنجي قريب آچي ويو. پيلي ٽوپيءَ وارو هو، جنهن جو مطلب هو ته جنم ٽيپ ڪاٽي رهيو هو. ننڍن سزائن وارن قيدين کي آڇي ٽوپي هوندي هئي.

ڪافي حجت ٿي وڃڻ کان پوءِ چاهنا پيدا ٿي ته هيڏي وڏي ڏاڙيل جي زندگي جي ڪارنامن جون ڪيّ جهلڪون ڇاڻان. هڪڙي ڏينهن ان وشيه تي چيڙيومانس. پهرين آناڪاني ڪيائين. پوءِ نهي نڪي اسان جي ٻئرڪ جي ٿلهي تي پاٿاري پائي ويهي رهيو. مون به پنهنجي ڪونيءَ مان ڪاٺ جو اسٽول سيري ورتو ۽ ان تي سندس سامهون ويهي رهيس. ڏاڙي هٺڻ جي طريقي جو روچڪ ۽ دل ڏهڪائيندڙ داستان هن، هن ريت شروع ڪيو: پهرين اسين ڪنهن ڳوٺ کي چونڊيندا آهيون، جنهن ۾ ڪو وڏو مالدار ٻوتار هجي. هندو هجي چا مسلمان، رڳو مال متاع جام هجيس. پوءِ ڏاڙي هٺڻ جو منصو ٺاهيندا آهيون. ڏاڙي ۾ پنجن کان سٺن تائين همراهه ڪپن. پهرين پنهنجا ماٺهو (جاسوس) چڏي سجي ڳوٺ جو واءُ سواءُ ونندا آهيون. پاڳئي جي حوالي وغيره جا سمورا ڏس پتا ۽ آسپاس جو احوال به حاصل ڪري وٺندا آهيون. پوءِ ڏينهن ڏئي، ديناداستيءَ گهوڙن تي سوار ٿي بندوقون ڪلهن تي رکي، ٺاپ ٺاپ ڪندا، سري بازار ڳوٺ ۾ گهڙندا آهيون ۽ هڪ ئي وقت پنجن سٺن بندوقن مان گوليون ڇوڙي فضا ۾ هيبت ڦهلائي ڇڏيندا آهيون. ڳوٺ ۾ سيني جي دلين تي ڏهڪاءُ پيدا ٿي ويندو آهي ته ڏاڙيل آچي ويا. وائويلا مچي ويندي آهي. هراسيل ڳوٺاڻا گهرن ۽ دوڪانن اندر پچندا ۽ اندران در پائي ساهه مٺ ۾ جهلي لڪي وهندا آهن. اسين ”ٺاپ ٺاپ“ ڪندا پاڳئي جي حويليءَ جي مکيه دروازي تي پهچنداسون. اگر شرافت سان دروازو کوليو ويو ته ٺيڪ، نه ته دروازو ڀڃي اندر داخل ٿينداسون. سجي حويليءَ ۾ ٻاڪر ڪٿو مچي ويندو. عورتن جون ريهون ۽ چيخون ۽ ٻارن جو روج ۽ راڙوا بندوقن مان فاير ڪري، سيني کي خاموش ڪرائينداسون. زالن ۽ ٻارن کي هڪڙي ڪمري ۾ واڙي، بند ڪري، ٻاهران ڪڙو پائي، هڪ بندوقباز کي بيهاري ڇڏيندا آهيون. ڪجهه هٿياربند ساٿي دروازي کان ٻاهر ڪڙا ڪندا آهيون، جيڪي پهرو ڏيندا آهن، جيئن اسان کي مصيبت وقت آگاهه ڪري سگهن. مردن کي وچين ڪمري ديوان - خاني ۾ گڏ ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي هليو ويو.

هڪڙو ٻيو وري" شهاڻو" چور مليم، جيڪو ڏسڻ ۾ درويشي صورت پئي لڳو. سفيد لنبي چاپئين ڏاڙهي، مٿو سڄو اڇو، جنهن مٿان ڪارو ڪلاه (درويشن واري روايتي ٽوپي)، گهگهو به سفيد، پيرن تائين سنياسين وانگر پائيندو هو. هٿ ۾ به جوڳين وارو ٿلهو ڏنڊو رکندو هو، جنهنکي گنگهرو ٻڌل هوا. قلندرن وانگر "الله هُو...... الله هُو" اُچاريندو ۽ گهنگهرو وڄائيندو، مستيءَ ۾ حيدرآباد شهر جون گهٽيون ۽ رستا ڪڇيندو رهندو هو. ڪرامت سڄي ڏنڊي جي هئي. ڪاٺ جو ڏنڊو ڪافي ٿلهو، پر اندران ٺي اندران سڄو پورو هو. مٿيون اٽڪل ڇهن اِنچن جو هٿيو، الڳ هو، جيڪو باقي حصي ۾ مضبوطيءَ سان ڪتل هو ۽ ڪڏهين به ڪيي الڳ ڪري، وري اُن ۾ ڪپائي سگهبو هو. ڏنڊي جي پڇاڙي لوهي چلي سان مضبوط ٿيل هئي.

هن درويش ٽائيپ چور جو روپ رنگ ۽ وهنوار دوکو ڏيندڙ هو. گهٽو ڪري جواهرين جي دوڪانن تان چوريون ڪندو هو. پهرين ته ٻه ـ ٽي دفعا، خيرات جي بهاني ڪنهن وڏي جواهريءَ جي دوڪان تي چڙهي ويندو هو. دوڪان جي پوري جاگرافي جاچي ونندو هو. دريون، دروازا، منگهه، روشن دان، ڇتيون ـ پٽيون، اڳيان ـ پٺيان يا پاسي جا گهٽيون جا لنگهه ـ مطلب ته دوڪان جو پورو نقشو ذهن ۾ ڇٽي ونندو هو ۽ خاطري ڪري ونندو هو ته دوڪان ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ جو ڪهڙو سولو ۽ سلامتيءَ وارو طريقو آهي. پوءِ وشواس سان ڪنهن رات منگهه، روشن دان، دريءَ يا ڇت مان سرون پاسي ڪري اندر ٽپي ايندوهو. پوءِ قيمتي ۾ قيمتي جواهرات ڏنڊي جي پور ۾وجهي اُن کي پريندو ۽ مٿان هٿيو زور سان ڪپائي ساڳئي لنگهه مان ٻاهر نڪري ايندو. گهٽيءَ ۾ پهچي الله هُو.... اَلله هُو" ڪندو ڪندو، گهنگهرو وڄائيندو هليو ويندو هو. ڪوبه شڪ جو نشان ڪو نه ڇڏيندو. پوءِ ٿوري وقت لاءِ ماٺ ڪري ويهي رهندو. وڏي آل عيال وارو هو. پٽ پوٽا، پوٽيون، ڏيٺرون، ننهرون به هيس.نندي هوندي کان چوريءَ جي عادت پيئي

پورهيو ڪرايو ويندو هو. رواجي شين ۽ چوپائي مال وانگر غلامن جا مارڪيٽ لڳندا هوا، جتي ڪين خريديو ۽ وڪيو ويندو هو. غلامن جون بغاوتون ٿيون، پوءِ مس مس وڃي ڪين ٿورا حق مليا. ٻئي دؤر ۾ جاگيرداري نظام آيو، جنهن ۾ رشتو ڦري ڪاشتڪار ۽ زميندار جو ٿيو. جنهن ۾ زميندار ڪي مارڻ يا وڪڻڻ جو حق ته ڪو نه رهيو، پر بنيادي رشتو ساڳيو رهيو، جنهن ۾ ڪڙمي جو وڏو حصو زميندار کڻي وڃي عيش ڪري، باقي ٿورو حصو پيٽ گذر لاءِ ڪڙميءَ کي ملي. جڻ هو حيات رهي، خون چوسيندڙ زميندار لاءِ آناج اُپائيندو رهي. هارين - نارين پڻ اهڙي بي - انصافي ۽ ذلت خلاف لڙايون لڙيون، جيڪي تاريخ ۾ "ڪسانن جون لڙايون" شماريون ويون آهن. آخرين دؤر ۾ صنعتي (هنري) انقلاب ڪان پوءِ مزدور ۽ ڪارخانيدار جو نئون رشتو وجود ۾ آيو. مول ڳالهه ته ساڳي رهي، ته مزدور خون پسينو هڪ ڪري ڪارخانن اندر مال پيدا ڪري، ٻئي طرف ڪارخاني جو مالڪ پيداوار مان منافعي جي صورت ۾ سڄو مال هڙپ ڪري وڃي، باقي مزدوريءَ جي صورت ۾ کيس ايترو ڏئي، جو هو جيئرو رهي مال پيدا ڪندو رهي.

انساني سماج، تمام اوائلي دؤر کي ڇڏي، ٻن طبقن ۾ ورهايل رهي آهي. هڪڙا اُهي آهن، جيڪي محنت ۽ پورهيو ڪري، انسان جي گهرجن لاءِ سڀ ڪجهه پيدا ڪن ٿا ۽ ٻيا اُهي ٿورا آهن، جيڪي پيداوار جا وسيلا پنهنجي هٿ ۾ ڪري وٺا آهن ۽اُن جو ٿوري ۾ ٿورو حصو اُنهن کهڻن ڏانهن اُڇلائين ٿا ۽ شينهن واري ڦاندڻي پنهنجي کيسي جي حوالي ڪن ٿا. صدين ڪان دنيا جي سيني سنتن - پيغمبرن اهڙي انيائي وهنوار ۽ ستاءَ کي ننديو آهي ۽ حق ۽ انصاف جي سڌ هنئين آهي، پر ڪو به خاطرخواهه حل ڳڌائي نه سگهيا ۽ اهڙيون پوتر پڪارون تاريخ جي ورقن ۾ ٻوساٽجي رهجي ويئون. پوءِ "سماجواد" (انساني برابريءَ جي فلاسافي) جا پيغمبر پيدا ٿيا - ڪانت، هيگل، انگلس ۽ ڪار مارڪس. جن هزارن سالن جي انساني سماج جي اوسر جي تاريخ جو ڇيد ڪيو، طبقاتي لوٽ کسوٽ جي تهه ۾ وڃي، سماج جي صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متاثر ٿي چڪو هوس. جڏهين به هو نوابشاهه شهر ۾ ايندو هو ته چڪري بازار ۾ سندس پاسڻ-رکيو ويندو هو. مان ضرور پڏڻ ويندو هوس ۽ يڪ ٽڪ اکيون لڳائي سندس پاسڻ ۾ محو ٿي ويندو هوس. ساڏارڻ ٻوليءَ ۾ ڏاڍي نهر سان ڳالهائيندو هو، پر دليلن سان، منطقي لحظي ۾ لس ئي لس ڪنپيندو ويندو هو. دل ۾ چوندو هوس ته مان به هن وانگر پاسڻ سکندس....

سوپي ۽ ڪانگريس نيتائن جي وچ ۾ سپاويڪ طور سياسي بحث ڇڙندا هوا. ڦرندي گهرندي آچي گانڌيواد ۽ سماجواد جي بنيادي متن تي ٽڪر ٿيندو هو. ڪنهن به راڄنيتي فلسفي جا ٻه ڇتا پهلو آهن: هڪڙو آهي مول مت يعني اصول ۽ آدرس ۽ ٻيو آهي ان کي حاصل ڪرڻ جون راهون ۽ رستا يعني عملي پروگرام. سوپو پهرين نڪتي تي بحث ۾ چوندو هو ته ”گانڌيواد“ ڪنهن به تاريخي فلاسافيءَ جي بنياد تي ٻڌل ڪونهي. وتس ڪي به مت متانتر ڪونهن. سندس ويچار انفرادي آدرشواد جا نمونا آهن. ان کي ڪنهن به پڪي پختي مت (ٿيئري) جو روپ نٿو ڏيئي سگهجي. ڪڏهين ڪڏهين ته اِهي مهاتما گانڌي جي شخصي ريچڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿا ٿين، جيڪي ڪڏهين ته سندس پرم ششن ۽ پوئلڳن کي به منجهائي ٿا ڇڏين. پوءِ هو غير حاضريءَ واري سمجهاڻي ڏيئي، حالتن کي بچائي ونڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان باري ۾ هو ڪيترائي مثال ڏيندو هو. ٻئي طرف ڪانگريسي نيتائن جو گانڌيجيءَ ۾ ايترو ته اٽل وشواس هو، جو هو ”گانڌيجيءَ جي خلاف ڪا به ننڍڙي ۾ ننڍڙي نقطه چيني به سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار نه هوا. گانڌيجيءَ جي اُصولن، آدرشن ۽ هدايتن کي پٿر تي لڪير سمجهندا هوا. خاص طور جيرامداس دولترام جيڪو مهاتما گانڌيءَ جي تمام نزديڪ رهيو هو، منجهس پورن وشواس هوس. سندس هر هڪ نڪتي کي بچاءَ لاءِ دليل پيش ڪندو هو.

ٻيو نڪتو، جنهن تي گرما گرم بحث ٿيندو هو، سوهو آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسا جو هٿيار. سوپو پنهنجي وشال اڀياس ۽ سياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورچي ۾ هاٿي انگلينڊ، آمريڪا، رشيا، فرانس، چين ۽ ٻيا ملڪ ٻـ اچي ٿي ويا. ڀارت جي آزاديءَ جو سوال ٿوري وقت لاءِ پاسيرو رکجي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهڙي فيصلي خلاف ڀارت واسين ۾ زبردست تاءُ پيدا ٿيو ۽ ماڻهو کين غداريءَ جو لقب ٻـ لڳائي رهيا هئا.

سوڀي گيانچانداڻيءَ جهڙا ڪميونسٽ، پارٽيءَ جي اهڙي فيصلي جا پابند ڪو نـ هئا. اهو ئي ڪارڻ هو جو هن ڪراچيءَ ۾ وديارٿين جي اڳواڻي ڪئي هئي. سندس ڪيترن ساٿين ٻيچ ڏاهـ جون ڪارروايون ڪيون هيون. هو هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت روپوش ٿي ويو هو ۽ پوءِ پڪڙجي جيل اندر اچي پهتو هو. پر چاڪاڻ تـ مٿس ڪميونسٽ هئڻ جو ٺپو لڳل هو ۽ ڪميونسٽ وروڌي فضا جيل اندر ٻـ هئي، سياويڪ منهنجي خلاف ٻـ رنجش آئي هئي. پل آها تنگدلي هئي، پر ان وقت ديش ڀڳتيءَ جو جذبو حاوي هو ۽ عام ڀارت واسي اهڙو سخت ردعمل ظاهر ڪرڻ ۾ حق بجانب هئا. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو ٻي عالمگير جنگ طرف رويو ۽ "ڀارت ڇوڙو" هلچل طرف رخ تي ڳالهائڻ يا فتوا ڏيڻ لاءِ مان پاڻ کي اختياريءَ وارو ڪو نـ ٿو سمجهان. پر مان پنهنجي عام ڄاڻ ۽ دل جي فتوي تي ائين ٿو محسوس ڪريان تـ ڪميونسٽ پارٽيءَ پنهنجي تاريخ ۾ ١٩٤٢ جي زماني ۾ سخت چوڪ ڪئي هئي. ائين ڪلمڪلا "ڪئٽ انڊيا" جي مخالفت ۽ جنگ جي طرفداري، ايتري قدر جو سياش چندر بوس جهڙي مهان ديش ڀڳت کي غداريءَ جو لقب لڳائڻ، وڏي ڀاري ڀل هئي، جنهن جو نتيجو منهنجي سمجهہ موجب ڪميونسٽ پارٽي اڄ ڏينهن سوڌو ڀوڳي رهي آهي. ڪو اهڙو رستو ڳولهي ڪڍجي ها، جو ائين نـ لڳي ها تـ ڪميونسٽ ديش جي آزاديءَ جي مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ اڻسڌي نموني برٽش سلطنتشاهيءَ جا طرفداري بڻجي ويا آهن. سوويت يونين جا بنا ڪنهن واسطي جي زوريءَ جنگ ۾ اڙجي وڃڻ، برابر هڪ اهم مدو هو، پر اهڙو نـ، جو قومي آزاديءَ جي جذبي کي ضربي ڇڏجي.

سکر جيل ۾ نظربنديءَ جي دؤران ٻيو هڪ زبردست واقعو ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جيل ۾ پڻ قسمن جا قيدي هئا. هڪڙا هواسين اسين نظربند، ڪيو ڪلاس وارا قيدي ۽ ٻيا هئا عام رواجي راڄنيتي قيدي، جن آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀاڱي ورتو هو. سرڪاري قانون ٽوڙيا هئا، يا ٻيچ ڏاهڻ جون ڪارروايون ڪيون هيون يا جلوس ڪڍي پاڻ کي پڪڙايو هو ۽ ڪورٽن رستي سزائون ڪاٽي جيل ڪاٽي رهيا هئا. ڌار ڌار مدي جون سزائون هيون. ڪن کي مهينا ته ڪن کي سال، ڏوهه تي مدار هو. سکر ۾ ٻه - ٽي سؤ اهڙا راڄنيتي قيدي هئا. هنن جون بئرڪون، اسان کان ٿورو پري الڳ هنڌ تي هيون. هڪڙي ڏينهن جيل جي سپاهين ۽ هنن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪر ٿي پيو هو. سپاهين مٿن لٺيون هلايون هيون ۽ کين ڌورڻ وانگر ڏڪي بئرڪن اندر بند ڪيو هو. رواجي طرح هنن کي سڄ اڀرڻ کان سڄ لهڻ تائين کليو ڇڏيو ويندو هو. بئرڪن ۾ واڪو واڪن ۽ نعريبازي شروع ٿي ويئي هئي. جڏهين اسان کي خبر ملي ته اسانجي بئرڪن وارن پڻ جيل اختياريءَ وارن خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪيا. سوڀي چيو، ”هل ته هلون، ڏسون ڇا ٿيو آهي؟“ سوڀو، مان ۽ علي مڪراني تڪڙو تڪڙو بئرڪ کان ٻاهر نڪري آياسون. علي مڪراني، ڪراچيءَ جي لياري علائقي ۾ بلوچي مڪرانين جو ليڊر هو. اسين راڄنيتي قيدين جي بئرڪن طرف ڀڳاسون. پر هٿياربند سپاهين اسان کي روڪي ٻيهاريو. پوءِ اسين جيل جي آفيس طرف ڊوڙياسون، ته جيلر کان دريافت ڪريون ته ڪهڙي ماجرا آهي. پر اُتي به پوليس جو پهرو بيٺو هو ۽ اسان کي اڳتي وڌڻ نه ڏنائون. اسانکي غصو اچي ويو ۽ جيلر خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪياسون. جيلر جو نالو هو چنچلداس. اسان نعرو هنيون: ”چنچل ٻچا هاءِ هاءِ! ڏوڙ منهن ۾ پاءِ پاءِ!“ واپس پنهنجي بئرڪ طرف موٽي آياسون. ڪنهن نموني هڪٻئي کي ڏڍ ڏيئي ۽ هٿن کان ڇڪي ڀت تي چڙهياسون ۽ بئرڪ جي ڇت تي وڃي بيٺاسون ۽ جيلر خلاف نعرن جي ڌوم مچائي ڏنيسين: ”چنچل ٻچا هاءِ هاءِ! ڏوڙ منهن ۾ پاءِ پاءِ! انقلاب زنده آباد ! پارٽ ماتا کي جئه...“ بئرڪ جي ساٿين سر ۾ سر ملايو. مراد اِها هئي ته اسان جي راڄنيتي ساٿين کي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن پوليس جي وهنوار خلاف اعتراض آتاريو هو، تن کي چاڻ پوي تہ اسين پڻ سندس ساڻ آهيون. جيل ۾ هل هنگامو مچي ويو، گويا قيدين بغاوت ڪئي هجي. جيل اختياريءَ وارا ڳهبرائجي ويا. هنن تيليفون ڪري ٻاهران هٿياربند پوليس جو اتالو گهرائي ورتو. فوجي وردي پيل سپاهي، بندوقون ڪلهن تي ثاپ ثاپ ڪندا، جيل اندر داخل ٿيا. انهن مان ڪي اسان جي بئرڪ کي گهيري ويا ۽ بندوقون سڌيون ڪري، اسان ڏي تاڻي بيٺا ۽ هيٺ لهي اچڻ جو حڪم ڏنائون. ٻيءَ حالت ۾ گولي هلائڻ جو دڙڪو ڏنائون. هيٺ بيٺل سپيني ساٿين زوردار واڪا ڪري اسان کي هيٺ لهي اچڻ لاءِ چيو. آسين نيٺي هيٺ لهي آياسون.

يارهن مهينن جي نظربنديءَ کان پوءِ اسان کي سکر جيل مان رها ڪيو ويو. هلچل تڏي پڄجي ويئي هئي. وڏن قومي نيتائن کي ڇڏي، باقي ننڍن ڪمر ڪندڙن کي آهستي آهستي، ٻن چئن جي ٽولين ۾ ڇڏيندا ويا. سياويڪ يارهن مهينن جي بنديخاني کان پوءِ ٻاڻ کي کليءَ هوا ۾ آزاد پائي بيحد خوش هواسون. پنهنجي گهرن ڏانهن موٽڻ جي پربل اڇا هئي. جيل اختياريءَ وارن وٽان سکر کان پنهنجي شهر تائين قانون مطابق اسان کي سفر ڪرڻ لاءِ مفت پاس ملي هئي. سڄو ڏينهن شهر ۾ گهمي اسان شام واري ميل پڪڙي، صبوح جو سوير اچي پنهنجي محبوبڙي شهر نوابشاهہ ۾ پهتاسون.

شهر ۾ اڳوات هڪڙو وڏو ڌماڪو ٿي چڪو هو. هن ڳالهہ جي باري ۾ مان اڳوات ٿي اهڙو اشارو ڏيئي آيو آهيان. گوبيءَ کي لکيل منهنجن خطن کي ڪٿي شهر ۾ وڏو چوٻول مچي ويو هو. مان اڳيان چئي آيو آهيان تہ هوءَ منهنجا لکيل خط گهرو نوڪر کي سنڀالي رکڻ لاءِ ڏيندي ويندي هئي. جڏهين چوڪرو پڪڙجي پيو تہ ڪيس مار ڏيئي نوڪريءَ مان هٽايو ويو. ڪافي دير کان پوءِ شايد ساڙ ۽ غصي ۾ يا لوڀ لالچ ۾ اچي، هن اِهي خط ڪنهن جي حوالي ڪيا ٿا ڏسجن، جنهن چڱي مڙس ان بنياد تي بدناموسيءَ جو منصوبو تيار ڪري ورتو.

هت اِها ڳالهہ چٽي ڪرڻ جي ازحد ضرورت آهي. سنڌ جي اڪثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو پيار!“ مان اُتي ئي ڄمي بيهي ويس. منڙو، منڙو آواز آيو. هوءَ چئي رهي هئي: ” مون تو کي سچو پيار ڪيو آهي. مان صرف تنهنجي آهيان، تنهنجي لاءِ ترسنديس. تون منهنجي لاءِ ضرور ترسجانءِ.....“ منهنجي دل گويا ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪرڻ تي هئي. گوپيءَ جي اهڙي پيار جي اظهار تي سچ پچ مان اهڙي ڪيفيت ۾ هوس، جنهن جو بيان ڪرڻ لفظن جي وس جي ڳالهه نہ آهي، جڻ هڪ مدهوشي طاري ٿي ويئي هئي.

ڇا اهڙي حالت کي ئي پريم ۾ پاڳلپڻو چئبو آهي، مان نٿو ڄاڻان، پر اهڙو ڪجهہ هو، جنهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، پر اظهاري نٿو سگهجي. اهڙي نيم سجاڳ حالت ۾ منهنجي زبان مان نڪتو: ” ها، مان ترسندس گوپي!“ بلڪل انهيءَ پل دروازو بند ٿي ويو. لڳو گهر اندران ڪوئي شخص سندس پٺيان اچي بيٺو هو ۽ هن ڇرڪجي، دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو هو. ائين پيار جي مذر موٽ پائي ۽ پيار جو سچو قول ڏيئي، مان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويس.

الله بخش جي حمايتن سنڌ جي مسلمانن کي ليگ جي زهري اثر کان ڇڏائڻ لاءِ ڪراچيءَ مان روزاني "آزاد" اخبار شروع ڪئي. مون کي .پائڻو" ميارام جي معرفت آڇ ٿي تہ مان شام جي وقت ٿوري وقت لاءِ اُن ۾ ڪم ڪريان. مون هڪدم آڇ قبول ڪئي.هڪ طرف مونکي سکڻ جو وجهہ ملي رهيو هو ۽ ٻئي طرف اخباري پيڪٽر ۾ منهنجي آجيوڪا جو مسئلو حل ٿي رهيو هو ۽ وري پريس هئي بہ هاسٽل جي بلڪل پَر ۾. مون کي شام جو ستين بجي کان يارهين بجهي تائين رائٽر معرفت آيل خبرن کي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ آڻڻو هو. منهنجي لاءِ دلپسند ڳالهہ هئي. اخبار نويسيءَ ۾ اهو سمو ڄڻ منهنجي لاءِ ٽريننگ جو وقت هو. "آزاد" اخبار فرقيپرست "الوحيد" روزاني اخبار جي مقابلي ۾ نڪتي هئي. "الوحيد" سنڌ مسلم ليگ جو "مائوٿ پيس" هئي ۽ رات ڏينهن قومپرست رهنما الله بخش خلاف زهر اوڳاريندي رهندي هئي.

"آزاد" اخبار ۾ ڪم جي اُجوري لاءِ مون کي پنجاهہ روپيا ملڻ لڳا. هاڻي مون کي پورو آٿت آيو. ڪافي سنجم ۽ ڪفايت سان هلندو هوس. ٻہ ويلا سادو کاڌو کائيندو هوس. پوءِ جي ڪوٺ ٿيندي هئي تہ پڪيءَ طرح ياد اٿم تہ اجان بہ صرفو ڪندو هوس. رات جي ويلي تي مان ڪَتل يا گجرون کائي، ڪچهري روڊ تي هڪ کير واري وٽان کير جو گلاس، پيي ڇڏيندو هوس ۽ هڪ ويلو بچائي وٺندو هوس. ساڳيو ويلو جي مان هاسٽل جي ڪئنٽين ۾ کاوان تہ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ روپيا لڳن ها. پر هن نموني ٻن آڌائي روپين مان ڪم هلي ويندو هو.

هوڏانهن ٻئي طرف سوپو گيانچنداڻي، شانتينڪيتن مان پنهنجو آخرين امتحان ڏيئي پنهنجي ڳوٺ ٻنڊي (لاڙڪاڻي ضلعي) ۾ پهتو. ٿورو وقت ڳوٺ ۾ رهي، پوءِ اچي پنهنجي ماڳ ڪراچيءَ پيڙو ٿيو. سنڌس اچڻ سان ئي وديارٿي هلچل ۾ وري چرپر شروع ٿي ويئي. ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي آفيس ۾ چهل پهل مچي ويئي. نوان - پراڻا چهرا اچي گڏ ٿيا. مان ۽ گوبند مالي بہ اُتي گڏياسون. وديارٿين ۾ ٻہ ڌريون هيون. هڪڙيءَ ڌر جي وفاداري ڪانگريس پارٽيءَ جي طرف هئي، ٻيءَ

ڏر جي وفاداري ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏانهن هئي، پر ٻئي ڏريون ڪراچيءَ اسٽوڊنٽس يونين ۾ گڏجي ڪاريہ ڪنديون هيون. سياسي مخالفت ۽ متڀيدن جي باوجود وديارٿين جي سوالن ۽ حقن بابت هو هميشہ يڪراءِ ۽ يڪمشت هوا ۽ اگر ڪا لڙت ٿيندي هئي، تہ ٻئي گڏجي هٿ هٿ ۾ ملائي بيهنديون هيون.

جڏهن نئون سال شروع ٿيو تہ فين جي سوال تي ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي اختياريءَ وارن سان اسٽوڊنٽس يونين جو ٽڪر شروع ٿي ويو. ڪاليج جي نوٽيس بورڊ تي جڏهن نئي فيون وڌائڻ جو سرڪيولر لڳايو ويو تہ يونين هڪدم هڙتال جو سڏ ڏنو. سوريي جي اڳواڻيءَ هيٺ اسين سڀ سرگرم، وديارٿي ڪاليج جي مکيہ دروازي وٽ ملياسون، زوردار تقريرون ڪري شاگردن کي اپيل ڪئيسين تہ فيون نہ ڀريو ۽ اعتراض ۾ ڪلاس ڇڏي ٻاهر نڪري اچو. ميڙ ختم ٿيو تہ اسين سڀ الڳ الڳ ڪلاسن ۾ گهڙي وياسون، وديارٿين کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ. مون اُن ۾ تمام تکو ڀهرو ورتو. پهريون ڪلاس جيڪو منهنجي سامهون آيو، نعرا هڻندو گهڙي ويس. اتفاق اِهو، جو اُتي انگريزي ساهت جو مشهور اُستاد، جبري شخصيت جو مالڪ ٽي. ايم. آڏواڻي (جيڪو پوءِ هتي ڀارت ۾ ممبئي ۾ جئہ هند ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو) ڪلاس کي وليم شيڪسپيئر پڙهائي رهيو هو. مان ڪاليج ۾ نويل هوس. ٽي. ايم. (مختصر ۾ ڪيس ٽي. ايم. سان سڏيو ويندو هو) جي دهشت ۽ دٻدٻي کان غير واقف هوس. بنا هٻڪ ۽ هڇڪ جي ڪلاس اندر گهرندي ئي شاگردن کي مخاطب ٿي زوردار آواز ۾ اَپيل ڪيم (انگريزيءَ ۾): ” شاگردن جي حقن جي بچاءَ ۾ ٻاهر نڪري اَچو.... شاگردن جي مٿان وڌيڪ بوجو هرگز قبول نہ ڪنداسون.... فيس جي واڌ جو فيصلو واپس وٺو....“ مسٽر ٽي. ايم. آڏواڻي ڪلاس ڇڏي ٻاهر نڪري ويو. شاگرد بہ ٻاهر نڪري آيا. ميڙاڪو ڪري، اسين پاسي واري، مسٽر چيتن مارڙيوالا جي ڪلاس ۾ گهڙياسون، جتي هو اِتهاس پڙهائي رهيو هو. مان جيستائين ڪو واڪو ڪريان، تنهن کان اڳ هن مون کي سڏي

١٩٣٩ ۾ هو انگلينڊ مان واپس وريو ۽ فورن ڪراچي مزدور تحريڪ ۾ گهڙي پيو. اُن ئي سال ئي مهاڀاري جنگ ڇڙي پيئي. هٽلر جي فاشسٽ طاقتن جي خلاف سڄي دنيا جي جمهوري ۽ ترقي پسند عناصرن ۽ شڪتين ملي، آواز بلند ڪيو، حملي جي ننڌا ڪئي. حشو ڪيولراماڻي پڻ پنهنجن ساٿين قاضي مجتبيٰ (پورهيت اڳواڻ) سنتوش ڏرماڻي ۽ پريتم ٽهلراماڻي (وديارٿي اڳواڻ)، سان ملي، وديارٿين ۽ پورهيتن ۾ جنگ خلاف ڪراچيءَ جي رستن ۽ گلين ۾ جلوس ڪڍي پرچار ڪيو، جنهن ۾ هنن انگريزي سلطنت شاهي خلاف ۽ ڀارت جي آزاديءَ جي حق ۾ به زوردار ڀاشڻ ڏنا. انگريز سرڪار بغاوت جي ڏوهه ۾ حشو ۽ سنتوش کي ١٩٤٠ ۾ گرفتار ڪري وڃي ڪراچي جيل ۾ بند ڪيو. هڪ سال جيل جي سزا ڪاٽي جڏهين ٻاهر نڪتو ته صفا خاموش ٿي ويو. گذر بسر جو به ڪو وسيلو ڪونه هوس. ڪٿان گذران ڪندو هو، تنهن جي ڄاڻ ڪا نه پوندي هئي. ڪي سرندي وارا دوست ۽ ڪي شرڌالو شاگرد شايد سندس مدد ڪندا هوا. شاگرد هلچل ۾ به پنجابي ڇوڪري، سرلا آهوجا سان پريت لڳي ويئي هئس، شايد هوءَ به ڪيس مدد ڪندي هئي.

حشوءَ سان سندس چانهه جي ڪوپ تي ويهي، مٿاڪ ڪري سندس چٽڪائي ويچار ٻڌڻ هڪ قسم جي ذهني مجلس هئي. هو سياسي ڄاڻ ۽ علم جو ڀنڊار هو ۽ انگريزي ڀاشا تي ايڏو ضابطو هوس، جو خود انگريز به حيران ٿي وڃن. ڪنهن به وشيه تي، هڪ ته وڏي اختياريءَ سان ڳالهائيندو هو ۽ ٻيو ته سندس لفظن ۽ دليلن ۾ ايترو ته زور هو جڻ تيز ڌارا وهندي ٿي وڃي، بنا ٻيهڻ جي. ڪيس ٻڌڻ ۾ آنند ايندو هو ۽ ڪافي ڪجهه علم حاصل ٿيندو هو. راڄنيتي فلسفي ۾ ته هو پرٻيڻ هو، پر ٻين علمن ۾ پڻ سندس حاصلات حيرت جهڙي هئي. مان اڪثر وٽس فليٽ ۾ هليو ويندو هوس، ڪيس چانهه جي دعوت ڏيئي پرواري ايراني ريسٽارنٽ ۾ وٺي ايندو هوس. به چاهيون ۽ ڪارن بسڪيٽن جي هڪ پليٽ گهرائي وٺندو هوس. هڪ چانهه تي به - ٽي ڪلاڪ لڳاتار سڄي دنيا جي سياست تي ڳالهائي ويندو هو. مان سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ کان ڏاڍو متاثر ٿيندو هوس.

پارت جي ورهاڱي کان پوءِ حشو سنڌ جي مهان اڳواڻ جي. ايم سيد سان گڏجي سنڌين جي حقن لاءِ به جدوجهد ڪندو رهيو. هن انگريزيءَ ۾ هڪ ماهوار مخزن ”پاڪستان ٽائيمس“ به ڪجهه وقت لاءِ شايع ڪئي هئي. نيٺ ڪيس مجبورن پاڪستان ڇڏڻو پيو. هِتِ ڀارت ۾ اچي هن سرلا سان شادي به ڪئي ۽ اخبار نويسيءَ جو پيشو اختيار ڪيو. سنڌي هلچل، جيڪا سنڌو سماج، دهليءَ جي زير سايہ شروع ٿي، تنهن جي شروعاتي اڳواڻي حشو ڪيولراماڻي ڪئي. ١٩٥٧ واري پهرين سنڌي ٻولي ڪنوينشن جي وقت هو سنڌي سماج (دهلي) جو پرڌان هو ۽ اِتهاسڪ ڪارنامو ڪري ڏيکاريائين. سنڌيت جي هلچل جي تاريخ ۾ اِهو سال ۽ اِهو واقعو زبردست اهميت ٿا رکن جنهن جو ذڪر پنهنجي جڳهہ تي ايندو.

ٿورن سالن کان پوءِ حشو دهلي ڇڏي اچي بمبئيءَ ۾ وسيو پر سندس ذهني ميزان ٺيڪ نٿي لڳو. اهڙو ڪجهہ ڇا ٿي گذريو جو، سندس من ۽ دماغ جي آستتي بگڙي ويئي هئي. هن جو وهنوار ۽ ويچار ڪجهہ عجب ۽ آساڌارڻ پئي لڳو. ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هوائين. ويجهن دوستن وٽ ويندو هو. ڪنهن کان ٻہ روپيا، ڪنهن کان پنج روپيا تہ ڪنهن کان ڏهہ روپيا گهري وٺندو هو، ائين چئي تہ” مان آتم گرنٿ (World Classic) ويٺو لکان، جنهن مان لکن ۾ مون کي رايلٽي (اُجورو) اچڻو آهي. مان هيءُ قرض طور ٿو وٺان، جيڪي پنهنجي ڊائريءَ ۾ داخل ڪندو ٿو وڃان ۽ جڏهن ٺي منهنجي رقم آئي تہ مان سيني کي اهو قرض موٽائي ڏيندس...“ ائين هو ڇانهہ ڊِبلروٽيءَ تي گذران ڪندو هو. سگريٽ کان سواءِ بہ رهي نہ سگهندو هو. هڪ ٻئي پٺيان ڦوڪيندو ويندو هو. سَستي اگهہ وارو سگريٽ خريد ڪندو هو. ڳالهائڻ ۾ پوندو هو تہ ڇڻ بند نٿي پيو. نڪو ڪنهن کي ڳالهائڻ ڏيندو ۽ نڪو پاڻ ڪٿي دم پٽيندو. گهڻي ڀاڱي هوش ۽ عقل سان ڳالهائيندو هو ۽ ڏاڍو اثرائتو لڳندو هو، پر جي اوچتو جُڃڪي آيس تہ

پوءِ پڻ تان لهي ويندو هو. آهڙيون اديت ڳالهيون ڪندو جو سندس سَنوائيءَ ۾ ٺي شڪ پئجي وڃي. اڪثر چوندو هو: مان جيڪو پستڪ لکان وينو، ان جو هڪ هڪ صفحو پارت جو راشٽرپتي گهرائي وٺندو آهي.... پارت جو پرڌان منتري اِندرا گانڌي ڪي به اهم فيصلا ڪرڻ کان اڳ مون سان صلاح ڪندي آهي، جيڪي به دنيا ۾ نيون ڪوجنائون ٿين ٿيون، تن جي پهرين اڳڪٿي مان ڪندو آهيان. مطلب ته ڪيترو ئي بيجوڙ ۽ اٿنهڪندڙ ۽ وشواس کان پاهر چوندو ويندو هو. ظاهر هو ته هو اُتي ـ اهم (Super Ego) جي احساس ۾ مبتلا هو. اها ڳالهه سياويڪ به هئي، جيڪو شخص ايڏو عقل جو صاحب، جو مائٽن ڪيس ڪليڪٽر بڻجڻ جي آس سان انگلينڊ موڪلي ڏنو سو هن نموني بلڪل ناڪامياب ۽ نڪمي زندگي گهاريندو هجي، سو پنهنجي اهم کي ڪو ته آٽت ۽ آسرو ڏيئي جيون سڦل هئڻ جي ڀرم کي پاليندو.....

رهڻ لاءِ شروعات ۾ ته پيڊر روڊ تي پنهنجي پڊڙي پيڻ جي گهر جي ڪليل بالڪنيءَ ۾ هڪ فراسي ۽ هڪ چادر سان ڪم هلائي ويندو هو، پر رات جو تمام دير سان اچڻ ڪري ڪيس اُتان به نيڪالي ملي. پوءِ تہ هڪ بلڪل لاوارٿن وانگر ڪڏهين ڪٿي، تہ ڪڏهين ڪٿي سمهي پوندو هو، رات ڪاٽي، وري بمبئيءَ جون گهٽيون ۽ رستا ڪڇيندو وتندو هو. ڌرمشالائن ۾، پليٽفارمن تي يا مسافرن ۾ رات گذاريندو هو. آخرين ڏينهن ۾ الهاسنگر (سنڌونگر) جي مسافرن ۾ رهندو هو... پوءِ اوچتو لاپتا ٿي ويو.

آخرين وقت تي جنهن شخص کيس ڏٺو هو، سو سندس ويجهو مائٽ آهي، مسٽر ماڌو پمياڻي، جنهن کان آخري دفعي هن ٽن سَون روپين جي گهر ڪئي ۽ ضد ڪري ٽي سؤ روپيا کيسي ۾ وجهي پاهر نڪري ويو. اُن ڏينهن تي اوڙڪ برسات پئي پيئي. گهٽيون، رستا، نديون نارا ٿي لڳا. سندس لاپتا ٿي وڃڻ جو هڪڙو اَنومان اِهو آهي تہ هو سنڌونگر ويندي ويندي، آهڙي ڀيانڪ رات جي اونداهيءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي ترڪي پاڻيءَ ۾ لڙهي، الائي ڪٿي وڃي دفن ٿيو هوندو. پيو

انومان اِهو به آهي ته مساتيءَ، تن سَوَن ڦرڻ جي لالچ تي، حشوءَ کي گهرو اونداهي رات جو فائدو وٺي، ختم ڪري، ان مساڻ ۾ پوري ڇڏيو ٿو ڏسجي. اِهو انومان برک ليکڪ موهن ڪلپنا به ڪيو هو، جنهن به حشوءَ جي پوئين ڏينهن ۾ ڏاڍي مدد ڪئي هئي. اهڙي قسم جي رپورٽ پوليس کي به ڪئي ويئي هئي. پر ان جو ڪو به نتيجو ڪو نه نڪتو. ڪيئن به هجي، هڪ اعليٰ سنڌي بڌيمان جي پڇاڙي ههڙي تنگ دستي ۽ دردناڪ نموني ۾ ٿئي، سان هايت پيڙادائڪ ۽ اسان سڀني لاءِ "حيف" لائق آهي.

ڪاليج جي فين جي سوال تي ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي سوچ تي ته سنسٿا جي نئين سر تنظيم ڪرڻ لاءِ اُتساهه پيدا ٿيو، جنهن لاءِ پهرين قدم اِهو سوچيو ويو ته يونين جون چونڊون ڪيون وڃن. اِها اُن وقت طئه شده ڳالهه هئي ته يونين جي اندر به مخالف ڌريون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڪڙيون هيون. ڪانگريس ڌر ۽ ڪميونسٽ ڌر. اِها منهنجي خوشنصيبي هئي يا بدنصيبي (ڪيئن چوان!) ماڻ ٻنهي ڌرين ۾ مقبول ٿي چڪو هوس. اِها به حقيقت آهي ته ڪميونسٽ ڌر کي تمام ويجهو اچي ويو هوس، جيڪا ڳالهه ڪانگريس ڌر کي ڪا نه ٿي وڻي ۽ مون کي شڪ جي نظر سان ڏسندا رهيا. ڪميونسٽ ڌر اِها رٿ ڏني ته اگر ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ ڪيرت جو نالو ڏنو ويندو ته هو ڪيس ووٽ ڏيندا ۽ پنهنجي طرفان ٻيو ڪو به اُميدوار کڙو ڪو نه ڪندا. پر ڪانگريس ڌر وارن کي شڪ پئجي ويو ته ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي لوڪ پريتا جي آڙ ۾ هو پنهنجو ماٿهو ٿا چونڊائن ۽ يونين تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين. ڪافي وادوواد شروع ٿي ويئي. ڪانگريس ڌر وارن ۾ ڪي منهنجا همدرد ۽ حمايتي هوا، پر ڪي ڏاڍا ڪٽر ۽ ورودي به هوا، خاص ڪري اُهو گروهه، جنهن سکر ڪانفرنس وقت به منهنجي مخالفت ڪئي هئي. پوءِ هنن هڪڙو بيهودو شرط پيش ڪيو ته ڪيرت لکيت ۾ ڏئي ته هو ڪميونسٽ نه آهي ۽ يونين ۾ ڪانگريس ڌر جي فيصلن سان ٻڌل رهندو ته پوءِ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پنيرائي ڪندا. زوردار چڪتاڻ شروع ٿي ۽ گرما گرمي وڌي ويئي. اهڙي واعدي جي باري ۾ بحث لاءِ سنڌ ڪانگريس پرڌان ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي جي گهر ۾ گڏجاڻي رکي ويئي. ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي وڏي دل وارو ۽ تمام سنجيده سنڌي ڪانگريسي نيتا هو. مون پنهنجي صحيح حالت کي سمجهائيندي چيو: ڪي منهنجا دوست ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ميمبر ضرور آهن، پر اِن جو مطلب اِهو ته ڪو نه ٿيو ته مان به ڪميونسٽ ٿي پيس، ۽ هن نموني جو اِقرار نامو لکي ڏيڻ جو مطلب آهي مون ۾ اوشواسد، جا ڳالهه ڏکوئيندڙ آهي. پر ڪٽر پنٿي عناصر اُن ڳالهه تي آڙيا ئي رهيا. مون اهڙو واعدو لکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مون چيو،" مان چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ ئي تيار نه آهيان. مون مورڳي هٿ ڪنيو."

ٻئي طرف ڪميونسٽ ڌر وارا منهنجا دوست چونڊن ۾ هٿ ڪڻڻ واري فيصلي تي بلڪل ناراض ٿي ويا. مون تي زور ڀريائون ته مان چونڊن ۾ بيٺو رهان. ڪمزور ٿيجي ميدان ڇڏي نه وڃان. هن جي ڳالهه ۾ وزن هو. پر چڪتاڻ ۾ جوش ايڏو وڌي ويو هو، جو ٻچتائي ۾ منجهي ڳوڙها ٿي ويو هوس. چونڊن ۾ بيهڻ کان بلڪل نابري واري ڇڏيم. ڪميونسٽ دوستن مون تي نپو هنيو ته ڪيرت وديارٿي تحريڪ سان "غداري" ڪئي آهي، جو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو آهي. ڪميونسٽ ڌر وارن سنڌي وديارٿي تحريڪ جي قدآور شخصيت سوڀي گيانچندڻيءَ کي سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ ميدان ۾ لاٿو. ٻئي طرف ڪانگريس ڌر وارن آڏي رائسنگهاڻي (جيڪو فين جي سوال تي بک هڙتال تي ويٺو هو) کي سندس سامهون بيهاريو، جيڪو چونڊن ۾ سوڀارو ٿي ويو، جاڪاڻ ته ڪميونسٽن مٿان ١٩٤٢ جي زماني وارو " ديش غداريءَ" وارو نپو اڃان لڳل رهيو. آهو ئي هڪڙو هٿيار هو، جنهن سان ڪين ڪٽيو پئي ويو. ڪميونسٽن مٿان سياست جي اِها پٽ گهڻو وقت هلي آهي ۽ اڃان به هلي پيئي، جيتوڻيڪ ڀارت ۾ ڪافي عرصي کان ڪن پرديشن ۾ ڪميونسٽ سرڪاريون لوڪ پريه ٿيجي گهڻي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ اپيل ڪيائين تہ پبلڪ مان ڪافي سٺي موٽ مليس. سندس نعرو هو: " اسان کي سون ڏيو تہ اسين توهان کي آزاديءَ وٺي ڏيون".

پوءِ پروگرام ٺهيو تہ ڪيس سنڌ جي دؤري تي وٺي وڃجي ۽ اهوبہ ويچار بيٺو تہ گشت جي دؤران اسان مان ڪو ساٿي بہ هن سان ساٿ ۾ هجي. اِهو بار مون تي رکيو ويو. ايڏي ننڍي عمر ۾ مون کي ايڏو وڏو شرف مليو، جو آرونا آصف علي جهڙي مهان نيتا سان سنڌ جي دوري تي روانو ٿيان، منهنجي لاءِ وڏي فخر ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي. آسين فرسٽ ڪلاس جي ساڳئي ڏبي ۾ هواسون. هوءَ هيٺئين طاق تي ۽ مان مٿين طاق تي سمهندو هوس. ڏينهن جي وقت هيٺ ويهي، مان آنيڪ سوالن تي سندس.ويچار ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. هوءَ گهڻو وقت لکندي پڙهندي رهندي هئي.

آسان جو گشت ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي تائين رٿيل هو. دؤري جي خبر وڄ وانگر هر شهر ۾ پهچي ويئي هئي. هر وڏي اسٽيشن تي ڪيترائي نؤجوان ۽ پيا قومي ڪم ڪندڙ ارونا سان گڏجڻ ايندا هوا، سندس درشن ڪري خوش ٿيندا هوا ۽ زوردر نعرا لڳائيندا هوا: هو اسان جي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪري ويندا هوا. اسان کي هيٺ لهڻ جي ضرورت ڪا نہ پوندي هئي. پبلڪ ميڙ لاءِ اسان صرف بہ وڏا شهر مقرر ڪيا. هڪڙو وچ تي نوابشاهہ ۽ پيو آخرين منزل لاڙڪاڻو، جن ٻنهين هنڌن تي اسان جا سوشلسٽ ويچارن جا مضبوط ساٿي مؤجود هوا ۽ خود ڪانگريس ۾ بہ ڪي ويجها همدرد هوا.

نوابشاهہ ۾ ڪشن گرناڻي اسان جو هڪ برجستو ساٿي ۽ پڪو سوشلسٽ ويچارن جو جوان هو نوابشاهہ تہ منهنجو پنهنجو شهر ۽ اسان جو ڳڙهہ هو. هت پبلڪ ميڙ ڏاڍو اثردار ٿيو. ڪوڙ خلق آيل هئي. آرونا ۾ ۱۹۴۲ جي اِنقلابي زماني واري چنگاري اجان قائم هئي. پنهنجي جوش ڀري تقرير ۾، پنهنجي زير - زمين جيون جا اهڙا تہ حيرت ڀريا واقعا ۽ احوال ٻڌايائين جو ماڻهن کي اصل موهي ڇڏيائين. ان زماني ۾هوءَ سنڌ ۾ بہ ٿوري وقت لاءِ آچي لکي ويٺي هئي. شايد ڀائي پرتاپ

ويچارڌارا ۽ عملي آتل پٽل جو پروگرام ۽ رٿ آهي...." شخصي سطح تي هنن ۾ مون کي سچائي، سادگي، پختائي ۽ انساني جذبي جو قدر نظر آيو. هو ذهني، اخلاقي، عملي ۽ راڄنيتي طور تي صاف سترا هوا.هن سڙيل سماج کي بدلائڻ جو هنن وٽ مڪمل نسخو ۽ پڪو نشچو هو.

هن ڪان اڳ پڇتائي، جيڪا منهنجي من کي گهيري ويٺي هئي، سا خاص ٻن ڪارڻن ڪري هئي.هڪڙو ڪارڻ سماجواد ڏانهن منهنجا ويچار ايترا چٽا ڪو نہ ٿيا هوا. مان جڻ اپياسي هوس. ڪاليج وارا پهريان ٻہ سال مارڪسوادي ساهتيہ مان جڻ ڳرڪائيندو ويندو هوس. ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينگل، والڊمير لينن ۽ ٻين عالمن جا جيڪي ٻہ ڪتاب هٿ ايندا هوا سي جڻ ڏرمي وشواس سان پڙهندو هوس. لا ڪاليج ۾ پٺين بينچ تي ويهي، ٻهاني طور ڪاپيءَ پينسل هٿ ۾ کڻي، پروفيسر جا ليڪچر ٻڌڻ ۽ نوٽس وٺڻ جو ناٽڪ ڪندي، بينچ هيٺيان لڪائي مارڪسوادي ڪتاب پڙهندو رهندو هوس ـ نت نيم. گهڻي ڀاڱي سڀ اهم ڪتاب، جن جي بنياد تي مارڪسواد جو فلسفو ٻڌل آهي، سي هڪ دفعو تہ پڙهي پورا ڪيا هيم. ان پهرين پڙهڻيءَ مان مون کي ڪيترو پڙ پيو هو، اُن جو تخمينو نٿو ڪري سگهان پر موٽي نموني ۾ راڄنيتي ۽ آرٿڪ سدانت ڪافي چٽا پئي نظر آيم ۽ منهنجو عقيدو مارڪس جي فلسفي ۾ مضبوط ٿيندو ويو.

ٻيو منهنجي جهجهڪ جو سبب هو، منهن جي اندر ۾ لڪل ڊپ. ڪميونسٽن خلاف، ١٩٤٢ واري هلچل کي وٺي جيڪو طوفان متو هو ۽ ساري ديش ۾ دشمنيءَ وارو رخ پيدا ٿي ويو هو، تنهن من ۾ هڪ ڀؤ يا منووگيانڪ انديشو پيدا ڪيو هو. ١٩٤٢ واري جيل دؤران واقعن کي کڻي، ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي چوندن جي حادثي تائين، سڀني ڪئنواس تي جو مڙي نظر وڌم ۽ پنهنجي اندر ليئو پائي، پاڻ سان مخاطب ٿيس، تہ محسوس ڪيم تہ مون ۾ ايتري همت نہ هئي، جو مان پنهنجن عقيدن ۽ ميتائن کي ڪٿي وقت جي گرم هوا يا سماج جي وقتي ڏمر جي سامهون ڪڙو ٿي بيهان. پهريون دفعو مون کي هڪ عمدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهايو ۽ نڪو ڪو سوال ڪيائين، ڇڻ منهنجي سموري من اُسٿتي جي ڪيس ڇاڻ اڳوات هئي. پيڇاڙيءَ ۾ رڳو قصي کي ختم ڪندي چيائين، ”تنهنجي ڪاليج جي پڙهائي ۽ کاڌي رهائش جو سمورو بندوبست ٿي ويندو. تون سياڻي ڪاليج بند ٿيڻ کان پوءِ سڌو پارٽي آفيس ۾ اَچج. آئيندي لاءِ سڄو پروگرام ٺاهي ونداسون.“ سياڻي تي اسين ٽيئي ـ جمال الدين بخاري، سوڀو ۽ مان گڏجي ويناسون ۽ آئيندي ڪم جو سڄو خاڪو تيار ڪري ورتوسين. مون تي مکيہ طور ڪم اِهي رکيا ويا تہ مان ڪاليج جي دؤران وديارٿي هلچل ڏانهن ڌيان ڏيندس، جنهن ۾ ٻيا ساٿي ويچار ڌار وارا شاگرد ـ شيواجي جوتسنگهاڻي، ڀڳوان لالواڻي، گوبند ماڙيوالا، گل ٽيڪچنداڻي وغيره، مون کي ساٿ ڏيندا. منجهند جي وقت سڀيئي ڪم ڪندڙ گڏجي، ماني پارٽي آفيس جي ڪامن ڪچن ۾ کائيندا اسون. ٿورو آرام ڪري منجهند کان پوءِ مان بہ ـ ٽي ڪلاڪ پارٽي پريس ۾ ڪم ڪندس، جيڪا سوامي انگدديو، هڪ سنياسي انقلابي ڪميونسٽ جي مدد سان مئڪليوڊروڊ تي برپا ڪئي ويئي هئي ۽ گوبند مالهي ان جي ڪاروبار کي سنڀاليندو هو. سوامي هڪ عجيب شخصيت جو مالڪ هو، جنهن جو وڌيڪ ذڪر ايندڙ صفحن ۾ پنهنجي هنڌ ايندو. پريس ۾ خاص طور جيڪا ”صداقت“ نالي سان پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار نڪرندي هئي، ان لاءِ ليک لکڻ ۽ مرڪزي پارٽي جي انگريزي هفتيوار جيڪا بمبئي مان ايندي هئي ان مان ليک ترجمو ڪرڻو هو. ڪڏهين ڪڏهين سوڀو مونکي مزدور يونين جي آفيس ۾ وٺي هلندو هو. هتي جون شڪايتون ۽ مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن بابت عريضا لکڻ لاءِ هدايتون ڏيندو. ڪراچي مزدور هلچل جي هڪ ديوَ جيڏي شخصيت هو، ناراڻداس بيچر، جنهن پنهنجي سڄي جيون مزدور هلچل کي ارپت ڪئي هئي. هن جي هٿ هيٺ سکيا وٺڻ لاءِ مون کي هفتي ۾ بہ دفعا ڪراچي شهر جي پسگردائي ۾ برپا ڪيل ڊالميا سيمينٽ ڪارخاني ۾ ساڻس گڏجي وڃڻو هو، جتي بہ سبندن شڪايتن جي باري ۾ اختياريءَ وارن لاءِ عرضا لکي ڏيڻا هوا. مان پنهنجو سامان ميٺارام هاسٽل مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿائي نئين دنيا ڪتاب گهر جي آفيس ۾ اچي مقامي ٿينو هوس، جتي پارٽي لاءِ سڄو وقت ڪم ڪندڙ ـ هاري اڳواڻ عبدالقادر، سوڀو گيانچنداڻي، مزدور فرنٽ تي ڪم ڪندڙ ـ پوهو مل، عينشي وديارٿي، گلاب ڀڳواناڻي ۽ ٻيا رهندا هوا.

نئين دنيا ڪتاب گهر سنڌ ۾ هڪ اتهاسڪ سنسٿا هئي. ۱۹۴۰ع جي زماني ۾ هڪ ترقي پسند نوجوان گوبند پنجابي شروع ڪئي هئي. هن شڪارپور ۾ جماتي لئبريريءَ ۾ پيل ساميوادي ساهتيه جو اڀياس ڪيو هو. ٻئي طرف هڪڙو انقلابي سوامي ـ انگديو ـ ساري ڀارت جو رٽن ڪندو، اچي شڪارپور ۾ ٽائئيڪو ٿيو هو، جنهن ڪي به ڪنهن آشرم ۾ مارڪسواد جو رنگ چڙهيو هو. گوبند پنجابي هن کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. مٿيون ادارو ترقي پسند ساهت جي ڦهلاءَ لاءِ برپا ڪيو ويوهو، جنهن ۾ هڪ ٻيو ترقي پسند نوجوان برڪت علي آزاد پڻ گوبند پنجابيءَ سان ٻانهن ٻيلي هو. اٽڪل ڏزن کن ڪتاب نئين دنيا ڪتاب گهر جي سايعي هيٺ شايع ڪيا ويا، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي انقلابي قسم جو ساهت هو. حد نشان پستڪ هو، گوبند پنجابي جي اصلوڪين سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو ـ ”سرد آهون“، ـ جنهن ۾ پهريون دفعو پيڙت سنڌي جنتا جي دکن ـ بکن ۽ بيوسين جو دل چيريندڙ چٽر چٽيو ويو آهي. اِهو پستڪ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو پيشرو هو.

ٿوري وقت کان پوءِ اِهو ادارو شڪارپور مان ڦيرائي ڪراچيءَ آندو ويو، جتي گوبند پنجابيءَ پنهنجي پريس لڳائي پر گهڻو وقت هلائي نه سگهيو. ۱۹۴۴ ڌاري بند ڪري واپس موٽي ويو. گوبند مالهي پڻ ڪتاب گهر جو سرگرم ساٿي هو ۽ گوبند پنجابيءَ جي وڃڻ کان اڳ ڪتاب گهر جي سيڪريٽريءَ جون واڳون وٺي چڪو هو. هن پڻ اداري جي ماتحت ترقي پسند ساهت ڇپڻ جي سلسلي کي جاري رکيو ۽ اٽڪل ڏزن کن ڪتاب سندس اياڻمڪاريءَ ۾ پڻ نڪري نروار ٿيا. هن ٻيو جيڪو جبرو قدم کنيو، سو اِهو ته ” نئين دنيا“ نالي ماهوار

ادبي رسالو چالوڪيائين، جيڪو ترقي پسند ادبي تحريڪ جي ڦهلاءُ جوواهڻ بڻيو ۽ ان زماني ۾ وڏي حيثيت رکندو هو، اديبن جو نمائندو هو.

نئين دنيا ڪتاب گهر کي بندر روڊ تي بطور آفيس هڪ ڪمرو هو، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. ان ڪمري مان وري پني اتهاسڪ ڪارگذاري شروع ٿي. سوڀي جي رهنمائي ۾ ادبي اپياسي ڪلاسن جي شروعات ٿي. مارڪسوادي ويچارن جا ادبي هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجون اصلوڪيون رچنائون پڙهندا هوا ۽ صحتمند تنقيدَ ڪندا هوا. انهن ڪلاسن کي وشال روپ ڏيڻ لاءِ ڦيرائي ميٺارام هاسٽل ۾ آندو ويو جتي نون ۽ پراڻن ساهتڪارن جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون، ۽ رچنائون پڙهيون ۽ پرکيون وينديون هيون. هنن ميڙن ۾ اڪثر ڪاليجي شاگرد دلچسپي وٺندا هوا. سنڌي ساهت جا ناميارا ساهتڪار ۽ ڪوي جن جا آچ اوهين نالا پڌو ٿا، تن مان ڪيترا هنن ئي محفلن جي مٺ پيي چڪا آهن. سوڀو گيانچندائي، شيخ اياز، گوبند مالهي، نارائڻ شيام، آنند گولاڻي، سگڻ آهوجا، شيخ راز، گوبند پنجابي، ڪرشن کتواڻي، رام امر لعل ڇنجواڻي، لڇمڻ راجپال، گل آسناڻي، ڀڳوان لعلواڻي، مان ۽ ٻيا. سڀ جو سڀ ڊي - جي. سنڌ ڪاليج سان جڙيل ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندا هوا. رچنا پڙهي وڃڻ کان پوءِ جڏهين تنقيدي دور چالو ٿيندو هو ته خوب بحث ٿيندا هوا. گرما گرميءَ ۾ جهڳڙن به اڏامنديون هيون. مکيه طور اديب ٻن گروهن (نظرين) ۾ ورهايل هوا. هڪڙا هوا ترقي پسند اديب، جيڪي روسي انقلاب ۽ ساميوادي ويچار ڌارا جا قائل هوا. ادب ۽ ڪلا کي جيون جي بهتري ۽ مدي خارج سماج جي نئونرماڻ لاءِ ساڌن ڪري ڪم آڻڻ جي حق ۾ هوا، جن جو آدرش هو" ڪلا زندگيءَ لاءِ" ٻيا ان ويچار جي برعڪس "ڪلا ڪلا لاءِ" جي اُصول کي مڃيندا هوا، جيڪو هڪ روايتي اُصول هو. سياويڪ مخالف ويچار ڌارائن جي ٽڪر مان بجلي ته پيدا ٿيندي. بجلي جو پيدا ٿيندي ته ڪڏهين روشني ملندي ته ڪڏهين جلائي به وجهندي.

پارت جي بلوي جا باني!

پوءِ هڪڙي ڏينهن اوچتو مون کي خبر ملي ته گوپي ڪراچيءَ ۾ آيل آهي. پهرين اعتبار ئي نه اچي. سندس ڪنهن ويجهي مائٽ مان تصديق ٿي ته برابر هوءَ پنهنجي ماسيءَ جي گهر برنس روڊ تي اچي لٿي آهي. منهنجي دل جي حالت ڪهڙي ٿي هوندي، سا صرف اُهو ڄاڻي سگهندو، جنهن کي پريت جو ڏنگ لڳو هوندو. اِهو به سچ آهي ته گذريل اٽڪل ٻه سال مان اهڙي طوفاني دؤر ۾ رهيو هوس، جو هڪ طرف ته نوابشاهه وڃڻ مشڪل ٿي پيو هو ۽ ٻئي طرف جيون جي ڪشمڪش ۾ مان گوپيءَ کي ٻه وقت نه ڏيئي سگهيو هوس. اتفاق سان ڪو هن جو ڌنڌلو عڪس ذهن تي اُڀرندو هو يا سِڪَ جي چِڪ ٿيندي هئي ته بيوس دل ماٺ ڪري ويهي رهندي هئي. هينئر جو گوپيءَ جي هن شهر ۾ موجودگيءَ جي ڄاڻ ملي ته دِلِ قبضي ۾ اچڻ کان نابري واري ويئي. ذهن ۾ جسم کي بيقراري گهيري ويئي. پر لاچاري اِها جو مان گوپيءَ کي ڳوليان ڪٿي؟ برنس روڊ جي ڪهڙي گليءَ ۾ سندس ماسيءَ جو گهر آهي، ڪنهن کان "فال" وجهايان؟

ٻئي ڏينهن ڪاليج جا پيرڊ پورا ڪري، مان برنس روڊ طرف نڪري ويس. هڪ اڌ گليءَ جا اَبتا سبتا چڪر هنيم. مَنَ چيو ته هيءَ ته ٿيو ڏاهرين وارو قصو! پرسان ئي هڪ ڪير واري جو دوڪان هو، جيڪو گرم جليبيون ۽ ڪير گرهاڪن کي وڪڻي رهيو هو. منهنجي به دل سرڪي ويئي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اهڙو لذيذ ناشتو ڪرڻ جو وجهه مليو هو. مان به وڃي گراهڪن جي پِر ۾ ويٺس. منهنجون اکيون سامهون جڳهين جي بالڪنين تي ڦرنديون رهيون، جڻ ڪنهن جي ڳولا جي انتظار ۾ هجن. من پل ڇا به چوي؛ پر دل جو صدق هڪ عجيب شيءِ آهي. اکيون ٽپنديون اَچي هڪ بالڪنيءَ ۾ ڄمي ويٺيون. اُتي جا صورت ويٺي هئي، تنهن کي ڏسندي منهنجي دل ڇلانگ ماري زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هيءَ ته گوپي هئي! دور کان، پتلي ۽ ڪمزور پئي لڳي، پر هئي لاشڪ منهنجي گوپي - منهنجون اکيون ۽ دل ڌوڪو ڏيئي

نٿيون سگهيون. مان تہ جتي هوس اُتي ئي ڄمي ويس. هڪڙو عجب ٿي ويو! اندر ۾ هڪ خوشيءَ جي رَڙ اُٿي، پر اِن کي پنهنجي مک جي دروازي کان نڪرڻ نہ ڏنم. اِهو بہ ڄڻ غير شعوري عمل جو. ڪيئن اُپٽيان وات! ڪير ۽ جليبيون تہ اصل وسري ويئون. لڳي ٿو تہ دوڪاندار بہ ـ ٽي دفعا هڪل ڪري مون کان آرڊر وٺڻ چاهيو، پر مان ڄڻ فريز ٿي ويو هوس. گهڻو وقت ان حالت ۾ هوس، سمڪ ڪا نہ پيئي. وقت گويا بيٺو رهيو؛ گويي بہ يڪٽڪ مون ڏانهن نهاري رهي هئي، اوستائين جيستائين ڪا ٻي عورت بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺي ۽ کيس وٺي اندر هلي ويئي. لڳي ٿو تہ هوءَ بہ ڄمي ويئي هئي. بالڪني خالي ڏسي موٽي پاڻ ۾ آيس. ڪجهہ بہ ڪائڻ جي اِپا نہ رهي هئي. پوءِ نت نيم، ڪاليج مان ڇٽڻ کان پوءِ صبوح جي وقت ۽ پريس مانن ڇٽڻ کان پوءِ شام جي وقت مان کير واري جي دوڪان تي ايندو هوس. دوڪان وٽ پنهنجي حاضريءَ کي سياويڪ رنگ ڏيڻ جي اِرادي سان، ڪڏهين کير تہ ڪڏهين جليبي وٺي پرسان پيل بينچ تي ويهي، وقت وڃائڻ جي لحاظ کان ڏيري ڏيري ويٺو وات هلائيندو هوس. ڪڏهين تہ ٻيون دفعو بہ وٺندو هوس. نيٺ جڏهين هوءَ بالڪنيءَ مان هلي ويندي هئي تہ مان بہ پنهنجي نڪاڻي جو دڳ وٺندو هوس. اسان جو هڪٻئي کي پَريان ڏسڻ کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ قسم جو ڏي وٽ جو طريقو ڪو نہ هو. اسين هڪٻئي کان ايڏو دور هواسون، جو ڳالهائڻ تہ نهيو پر اِشاري ۾ بہ ڪجهہ هڪٻئي تائين پهچائڻ کان بيوس هواسون. هوءَ، هڪ ويڪري گهٽيءَ جي هڪ پاسي واري جڳهہ جي ٻيءَ منزل جي بالڪنيءَ ۾ بيٺي هوندي هئي، مان گهٽيءَ جي ٻئي پاسي، هيٺين طبقي ۾ نهيل دوڪان جي اوٽلي تي ويٺو هوندو هوس. نڪو هوءَ هيٺ لهي، مون تائين پهچي ٿي سگهي ۽ نڪو مان ٻيءَ ماڙ تي پهچي، وٽس وڃي ٿي سگهيس. هڪڙي ڏينهن شام جو بالڪنيءَ ۾ اڪيون اٽڪايو ويٺو هوس تہ اوچتو ڪنن تي آواز پيم: ”ڪيرت، هتي ويٺو آهين؟“ ڪنڌ ورائي ڏٺم. ڪاليج جو هڪڙو واقف دوست بيٺو هو. مان ٿورو شڪجي ويس. پر منهن پڪو

ڪري چيم: ” تون هت ڪيئن؟ ڪير جليبيون!“ دوڪان طرف اِشارو ڪيم. ٺهڪ ڏنائين: ”يار، مان ته هتي سامهون واري بلڊنگ ۾ رهندو آهي، ٻئي ماڙي تي جتي بالڪنيءَ ۾ ڇوڪري بيٺي آهي...“منهنجو هوش آڏامڻ تي هو. ٽڪرُو هٿ ملائي، ”وري ملنداسون“ چئي مان تيزيءَ سان هليو ويس. هو مون کي ڏسندو ئي رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن ڳولي مون وڃي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ اُن دوست نانڪ (مٺيل نالو) کي هٿ ڪيو. چيم: ”يار معاف ڪجانءِ. ڪالهه مان ٽڪڙ ۾ هوس، حال احوال ٻهنه ڏنوسين، نه ورتوسين. هل ته هلي چانهه جي ڪوپ تي ڪلاڪ اڌ ڪچهري ڪريون.“ مون لڄ لاهي هن کان پڇيو ته اُها بالڪنيءَ ۾ بيٺل ڇوڪري ڪير هئي ۽ هن لڄ لاهي مون کي ٻڌايو ته هوءَ سندس ماسيءَ جي ڌيءَ گوپي هئي. ناچاڪي ڪارڻ، نوابشاهه مان ٻن هفتن لاءِ هت دوا درمل ڪرڻ ۽ آرام وٺڻ لاءِ آيل آهي. ڪاليج جي پهرين ٻن سالن ۾ آرٽس ڪاليج ۾ نانڪ سان منهنجي ڏي وٺ ٿي هئي، بنا اُن ڄاڻڻجي ته هو ڪو گوپيءَ جو ماسات هو ۽ نه ئي هُن کي منهنجي ۽ گوپيءَ جي قصي جي ڄاڻ هئي. ڪاليج جو آزاد خيال جوان هو. مون سان به سٺو دوستيءَ جو ناتو هوس. کُليءَ دل سان، مون مختصر ۾ڪيس سچو پريم جو قصو ڪري ٻڌايو ۽ گوپيءَ سان آخرين گفتگو به ٻڌائي. هو بلڪل شانت ويٺو رهيو. ڪنهن به قسم جي رد ـ عمل ڪو نه ڏيکاريائين. مان يڪٽڪ سندس اکين ۾ ڏسندو رهيس. منهنجي نهار ۾ ڪا اِلتجا ڪيس نظر آئي. مڪ کوليائين: ”ڏس، ڪيرت، تون منهنجو سٺو دوست آهين. پر هڪ ڳالهه صاف سمجهي ڇڏ هنن حالتن هيٺ مان تنهنجي ملاقات گوپيءَ سان ڪو نه ڪرائي سگهندس....“ مون کيس اَڌ ۾ روڪيو؛ ٻُڌ پيارا، مان اهڙي بيواجب ڳالهه تو کي چوڻ وارو ئي نه آهيان. منهنجي رڳو هڪڙي ننڍڙي خواهش آهي.... مونکي گوپيءَ جو فوٽو گهرجي. اِها ننڍڙي تمنا پوري ڪرڻ ۾ توکي دقت ٿيڻ نه گهرجي. هن ڪائي پڪ ڪا نه ڏني، پر ٻن ٽِئن ڏينهن اندر ملڻ لاءِ چئي هليو ويو، اُميد جو ترورو جاڳائي ويو... سچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معصوم ٻارت واسين جي لاشن تي نُهي ويو.

تاريخ جي ڪنــور تلوار ديش کي ٻـن اڌن ۾ ورهائي ڇڏيو. چوڌاري قـتل ـ عـام شـروع ٿي ويو. جڏهن ڪنهن باهه لڳائي هجي. انگريزن جي شيطان ايجنٽن هٿـراڌو فساد ۽ ڪوس ڪرائڻ ۾ ڪسر ڪا نـه ڇڏي. مندرن پَرسان ڳائين جو گوشت اُڇلي، مسلمانن جو قتل ڪرايو ويو؛ مسجدن جي سامهون سوئر ماري هندن جو ڪوس ڪرايو ويو. ڪوڙا افواهه ڦهلائي خونريزي ۽ آگزني جي فضا پيدا ڪئي ويئي. سوين، بلڪـه هزارين سالن جي شاندار ڀائي چاري جي اتهاس کي خون سان رڱيو ويو. هندن مسلمانن ۽ سکن، هڪٻئي جو قتلام ڪيو. ٻارن ٻڍن، ٻيواهن ۽ ٻيوس انسانن کي موت جي گهاٽ تي چاڙهيو. اُبهم ٻارن جا سر تلوارن ۽ ڪرپانن سان ڪاٽيا. عورتن جي انگن کي چيريو ڦاڙيو. صدين کان هڪ ٻئي سان پيت پت ۾ ملائي رهڻ ۽ گوڏو گوڏي سان لڳائي پريت وندڻ وارن تي پڻ حيوانيت جو پورائتو ڀوت سوار ٿي ويو. انسانيت، برادري، محبت ۽ شرافت جو ڪوس ٿي ويو. اِهو انسان جي تازي اتهاس جو هڪ سياهه باب آهي، ڊيڄاريندڙ سپنو آهي. اسان واري نسل جي شعور جوحصو بڻجي رهجي ويو آهي.

اسين سنڌي قسمت وارا آهيون، سنڌ جي ڌرتي اهڙي ڀينٽ کان آجي رهي. سنڌ، درويشن ۽ صوفين جو گهر هو.محبت جو ميخانو هئي، پريت جو پئمانو هئي، هندو مسلم سک جو سڌ هئي، گڏيل ميلا، گڏيل ملاکڙا، گڏيل شاديون غميون، گڏيل ڏياريون هوليون ۽ عيدون، اسان جو شاندار ورثو هيون. صوفي سماگم ۽ ڌمالون نفرت جي خلاف ڍال هوا. سنڌ جي ڳوٺ ۾ اگـر ڪنهن هندوءَ جو هٽ هوندو هو، تـه سڄي ڳوٺ جي آرٿڪ ووستا جو هو مرڪز هوندو هو. چوڌاري سـب مسلم ڀائر هوندا هوا، پر ڪير بـه ڏانهس آڱر ڪڻي نـه سگهندو هو. شادين، غمين، عيدن تي هو سندن چوويهه ڪلاڪ ڪليل بئنڪ هو. ٻج لاءِ، ڍڳن لاءِ، ٻاڻ لاءِ قرض ڏيندو هو. هـڪـئي ڳالهـ ۾ بي رحم هو، جو پائي تي پائي چاڙهي وياج وصول ڪندو هو. ٻئي طرف مسلمان ڀائر

ٻه دستاويز تيار ٿيندا. هڪڙو دستاويز، گوبند مالهيءَ جي صحيح پڇائي مان ڪيس تيار ڪري هيئر ئي هٿ ۾ ڏيندس. ٻيو دستاويز حسن ناصر پاڻ سان ڪٺي بمبئي ويندو ۽ منهنجي چئي به ڪٺي ويندو. مالهيءَ ڪان صحيح وٺي اچڻ ۾ ڪا به تڪليف ڪا نه ٿيندي. هن جي واپس اچڻ تي دستاويزن جي متاستا ڪري وٺنداسون. مامو، خريدي رقم جو چيڪ منهنجي نالي ۾ ڪڍي مون کي ڏيندو، چاڪاڻ ته مالهيءَ جي نالي ۾ ڪڍيل چيڪ اسين متائي نه سگهنداسون. پوءِ پريس جون چابيون مان سندس حوالي ڪندس. سوچيل رٿا سو سيڪڙو ڪامياب ويئي. ٻن ڏينهن اندر پنجهٽ هزارن جو چيڪ منهنجي هٿ ۾ هو ۽ پريس جون چابيون مامي جي هٿ ۾. چيڪ هٿ ڪري جاويد ۽ بشير کي چيم ته ايڏي رقم پاڻ وٽ رکڻ خطري کان خالي نه آهي. ڪين ٻڌايم، ميري ويڌر ٽاور (بندر روڊ) جي پرسان بئنڪ آف انڊيا جي شاخ آهي، جنهن جو مئنيجر هڪ پارسي، مسٽر دستور آهي، جيڪو اسان جو همدرد آهي، ڪيس وشواس ۾ وٺڻ گهرجي. ٻئي ڏينهن صبوح جو يارهين بجي وٽس بئنڪ ۾ پهتاسون. هو اسان جي ڳالهه ٻڌي سڀ ڪجهه سمجهي ويو. بروقت منهنجي نالي سان اڪائونٽ کولي، چيڪ بوڪ، رسيد بوڪ ۽ پاس بوڪ تيار ڪرائي ڏنائين. ”او گاڊ“ مون کو نه چيو.

اِها گهڙي منهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏي سوڀ جي گهڙي هئي. ڏاڍو خوش هوس. لڳم، هڪڙو وڏو انقلابي ڪارنامو سرانجام آندو اٿم. پريشاني ۽ مونجهاري کان نجات ملي ته منهنجو اندر هوا جهڙو هلڪو ٿي ويو. اسان ٽنهين سڌو رُخ پارٽي آفيس ڏانهن، جو هاڻي مون کي ڪنهن به قسم جو الڪو يا خطرو نه رهيو؛ ڪنهن به ڳالهه لاءِ تيار نه هوس. خوشيءَ ۾ ٻه ٻه ڏاڪا ٽپندا مٿي چڙهياسون. جيڪي مزدور يا ٻيا ساٿي آفيس ۾ ويٺا هوا، تن کي ”هلو هلو“ ڪري هٿ ملايم. مشڪي شانتا کي ڪيڪاريم. سيني ۾ سرهائي ڦهلجي ويئي. ڪرسيءَ تي ويٺس ته سڀ چوڌاري ميڙو ڪري اچي ويٺا هو اِهو ڄاڻڻ لاءِ اُتاولا هوا ته مان هيترا ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هوس. نيڪ اوڏي مهل ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لالٽين رکيل هو، جنهن جي جهيڻي روشنيءَ جو زرد ڏهو اندر پئي آيو؛ باقي چوڌاري سنسناهٽ ۽ ڪاري ٻاٽ لڳي پيئي هئي. رکي رکي جيل جي پهريدار جو آواز دور ڪان پئي آيو، جو ڪنهن بد ـ بخت ڪتي جي اوناڻ جيان پئي لڳو جيڪو وڏنڊو پئي آيو ۽ آهستي آهستي پهريدار جي بوٽ جي کٽاکٽ سان ملي، فضا کي پيانڪ ٻڻائي ٿي ڇڏيو. جڏهين پهريدار منهنجي کوليءَ اڳيان لنگهندي، اندر ليئو پائي ٿو ڏسي تہ قيدي آهي يا فرار ٿي ويو آهي تہ منهنجي بدن ۾ هلڪو سياٽ گهمي ٿو وڃي، گويا ڪو جمدوت سماهون بيٺو آهي.

صبوح جو ٻڙڪن ۾ کولين جا دروازا کوليا ويا. سڀ قيدي ٻاهر نڪري آيا. ضروري حاجتون پوريون ڪري، ٻوهاري، پوچي ۽ جيل جي ڪم کي لڳي ويا. ڪي وري ميڙاڪا ناهي بيٺا رهيا. مان صبوح جي حاجت پوري ڪري، ورانڊي جي ٻني تي ويهي رهيس. مون کي نئون ڏسي سڀ مون تي نظرون کپائي بيٺا. شايد عجب کائيندا هوندا تہ کهڙو نئون پکي اچي پڃري ۾ ڦاٿو آهي. جوان جمان، ڏسڻ ۾ سهڻو، سُکيو ستابو، انگريزي سَنوارتَ ٿيل، اچي سلوار ڪرتو، ڪي همدرديءَ وچان يا عجب وچان ويجهو اچي حال احوال وٺڻ لڳا. جيل جي اندر قيدين جي هڪ پنهنجي برادري ٿيندي آهي، جيڪا مٺي لڳندي آهي. مون کين ٻڌايو تہ مان راڄنيتي قيدي آهيان. پورهيتن جي پارٽيءَ جو ميمبر آهيان. مٿن وڏيڪ اثر وجهڻ لاءِ ائين بہ چيم تہ مان جي. ايم. سيد جو ماٺهو آهيان. ان ڳالهہ جو سچ پچ بجليءَ وارو اثر ٿيو. يڪدم چيائون تہ راڄنيتي قيدين کي خاص ٻڙڪن ۾ رکندا آهن، هيءَ تہ رواجي قيدين کي رکڻ لاءِ آهن. ههڙي عمدي جو اظهار، سو بہ چورن، ڌاڙيلن ۽ ٻين ڏوهارين کان ٻڌي مون کي ڏاڍو سٺو لڳو ۽ مون ۾ انسان جي بنيادي ڀلمانسائي واري عقيدي کي اجا بہ وڏيڪ مضبوط ڪيو.

جيل وارن کي لکڻ يا پنهنجن ساٿين تائين نياپو پهچائڻ تہ ڏکيو هو، تنهن ڪري ترسيس تہ آرتوار جو ڏينهن اچي جو ٻڌو هوم تہ اُن ڏينهن جيلر چڪر تي ايندو آهي، قيدين جي اهنج ـ سور ۽ عرض بہ

هيرآباد، ڪاليج، جيل وارو رستو، باغ باغيچا، ڦرندا رهياسون. اَياز چيو ”لنبي عرصي ڪانَ پوءِ، پنهنجي محبوب شهر ۾ آيو آهيان. حيدرآباد سنڌ جي دل آهي. اسان جو شاندار اتهاس هن شهر سان جڙيل آهي، هي اسانجي دل جي ڌڙڪڻ جو مرڪز آهي ...“ هو پنهنجي شاعراڻي طبيعت ڪي پر لڳائي اونچو اڏري رهيو هو. مان اُن جو لطف ماڻي رهيو هوس. پوءِ الائي ڪهڙو ريچڪ آيس جو بگيءَ واري پٺيان نظر ورائي اسان کي ڏنو، هڪ طنزي مُرڪ سندس چهري تي نچي رهي هئي.

گهوڙي گاڏي هڪڙي سوڙهي ۽ پراڻي گهٽيءَ مان هلڻ لڳي، جنهنجي ٻنهي پاسن تي ڪبوتر خانن جهڙين ڪوٺڙين جي ڳڙکين ۾ چٽيل - ڏکيل - هر عمر جون عورتون بيٺيون هيون - انساني جسمن جو مارڪيٽ! منهنجو تہ پسينو ڇٽي ويو ۽ اياز شيطاني تسڪين سان منهنجي چهري تان چٽڪندڙ پسيني کي ڏسي رهيو هو. ڪيس آهستي چيم“ ”يار، خدا جي واسطي هتان نڪري هل.“

”چريا تون ۽ مان اڄ هڪ ئي وٽ هلنداسون.“ ائين چئي مون کي ڇڪي هيٺ لاٿائين.

ليلائيندي چيم، ”خدارا، اهڙي جٽ نہ ڪر مون سان!“

”تو چيو هونہ، تہ ايشور الله پنهنجا گهر ڇڏي ڀڄي ويا آهن. اڄ تہ ڏيکاريانءِ، هو هتي اچي لڪي ويٺا آهن. هنن جسم - فروشن جي روح ۾ جهاتي پائي ڏس!“

هڪ هڪ ڳڙکيءَ وٽ بيهندو، دام پڇندو هليو. ”ڪيترو؟“

جواب ملندو رهيس، ”پنج روپيا.... ست روپيا....... ڏهہ روپيا....“ پر هڪڙي ڳڙکيءَ وٽ کيس جواب مليو، ”قبلا، اندر اچو! اياز جي ذهن تي الائي ڪهڙو شيطان اچي سوار ٿيو هو! هو پاسي کان ٻہ ٽي ڏاڪا چڙهي اندر ٿيو ۽ مون کي بہ هٿ کان ڇڪي اندر ڪيائين.

”اوهين گرهاڪ ڪو نہ آهيو. مهمان آهيو. هت ويهو. چانهہ پيئو ۽ پان کائي وڃو.“

اياز آواڪ رهجي ويو.

بيٺو ٿي رهيس. مير محمد پاڻيپي ويو ته منهنجون اکيون بوٽ ۾ اٽڪيون پيئون آهن. چيائين: ” ڪجهه وٺيو اٿئي ڇا؟“ مون چيو، ”نه، ائين ڏسان ويٺو.“ چيائين، ”هل اندر، ٻڌاءِ تو کي ڪهڙي بوٽ موهيو آهي؟“ مون لانگ بوٽ ڏانهن اشارو ڪيو. مون پائي ڏٺو مونکي پورو ٿي آيو دوڪاندار کي حڪم ڪيائين ته اهو بوٽ ٻڌي مونکي ڏي. گهربل رقم سندس هٿ ۾ پڪڙائي ڇڏيائين. پوءِ اسين گهمندا، ڇٽو ڪندا، اچي جتوئي جي مڪان تي پهتاسون. ميرل رات واريءَ گاڏيءَ ۾ واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. مون کان موڪلائڻ وقت منهنجي کيسي ۾ ٻن سئو روپين جا نوٽ وجهي ڇڏيائين.

حيدرآباد ۾ سي. آءِ. ڊي. وارن جي چوڪسي چوويهه ئي ڪلاڪ جاري رهي. منهنجي وقت بوقت ٻاهر وڃڻ سان هو ضرور پريشان ٿيندا هوندا پيچاڳاڇا لاءِ ضرور حيدربخش جتوئيءَ وٽ به ايندا هوندا. مٿس زور به آيو هجي ته هو هڪ ”ڪافر ڪميونسٽ“ کي پاڻ وٽ ڇو پناهه ڏيئي رهيو آهي. هيءُ سڀ قياسي ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. حيدربخش جتوئي، مون سان اهڙي ڪا به ڳالهه ڪا نه ڪئي. پر مان ڄاڻان ٿو ته پاڪستاني جاسوسي ڪاتو انهن سيني مسلم دوستن کي پريشان ڪري سگهيو ٿي،جن مونکي پاڻ وٽ رهائڻ جي همت ڪئي هئي..... ٿورا ڏينهن رکي، هڪڙي ڏينهن چيائين، ”تون هٿ ٻڌو ويٺو آهين. هي ڪتا تنهنجي پٺ ڪونه ڇڏيندا. ڇو نه ٻه چار مهينا وڃي هندستان مان چڪر هڻي اچين؟ ان وچ ۾ هوءَ موءِ به ترنديءَ حالتن ۾ سڌارو ايندو.“ پوءِ هڪڙو ڪتاب هٿ ۾ ڏيئي چيائين“ ”هيءُ ڪتاب پاڻ سان کڻيو وڃ. ان جو سنڌي ترجمو ڪري پاڻ سان کڻيو اچجانءِ. هت پنهنجي پريس ۾ ڇپينداسون.“ ڪتاب هٿ ۾ ورتي ان جو سرو پڙهيم: واٽ اِز ڪميونزم، باءِ ايمائيل برنس.

مان تيڙ ٻڌي اچي ڪراچيءَ پهتس ۽ سوڀي جي گهر لٿس. ان وقت سنڌ مان لڏيندڙ هندو، جيڪي سمنڊ رستي ڪراچي بندر کان بمبئي اماڻيا پئي ويا، تن لاءِ ڪراچيءَ جي سوامي نارائڻ مندر ۾ عارضي

هڪڙو نوٽ بوڪ، جنهن ۾ جيل جا تاثرات لکيل هئا. پيو گوپيءَ جي خطن ۽ فوٽن جو لفافو ۽ تيون گوپيءَ وٽان مليل ريشمي ڪاڏيءَ جو رومال، جنهن جي ڪنڊ تي قومي جهنڊي جو نشان ڀرت سان ڀريل هو. ڊپ هوم تہ ڪٿي اهي اعليٰ شيون نہ ڪٿي وڃن پر هو ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي ڳولها ۾ هئا ۽ ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري، نراس ٿيا. وڃڻ کان اڳ مون کي پاڪستاني سرڪار جو حڪم نامو ڏنائون، جنهن ۾ پاڪستان مان مون کي نيڪالي جو حڪم هو. ڪاغذ تي مون کان صحيح وٺي منهن پيلو ڪري رمندا رهيا.

خالي لوهي پيتيءَ تي ويٺي شام تي ويٺي آهي. جهاز ڪيڏي مهل لنگر ڇوڙي، پنهنجي منزل ڏانهن هاڪاريو آهي، سمڪ نہ پيئي اٿم. منهنجي آسپاس منهنجون شيون اجان ٽڙيون پکڙيون پيئون آهن ۽ هوڏانهن سڄي ڊيڪ تي اِنسان ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. گهڻي ڀاڱي اندرين سنڌ جي ڳوٺن مان پورا پريوار هت اچلايا ويا آهن. غريب ۽ وچولي طبقي مان آهن، سندن رهڻ ڪهڻ، سنڌي نموني جو آهي. عورتون سٿڻ، چولي، رئي ۽ سپاتي ۾ آهن، جيڪا سنڌي هندن جي قومي پوشاڪ چئي سهگجي ٿي. وڏي عمر وارن کي نٿون، بولا ۽ چوڙيون ڳچيءَ ۾ دري يا لڪڙي پيل آهي، جنهن مان سندن سهاڳڻ هئڻ جي خاطري ٿئي ٿي. ننڍيون نينيون پاڻ کي رئي سان چڱيءَ طرح ڍڪي ويٺيون آهن. مرد بہ ڌوتين، ڪرتن ۽ ٽوپين ۾ آهن، ڪلهن تي بوڇڻ ۽ پيرن ۾ سنڌي جتي اٿن. جوان ڇوڪرا سوٽ قميص ۾ آهن ۽ مٿا اگهاڙا اٿن ۽ پيرن ۾ وديشي نموني جو بوٽ پيل آهي. هر هڪ فئملي ڊيڪ تي هڪڙي ننڍڙي جڳهہ هٿ ڪري، فراسي يا چادر لڳائي ٻارين ٻچين سوڙها سکوڙا ٿيو ويٺا آهن. جيڪو ٿورو گهڻو سامان پاڻ سان کڻي سگهيا آهن، سو پيتين ۾ بند يا بسترن ۾ نوڙين سان ٻڌل، سندن آسپاس پيو آهي. ڪن ماتائن کي ٿڃ پياڪ ٻالڪ بہ آهن، جن کي هو، مردن کي پُٺي ڏيئي، رئي سان ڍڪي ڇڪڙ ڏياري رهيون آهن. هن نموني مريادا جو آنگهن ڪين ذهني پيڙا ڏيندو هوندو، دل کي ڌڪو پهچائيندو هوندو ۽

تي موجود هوا. هڪڙا آهي هوا، جن کي اڳواٽ اطلاع مليل هو ته سندن ڪي عزيز هن آگبوٽ رستي بمبئيءَ پهچڻا هوا ۽ پيا آهي هوا. جيڪي هر ڪراچيءَ مان ايندڙ جهاز تي، انهيءَ اميد ۾ ايندا رهندا هوا ته متان نه سندن ڪو عزيز انهيءَ جهاز مان خوش قسمتيءَ سان لهي پوي. اهڙا شخص ڏاڍي آس وچان، لهندڙ مسافرن کان پڇا ڳاڇا ڪري رهيا هوا. ڪي رونشي ڪوڏيا به هوا، ته ڪي نڳ، لچا لنب ۽ مصيبت زده مسافرن جي بيوسيءَ جو فائدو وٺڻ وارا به ضرور هوندا. گهوڙي گاڏين وارا، ٽئڪسين وارا ۽ پيا هٿ گاڏين وارا به هوا. مسافر جن جا مٽ مائٽ يا يار دوست اڳواٽ ئي لڏي آيا هوا ۽ ڪٿي نه ڪٿي ٽانئيڪا تي ويا هوا ۽ وٽن انهن جو ڏس پتو پهتل هو، تن کي شيواڌاري صحيح منزل تي پهچڻ جون هدايتون ڏيئي رهيا هوا. پر جيڪي آجاڻ، بيسهاري ۽ نوان هوا، تن کي والنٽيئر شرنار ٿي ڪئمپن جو پتو ٻڌائي رهيا هوا. هڪڙو منهنجو واقف ڪار نڪتو، جيڪو ڪراچي ودياارٿي هلچل ۾ گڏجي ڪم ڪندو هو. هن ڪان مون بهاري لال ڇاٻڙيا جو ڏس پڇيو، جنهن سان، منهن جو ورهاڱي کان پوءِ به خط و ڪتاب چالو رهيو هو. هو مون کي "نئين دنيا" رسالو به موڪليندو هيو، جيڪو بمبئيءَ مان پنهنجي سمپادڪيءَ هيٺ هن ڇاپڻ شروع ڪيو هو. جواب مليو ته هو ڪافي وڏي پنڌ تي رهندو آهي. چيومانس ته مون کي ڪو ويجهو هنڌ ڏس، جتي مان هيءَ پيتي رکان ۽ بهاريلال کي ڳوليان. هن مون کي شري هاسي مل ماکيجانيءَ، جيڪو "هندستان" سنڌي روزانيءَ جو نائب سمپادڪ طور ڪم ڪندو هو، تنهن جي رهائشي جو پتو ڏنو هو، پرسانئي ڪولابا ۾ رهندو هو. مون وٽ ان وقت کيسي ۾ صرف سترهن روپيا ۽ ڇهه آنا هوا. ٿيلهو ڪلهي ۾ ۽ پيتي هٿ ۾ ڪئي، بمبئيءَ بندر کان ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر ٽانگا بيٺا هوا. ٽانگو ڪيم. ياد نه اٿم ته گهڻو ورتائين، چار آنا هوندا يا آٺ آنا هوندا. پيتي ۽ ٿيلهو ڪٺي ڏسيل جڳهه جي چوٿين منزل تي، هاسيمل جي گهر پهتس. پنهنجي واقفيت ڏنم ۽ عرض ڪيم ته پيتي رکڻ ڏيوم، جيئن پنهنجي دوست بهاري لال

شروعات ۾، ڪاليج ۾ هاسٽل ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ٽي - چار سئو روپيا کپندا. پوءِ هر مهيني ڪاڌي ۽ ٻئي خرچ لاءِ به اڍائي سؤ روپيا گهربا. مهر مهيني سؤ روپيا ڪانٽريبيوٽ ڪرڻ جو ذمو ڪنيو آهي. پيا به دوست آهن، جيڪي هٿ وڌائيندا. ٽن مهينن جو ئي ته سوال آهي. نه دليل، نه سوال جواب. ٽي سؤ روپيا ڪڍي رام کي ڏنائين. جيڪي وڌائي رام منهنجي هٿ ۾ ٿمايا. ايڏي سهنجائيءَ سان، منهنجي مشڪل آسان ٿي ويندي، منهنجي حيرت ۽ خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي! ڊاڪٽر ۽ رام جي دلي شڪر گذاري ڪيم. سچو قصو ٻڌڻ ڪانپوءِ ارجن شهاڻي پڻ پنهنجي طرفان هر مهيني پنجاهه روپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو. رهيل ڪسر به پوري ٿي. آئيندي طرف قدم اڳتي وڌي ويو.

فيصلو ٿيو ته جوڳيشوريءَ جي اسمائيل ڪاليج ۾ بي. اي. ڊگريءَ لاءِ داخلا وٺان ۽ ان بنياد تي ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست به ٿي ويندو ۽ ڪاڏو به ڪٽنتين ۾ ڪائي سگهبو. ڪاليج ۽ هاسٽل جي فين وغيره جو شروعاتي خرچ ته ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ جي ڏنل رقم مان ٿي ويو. باقي ٿورا پيسا بچيا ته وڪالت جي امتحان لاءِ گهربل قانون جا ڪتاب (سيڪنڊ هينڊ) ڏوبي تلاءَ تان ڪتاب - فروش وٽان چونڊي ڳنهي آيس. هاسٽل جي روم ۾ پاڻ کي بند ڪري، چوٽي ٻڌي پڙهڻ کي جنبي ويس. اتفاق سان ڪو شهر ڏانهن ويندو هوس، جو جو هڪ ته جوڳيشوريءَ کان چرچگيٽ تائين لوڪل گاڏيءَ ۾ وڃان ته به ڪلاڪ ٽي ڪلاڪ وقت جي مار لڳيم. جڏهين ته منهنجو هڪ هڪ منٽ ملهائتو هو. ٻئي طرف ريل جو ڀاڙو به ته پرتو هو. ۴۸ سال اڳ، (۱۹۴۹) ايتري مفاصلي جو ڪيترو ڪرايو هو، سو ته ياد نه رهيو آهي، پر اوٽ موٽ روپيو ڏيڍ ته ضرور هوندو. جڏهين ڪ مون کي، هڪ هڪ آني جو حساب ڪري هلڻو پوندو هو. پڪيءَ طرح ياد اٿم ته ڪڏهين ڪڏهين منهنجي کيسي ۾ به چار آنا مس هوندا هوا، بک لڳڻ تي ڪنهن اسٽيشن جي اسٽال تان هڪ آني جو بونديءَ جو لڏون ۽ هڪ آني جو چانهه جو ڪوپ ۽ هڪ گلاس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون جي اثر هيٺ، ڀارت ۾ پهرين ڪهاڻي لکي هيم. ”نرس ايند و محبت جو زمانو“ جيڪا لڇمڻ راجپال ڀاران شروع ڪيل، ”نيئن دنيا“ رسالي ۾ ڇپي هئي. اِها ڪهاڻي جڏهين ادبي ڪلاس ۾ پڙهيم، جيڪو، منهنجي ڀارت ۾ اچڻ کان اڳ، ۱۹۴۸ ڌاري گوبند مالهي، ٻهاريلال ڇاٻڙيا، گل آسناڻي ۽ ٻين جي گڏيل ڪوشش سان شروع ڪيو ويو هو. ته ٻن بزرگ اديبن لالچند امر ڏنيمل ۽ آسانند مامتورا ڏاڍو داد ڏنو. آدي لالچند ته ائين به چيو ته هيءَ ته لڏ ۾ لکل لال لڏو اٿئون. جنس جو تمام کليل اظهار هو، سو بزرگن کي ته ڏاڍو وڻيو هو، پر نوجوان آڪڙجي ويا. چيءَ ساهت ۾ ههڙي اگهاڙپ روا نه آهي. جڳت آڏواڻي ته اهڙو ڏمرجي ويو جو ان ڪهاڻيءَ تي پيروڊي لکيائين ۽ سرو ڏنائين؛ ”شل نه اچي اهڙو محبت جو زمانو!“ اِڪتي هلي، مون کي به محسوس ٿيو ۽ مون اُن جو کليل اظهار به ڪيو ته ڪهاڻيءَ ۾ جنس جو بيان ڪليو هو، جا ڳالهه سٺي ذائقي واري نه هئي.

دراصل ڳالهه جا هئي ته اُن سمي ساهت ۾ جنس جي کلئي اظهار جو هڪ دؤر هليو هو. خاص طور تي اڙدو ادب ۾ اُن چڱو زور پڪڙيو هوءَ ناميارا اديب به ان فئشن ۾ ڦاسي ويا هوا. خاص طور اهڙي ادب جي تخليق کان اُڙدوءَ جا ٻه نامور ڪهاڻي نويس سعادت حسين منٽو ۽ عصمت چغتائي مشهور آهن. سنڌي ادب تي ان زماني ۾ اُڙدو ترقي پسند اديبن جو ڪافي اثر هو. اسان مان به ڪي اُن طرف هرڪجي ويا هوا. سنڌ ۾ ئي ڪن سنڌي اديبن ان ڏس ۾ ڪي ڪوششون ڪيون هيون ۽ واد وواد جا مرڪز بڻجي ويا هوا: انهن ۾ آنند گولاڻي، شيخ عبدالستار، رام امر لعل پنجواڻي ۽ شيخ اياز به شماري سگهجن ٿا.

وقت گذرڻ ۾ دير ئي ڪا نه لڳي. ايل. ايل. بي. جو امتحان اچي مٿان بيٺو. مون به اِهي ٽي مهينا جوڳ پچايو هو. امتحان جو ڪورس به دفعا اٿلائي ويو هوس. تنهنڪري پوري وشواس سان امتحان ۾ ويٺس ۽ دل گهريو نتيجو به حاصل ڪيم. به ـ ٽي سيڪڙو تان فرسٽ ڪلاس هٿ مان ڇڏائجي ويو. سيڪنڊ ڪلاس مليو. مان خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڪي، ڊراڪشاسوا جو پيگ به پياريندو هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو. سنڌو نگر نالو ڪرڻ وقت جيڪو اعتراضي جلوس ڪڍيو هوائين، تنهن جو احوال ڏاڍي فخر ۽ شدّمد سان ٻڌائيندو هو. چي: ڪامريڊ، اسان سنڌي ٻيڙين ماتائن کي لال جهنڊا ڏيئي اڳيان اڳيان بيهاريو هو ۽ مرد پنيان نعرا لڳائيندا هلياسون. ”اسان کان سنڌ ته کسائي اتوَ، هڪڙي شهر تي منڙي سنڌ جو نالو ته رکڻ ڏيو.“ .پر يار هنن بي رحمن اسان جي احساسن جو قدر اِهو ڪيو، جو اسان جي ماتائن ۽ ڀينرن تي لٺين جو وسڪارو ڪيو. اڳتي هلي ويڊ پوڄراج انهيءَ تڪ مان تاتا لوڪبورڊ جي ميمبريءَ لاءِ بيٺو هو. هي نه صرف سنڌي شرنارٿين ۾ لوڪپريه تي چڪو هو، پر آسپاس جي ڪارخانن جي مڪاني پورهيتن ۾ پيارو ٿي ويو هو. لوڪبورڊ جي چونڊن جو جڏهين نتيجو ظاهر ٿيو ته هو سيني اُميدوارن ۾ مٿي بيٺو هو. انگريزي روزاني اخبار ٽائمس آف انڊيا، تنهن وقت، پهرين صفحي تي باڪس ۾، اِها خبر هيٺين سري سان ڏني: Red Tops The List هن جي پنهنجي ڪرتوين طرف حد کان وڌيڪ ڪمٽمينٽ هئي. ان زماني ۾ به هيءُ شخص چونڊ لڙڻ لاءِ پيسي جي تنگي ڪارڻ، پنهنجي گهرجي هڪ ٽي سبڻ جي مشين وڪڻي آيو هو. مان به هفتي کن لاءِ پنجن ٽي ڪٺمپن ۾ ڊيگي گاڏيءَ تي جهنڊو لڳائي، پوسٽر چنبڙائي سندس پرچار ڪندو هوس. مشين وڪڻ جو ڏڏڪو سندس پتنيءَ کي ايڏو ٿيو، جو اُن صدمي ۾ هوءَ ڍهي پيئي. ٻڌو هوم ته هڪ رات جو هوءَ پنهنجي بستري تان اُٿي، نيم بيهوشيءَ ۾ وچي گهوٽ جي بستري تي سُمهي ۽ ڪيس چنبڙي پيئي. ايترو ته رنائين جو سڏڪا سچي بئرڪ ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. پوءِ گهڻو وقت ڪڍي ڪا نه سگهي.

زلزلا يا قهر رڳو قدرت جي طرفان نه ٿيندا آهن. انساني تاريخ جا به زلزلا ۽ قهر ٿيندا آهن. طبعي دنيا جي انهن آپدائن کي، گهٽ ۾ گهٽ وگيانڪ طريقن سان پرکي ۽ سمجهي سگهجي ٿو ۽ ڪڏهين نه اهڙين آفتن جي پرون پوڻ تي، انهن کي ٽارڻ لاءِ حيلا وسيلا به هلائي

ڪميونسٽ تحريڪ کي ڪيرت جهڙا پيا ٻه ڪيترائي ڪم ڪندڙ ملي ويندا، پر سنڌي تحريڪ کي تنهنجي ضرورت آهي. منهنجو فيصلو ٻه اٽل ٿي ويو، ته هن سمي جاتيءَ سان پنهنجي قسمت ڳنڍي ڇڏيان. فرض جي اها ئي تقاضا آهي. هن فيصلي اڳتي هلي مون کي ڪيترين ڳالهين کان وانجهيو آهي، جن جو هت ذڪر نه ڪندس، پر ٻئي ڪنهن موزون وقت تي. اُن فيصلي تي مون کي ڪڏهين به ارمان نه ٿيو آهي، بلڪ فخر ئي محسوس ڪيو اٿم. اٽڪل پنجاهه سال سنڌي جاتيءَ جي شيوا ۾ ارپت ڪيا اٿم، جن مان مون کي ايڏو سنتوش ۽ خوشي ملي آهي، جنهن جو ملهه جتائڻ کان ٻاهر آهي ۽ ان ۾ ئي مون پنهنجي سڦلتا ۽ پرڦلتا سمجهي آهي ۽ فخر جو احساس به پاتو آهي. سنڌيت کي بچائڻ کان مٿي ٻيو ڪو آدرش نه رهيو اٿم. شري ڏرمداس ڪشتريا سان لپي ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪندي ڏاڍو ويجهو آچي ويس. هر هفتي ڪم جي پوتاميل لاءِ گڏبا هواسون ۽ مهيني اڌ صلاحڪارن جو ميڙ پڻ پيو ٿيندو هو ۽ نيون رٿون سامهون ايندڀون هيون. لپيءَ جي سوال تي ڏرمداس چڻ ڌرمي عقيدي سان ڪم ڪندو هو. اصل ڪٽر لپي ڀڳت هو. هلچل لاءِ ڪا به رقم ڪيڏي ڏيندو هو ۽ جتي به چئبو هوس ته ڇتي ڪنيو، تيار ٿيو بيٺو هوندو هو. هن ڪاريه سان هو پورن ريت وچن بڌ هو. ٿورين شخصي ملاقاتن کان پوءِ مون کان پڇيائين ته ڇا ڪندو آهين. ٻڌايومانس ته هڪ ٻن ٽيوشن مان گذارو ڪندو آهيان. فورن چيائين: منهنجي اسڪول ۾ هليو اچ. ٻه ـ ٽي ڪلاڪ ئي ته صبوح جي وقت ڪم ٿيندو آهي. پوءِ سڄو ڏينهن فارغ هوندين. گهڻو ئي پنهنجو ٻه ڪم ڪري سگهندي. في الحال مٿين درجن جي انگريزي مضمون نويسيءَ جي نوٽ ـ بوڪن کي درست ڪرڻ جو ڪم ڪج. ٻن ٽن مهينن اندر نئون سال شروع ٿيندو، پوءِ تو کي پڪيءَ طرح اسڪول ۾ ماستريءَ جي جڳهه تي رکنداسون. مون يڪدم آڇ قبول ڪئي. سال جي شروعات سان ئي مون کي ، هڪ سئو چاليهه روپيا ماهوار تنخواهه سان پڪي نوڪريءَ جو حڪم هٿ ۾ مليو. هاڻي مان وڏيڪ ٽانئيڪو

تيس ۽ ڪجهہ وقت لکڻ پڙهڻ ڪي بہ ڏيڻ لڳو هوس. پر رچناتمڪ ڪارڄہ ڏانهن آجا پنهنجو پورو ڌيان نہ ڏيئي سگهيو هوس.

ٻئي طرف پارت ۾ اچڻ ڪان پوءِ گوپيءَ سان منهنجي ڪا بہ ملاقات نہ ٿي سگهي هئي. صرف ايتري خبر ملي هيم تہ هن جا مائٽ بمبئيءَ ۾ اچي وسيا آهن. سندن گهر انڌيريءَ ۾ ڪنهن دور هنڌ تي هو. پر جاچ ڪير ڪري تہ هوءَ هت آجا بہ "قيد" ۾ بند آهي يا آزاد پکي آهي. هن اجگر شهر ۾ ڪنهن کي ڳولهي ڪيڻ ڪو آسان ڪم تہ ڪو نہ هو ۽ مريادا جي حدن ۾ ٻڌل، مان هر ڪنهن کان تہ ڪو نہ پيو ڏس پتو پڇندس. سنڌ جو هڪ پراڻو دوست، پريتم ٿهلراماڻي، جيڪو وديارٿي هلچل ۾ اڳرو هو ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ سان ان ڪارڄ ۾ ٻانهن ٻيلي هو ۽ هت بمبئيءَ ۾ ميونسپل ڪارپوريشن ۾ سول انجنيئر طور ڪم ڪندو هو، سو اوتو فورٽ ايراضيءَ ۾ ملي ويو. هن کي منهنجي ۽ گوپيءَ سان پريم جي قصي جي خبر هئي. ملڻ سان ئي اُتاولو ٿي پڇيائين: گوپيءَ سان پريم جي قصي کي ڪٿي پهچايو اٿيئي؟ ذرا مذاق ڪندي، مون چيو: جتان شروع ٿيو، اُتي ئي جميو پيو آهي. نڪو قدم اڳيان، نڪو قدم پٺيان. هوءَ ڪوٺ ۾ بند آهي ۽ مان بيوس ٿيو ويٺو آهيان. هو ڏاڍو جذباتي، پر همت وارو شخص آهي. چيائين: ائين ڪيئن ٿيندو! هيءُ تہ نسورو ظلم چئبو. هن صديءَ ۾ ايتري دبڙ دونس! مان ٿو ڇوڪريءَ جي پيءُ سان ڳالهايان. مون کي ڄاڻ آهي تہ فلاڻي فرم جو هو قانوني صلاحڪار آهي ۽ فلاڻي هنڌ رهندو آهي. مون کي ٿورو جهوڳو آيم. چيم: پريتم، ڏس يار، ڪٿي ڪم بگاڙي نہ وجهين! تون هيءُ ڳالهہ ديوان سان ڪندين، تہ سياويڪ هن کي ناگوار لڳندي. هن محڪم انداز ۾ چيو: تون ماٺ ڪري ويٺو ڏس! هو، مون کي اڪ ماريندو هليو ويو. جڏهين ٿورن ڏينهن کان پوءِ گڏيو تہ چيائين، تون صحيح نڪتين. مون ديوان صاحب کي گهڻو سمجهايو تہ نياڻيءَ جي حياتي خراب نہ ڪريو. دنيا اڄ ڪٿي وڃي پهتي آهي! اِهي جاتي، طبقي، ڌرم جا سنڌا ۽ فرق اڄ جي دنيا ۾ بيسود بڻجي چڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. اوهين پڙهيل ڳڙهيل ٻه اهڙن فرسوده ويچارن کي ڇهنيا پيا هوندا تہ سماج جو سڌارو ڪيئن ٿيندو؟ ڪيرت جهڙي شريف نؤجوان سان شادي ڪرائي ڇڏيوس. هو ڪيس ڏاڍو سکي رکندو. ديوان صاحب وٽ، پريتم جي دليل جو ڪو خاطر خواهہ ۽ عقل ـ پرستيءَ جو جواب تہ ڪو نہ هو، سو جئن سنڌي ۾ پهاڪو آهي ـ ڏڏڙ ۾ پير هڻن ـ چيائينس؛ هن کي نہ گهر آهي، نہ نوڪري آهي، ڌيءَ ڪيئن ڏيندو سانس؟ پريتم چيس؛ هن کي سٺي تعليمي لياقت آهي، نوڪري مان ٿو ونئي ڏيانس ۽ پنهنجي گهر ۾ ٿو رهايانس، جسين هو پنهنجو گهر ناهي ونئي. پريتم جي حاضر جوابيءَ جي تہ ڪيس ڪل ئي ڪا نہ هئي. ڪکو وڪوٺي ويو، پر ٻڌو اٻڏو ڪري ڇڏيائين. ديوانپڻي جي آڪڙ آڃا بہ قائم رهي. ٿوري وقت اندر ئي ديوان صاحب انڊيري اسٽيشن تي ڏاڪڻ تان ترڪي هيٺ ڪري پيو ۽ راهہ رباني ونئي ويو. اها ڇئنل بہ هاٿي بند تي ويئي ۽ اولاد پنهنجي پيءَ جي ويچارن خلاف فيصلو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.

هڪڙو، اُسرندڙ سهڻو گل، ائين بيوقتو، بي قصور مرجهائجي ويو! گوپي قد جي بندري هئي. پر بدن سڊول هوس. سهڻي هئي، چهرو بہ گول ڊولائتو ۽ موهيندڙ هوس. روش ڏاڍا سنا ۽ مرڪندڙ مهانڊو هوس. ڏاڍي کلمک، چنچل ۽ دل کي ڇڪيندڙ هئي. تہ پوءِ ڇا اِهو انياءُ نہ هو جو سندس جيون کي گهٽيو، پوساتيو ويو. ڪير آهي، اهڙي انياءَ لاءِ جوابدار؟ ڪنهن ڪان ونجي اهڙي انياءَ جو حساب ڪتاب؟ ظاهري طور تہ برابر ڪي شخص، اهڙن گناهن لاءِ سڌيءَ طرح ذميوار آهن، پر جي تهہ ۾ وڃبو تہ اهڙا فرد بہ ڪنهن سماجي ڍانچي ۽ پرمپرا جا ٻانڌي آهن، غلام آهن. اگر آڃا بہ تهہ ۾ وڃبو تہ پوءِ سماج شاسنن جي گورک ڌنڌي جي گتين ۾ اٽڪي پونداسون، جنهن لاءِ هٿ گنجائش نہ آهي. مون دل تي پٿر رکي ڇڏيو. اڪيلي هلي، پنهنجي من، ڌهر ما (جنهن جو مطلب آهي پنهنجي انفرادي چيتنا) کي سنتوش ڏيڻ لاءِ مون گوپيءَ جي ”قرباني“ تي هڪڙي ڪهاڻي لکي ”شرڌا جا ڦول“ تنهن ۾ مون ڏيکاريو تہ وشو اَمن جي آندولن ۾ هڪ جلوس جي اڳواڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي، هوءَ پوليس جي گوليءَ جو شڪار ٿي ۽ هڪ اعليٰ ڪارج لاءِ آهوتي ڏنائين. مون ڪيس هڪ ڪهاڻيءَ رستي شرڌانجلي پيش ڪئي.

سويتا جي منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ سان منهنجي جيون ۾ پٽن تي هلڻ لڳي. هڪرو پٽو هو سنڌيت جو، جنهن تي هلي رهيو هوس. سويتا جي اچڻ سان ٻيو پٽوُ ٿيو گرهست جو، جنهن تي هلڻ لڳو هوس. اِها به اذيت ڪهاڻي آهي.

سويتا کي مان سنڌ کان وٺي سڃاڻندو هوس. اسين ٻئي نه صرف ساڳئي شهر نوابشاهه ۾ رهندا هواسون، بلڪ هوءَ منهنجي ويجهي ۾ ويجهي، جگري دوست گلاب ڀڳواناڻيءَ جي ڀيڻ هئي. سندن گهر مان عام جام ايندو ويندو هوس. سندس هڪ ڀيڻ ڪيول، جنهن جو اڳواٽ ئي ڀهرين ڀاڱي ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. ٻي ڀيڻ سويتا، جنهن جو ڇٺيءَ جو نالو پتلي آهي، تنهن سان پڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سنٻنڌ رستو هو. آدرشي ۽ آزاد ويچارن جي هوندي هئي. ان زماني ۾ (١٩٣٥) تي سندس من ۾ آيو هو ته هوءَ سنڌ مان ٻاهر وڃي ڪنهن آشرم ۾ رهي وديا پراپتي اچي. مهاتما گانڌيءَ جي وارڌا آشرم سان لڪپڙهه ڪندي رهندي هئي. ڳالهين ٻولهين ۾ مون سان ذڪر ڪندي هئي ته مان به ڪيس همٿائيندو هوس. شام جي وقت ڪڏهين ڪڏهين اسين گڏجي گهمڻ نڪري ويندا هواسون. نوابشاهه اسٽيشن جي پليٽفارم تي چڪر لڳائي دنياداريءَ جون ڳالهيون ڪندا هواسون. نيٺ ڪيس وارڌا آشرم مان خط آيو ۽ هوءَ پنهنجي پتا سان گڏ اُتي پهچي ويئي. تن ڏينهن جي رهائش ۾ آشرم جي جيون جون پابنديون ۽ کاڌي وغيره جا ٻنڌن، خاص ڪري چانهه جو نه ملڻ وغيره ڀڏي، هن جو اُتساهه گهٽجي ويو. پوءِ هو وڃي هردوار پهتا، جتي مهلا ودياليه، هڪ آدرشي اسڪول ۾ داخلا ورتائين. ٻه سال پڙهائي ڪري مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. پنج درجا انگريزي سنڌ ۾ پڙهي هئي. پوءِ مهلا ودياليه جي نيم مطابق هنديءَ ۾ رتن جي پريکشا پاس ڪري، انگريزيءَ جو مئٽرڪ جي برابريءَ جو امتحان ڏنائين ته ڪيس مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشيءَ جو هنگامو هو. اُتي مان پاپو پڊو بڻجي، بينڪ واري ڪمري ۾ اخبار تي اونڌو ٿيو پيو هوس. سويتا ڪي الائي ڪهڙو رَيچڪ آيو يا مستي سمجهي آيس، منهنجي بيخبريءَ ۾ هوءَ لڪي لڪي منهنجي پٺيان اچي بيٺي، ٻنهي هٿن سان منهنجي منهن تي گلال ملي، ڀڄي ويئي. مرداني مڙسيءَ کي للڪار هئي. مون سندس نندي پيڻ کي اندر سڏي، ڪ پڙي گلال ورتو، ٻنهي هٿن جي مٺين ۾ پڙي، هٿ پٺيان لڪائي تاڙ ۾ بيٺو رهيس. وجهہ ملي ويو. ڏنم هوءَ اڱڻ ۾ پٺيري بيٺي آهي. پير، پير ۾ پائي وڃي سندس پٺيان بيٺس ۽ ٻنهي هٿن سان گلال سندس منهن ملڻ وينس. ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ اچي منهن جي ڀاڪر ۾ ڦاتي، ڄڻ بجليءَ جو شاڪ اچي ويو. مون هٿ ڍلا ڪري ڇڏيا، هن جو منهن لعل ٿي ويو هو، شرمائيندي رنڌڻي طرف هلي ويئي.

رنگن جي هنگامي کان پوءِ، هوءَ جي مجلس تي مارو ٿيو. ڪڙهي، چانور، ٿوڪ، سنبوسا، ڪچريون، پاپڙ، بوندي، گيهر ۽ وغيره وغيره آنند اچي ويو. الائي ڪهڙن سالن کان پوءِ اهڙا سگنڌي سنڌي طعام کاڌا هئم. شام جي وقت گوبند پنجابيءَ جي ڪٽنب سان گڏ دولتنگر جي هوا خوريءَ تي نڪري پيس ۽ اندرا سان ڏاڍي پنهنجائي سان ڳهل مل پئي ٿيس. گهر موٽيس تہ سويتا جو منهن ڦوڪيل هو. اِهو بہ سياويڪ هو. استريءَ جي من جي سوڪيمتا ڪجهہ اور آهي ۽ ان جو رد عمل بہ ڪجهہ نرالو ٿي آهي. مان اُها رات اُتي ڪو نہ ترسيس. شام جو ئي موٽي آيس. ايندڙ آرتوار تي نيمائتو مان سندس گهر ويس. نہ هن ورجايو، نہ مون ورجايو؛ ”رات گئي بات گئي“ واري ڳالهہ ٿي. مون کي لڳو تہ اِها بہ هڪ پيار جي پرولي هئي؛ سلڻ وارا سلين!

هيءَ هڪ ٻئي آرتوار جي ڳالهہ آهي. ساونڻ جي مند هئي. مان ۽ سويتا شام جو ٽهلڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري، رستو ناپيندا، نگر جي هڪ ڇيڙي تائين اچي پهتا هواسون. نڪتا هواسون تہ برسات جو ڪو اِمڪان ڪو نہ هو. ڇنهنڪري ڇٽي وغيره جي ڳڻتي ڪا نہ ڪئيسين. نہ ڄاتان ڇو مينگهہ ديوتا اچي اسان تي مهر ڪئي. بوندون برسڻ لڳيون.

ٻڌايم، چاڻ نہ اٿم. پر شڪي ڳالھہ ضرور تي. شام جي ماني ڪائي هميشہ وانگر اسين ٿهلڻ نڪتاسون. نگر جي چيڙي وٽ، برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نهيل موريءَ جي ٿلهي تي، هڪٻئي جي بلڪل نزديڪ تي ويٺاسون. مون سندس هٿ پڪڙي پنهنجي هٿ ۾ سوگهو جهليو. شرم جي ماريءَ هٿ ڇڏائي ورتو. مان ور ور ڪري هٿ پڪڙيندو رهيس، هوءَ ور ور هٿ ڇڏائيندي رهي. چيم: ڇو گهرايو اٿيئي؟ جواب ندارد. ڏاڍي مٺاڪتي ڪيم، پر جواب ڪو نہ ڏنائين، گويا منهن تي تالو لڳائي رکيو هجيس. هيءَ حياءَ جو مثال بہ درلڀ هو. ڳالھہ ڦيرائي چيم: ڀلا ڪو راڳ ٻڌاءِ. هڪ جي بجاءِ ٻہ ٻڌايائين. هندي فلمن جا لوڪ پريہ پريم ٻنڌن وارا گيت: " يھہ نہ بتا سڪونگا مئن، تمسي ھئہ پيار ڪيون" ۽ "يھہ چاند نهين، تيري آرسي ھئہ" اسان جي دلين ۾ پريم جو مور نچي رهيو هوس؛ سويتا جي هنن پريم - رس وارن گيتن تہ هيڪاري وڌيڪ دل ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو هو. مون چڪي ڪيس چمڻ چاهيو، پر ائين ڪرڻ نہ ڏنائين، جو آسپاس گهر هوا، جن جي درين مان روشني اچي رهي هئي، ۽ رستي تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو پئي آيا ويا. پوءِ دل ٻڌي چيومانس: مون سان پريم جو پيچ ٻڌنديءَ" لڄ جو جهٽڪو آيس. جواب پوءِ بہ ڪو نہ ڏنائين. بار بار پڇڻ تي بہ جواب نہ ڏنائين تہ چيم: اگر جواب نٿي ڏين تہ پوءِ مون ڪي سنڌايو ڪهڙي ڪارڻ اٿئي؟ هن ڪان پوءِ نہ ايندس. آخري بار پڇان ٿو، مون سان پريم جي ٻنڌن ۾ ٻڌجڻ چاهين ٿي؟ ڪنڌ لوڏي "ها" ڪيائين. مردي اندر سنگيت جا ڦوهارا ڇٽڪي اٿيا. آروڪ جذبي جي اثر هيٺ، ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري چمڻ چاهيم، پر ڪليل فضا جي دٻ ڪارڻ، مونکي وري بہ ائين ڪرڻ کان روڪيائين. مرد پريم جي ڳالهين ۾ ڏاڍو آتاولو، جذباتي ۽ ظاهر ظهور (Extovert) آهي. حجاب وغيره جون ليڪون پائي ڪو نہ ڄاڻي. پر عورت بنيادي طور، ان جي برعڪس ڏيرج - وان، جذبي وهيٺي نہ، آنترمکي آهي. هن جي چوڌاري لڄ - حياءَ جون ريکائون هردم ڪينچيل رهن ٿيون. وس پڄندي نہ ٽوڙيندي آهي ۽ نہ ٽورڻ

ڏيندي آهي. ڪي شايد منهنجي هن ڳالهہ جو ڪنڌن ڪن، پر منهنجو عرض آهي تہ آڏ صدي اڳ جي استريءَ جي مريادا ۾ بنياديّ فطرت جي تصوير اِها ئي آهي؛ باقي جي جديد عورت پنهنجي بنيادي ڳڻن ۾ نجي فطرت کان بغاوت ڪئي آهي تہ اِها ڪا خاص سورهيائي ڪانهي. سماج اهڙي رجحان کان فيض ياب ٿيڻ واري نہ آهي.

گلاب پنهنجي پريوار جي آجيوڪا لاءِ، عمر ڪاڙيءَ ۾ ڪنٽي پرنٽنگ پريس وڌي. پر خاص اُپراسو نظر نٽي آيو. هوڏانهن دولت نگر جي پاڙي جي گهر واري، پارهن مهينن جي پيشگي مسواڙ بہ اچي ختم ٿيڻ تي بيٺي هئي. پنج سئو روپيا مهيني تي مسواڙ پرڻ اُن زماني ۾، جڏهين آمدنيءَ جو ڪو خاص پروسو ڪو نہ هو، مشڪل مسئلو هو. گهٽ مسواڙ واري گهر جي اَزخود ضرورت هئي. مون ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مدد وٺڻ چاهي. ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو جيڪو مون کي تمام ويجهو ڪامريڊ ياد آيو ۽ وديارٿي محاذ تي اسان جي مٿان هو، سو هو ودود خان. جنهن کي وديارٿي يونين ۾ ڪم ڪرڻ کان سواءِ، زير زمين سرگرمين ۾ پڻ ساٿ ڏيندو هوس. هن تي خاص ڪم هوندو هو، وڏن ڪميونسٽ نيتائن کي گرفتاريءَ کان بچائڻ لاءِ خفيہ (زير زمين) نموني هنن جي رهڻ جو بندوبست ڪرڻ ۽ هر هر انهن جي رهڻ جي جڳهہ بدلائڻ، جيئن پوليس کي ڪو سڳ پتو نہ ملي سگهي. مان ان ڪم ۾ سندس واهرو هوس، جو لڪل نيتائن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ يا ڪين نياپا پهچائڻ جو ڪم ڪندو هوس. ودود خان سان حجت هئي. ساڻس ڳالهہ ڪير تہ سنڌ کان آيل هڪ ڪامريڊ کي پريوار لاءِ مڪان جي سخت ضرورت آهي. اسان جا ڀاڳ زورهوا. ودود خان وٽ باندرا جي بزار گيٽ اسٽريٽ ۾ هڪڙو ننڍڙو مڪان حاضر هو. چاڪاڻ جو ڪي اڳواڻ هاتي (١٩٥١ ڌاري) انتها پسندي واري دور ۾، ماٺائي اچڻ ڪري، ٻاهر نڪري کلئي نموني ڪم ڪرڻ لڳا هوا. چيائين؛ پارٽيءَ جي هڪڙي ٿوري مسواڙ واري جڳهہ آهي، پر انهيءَ شرط تي ڏينڊس جو، جڏهين بہ پارٽيءَ کي اِها جڳهہ

آهي. اسين مارڪسواد ڪان متاثر ٿيل اديب ترقي پسند ادب جي ڦهلاءَ لاءِ واهڻ ڪيندو هو. ترقي پسند ادب جي اظهار لاءِ سنڌ ۾ ئي ”نئين دنيا“ رسالو گوبند مالهيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ شروع ٿيو هو، جيڪو ورهاڱي ڪان پوءِ بهاريلال ڇابڙيا اٽڪل ٻن سالن تائين هلايو ۽ پڄمڻ راجپال جي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪو سال ڪن مس هلائي سگهيو. ”نئين دنيا“ هڪ اتهاسڪ تمام سٺي معيار وارو، ادبي مرڪزن ۾ مقبول رسالو اسان لاءِ هڪ وردان هو. مون بمبئيءَ ۾ الهاسنگر (سنڌونگر) جي دوستن، جن ۾ اديب ۽ ٻيا همدرد متر به هوا، جو هڪ ميڙ ڪوٺيو گوبند پنجابيءَ جي هوزري فئڪٽريءَ ۾ سڏايو ۽ سندن اڳيان رٿ رکيم ته ترقي پسند ويچارن ۽ ساهت جي ڦهلاءَ لاءِ اسين ”نئين دنيا“ رسالو، ترقي پسند گروپ طرفان هلايون، تنهن لاءِ اسان مان هر هڪ پنهنجي پچنديءَ سارو، هر مهيني ۾ ڪجهه رقم ڏيڻ جو واعدو ڪري. رٿ سڀني کي پسند پيئي. هر هڪ پنهنجو مهيني جو چندو چاڙهيو ۽ ائين ترقي پسند رسالو وري شروع ٿي ويو. سمپادڪي منڊل لاءِ منهنجو ۽ گوبند پنجابيءَ جو نالو رٿيو ويو. جدا جدا وقتن تي ٻيا اديب به سمپادڪي منڊل ۾ شامل ٿيا هوا - گوبند مالهي، اي. جي. اُتم. ڦتن پرسواڻي وغيره. ”نيئن دنيا“ رسالو ترقي پسند ادب ۽ سنڌيت جي هلچل لاءِ هڪ زبردست هٿيار بڻجي ويو. ڀارت جي انيڪ شهرن ۾ نئين دنيا جا همدرد ۽ عاشق نڪري نروار ٿيا، جيڪي نه صرف پاڻ رسالو پڙهندا هوا ، پر پنهنجي شهر مان شائقن کان چندا وٺي موڪليندا هوا ۽ ڪاپيون گهرائي انهن جو وڪرو پڻ ڪندا هوا. چوڏاري ” نئين دنيا“ جو ڏاڪو ڄمي ويو. ڀارت جا اڪثر اديب ۽ شاعر دوست پنهنجون رچنائون ”نئين دنيا“ ۾ ڇپائڻ جي زوردار آرزو رکندا هوا ۽ پنهنجون سٺيون رچنائون موڪليندا هوا، ڇاڪاڻ ته ”نئين دنيا“ تمام سٺو معيار مقرر ڪيو هو. جيڪي سنڌي ليکڪ بعد ۾ ”ڪلا، ڪلا لاءِ“ اصول جا طرفدار بڻيا هوا، سي پڻ شروعات ۾ نئين دنيا ۾ ڇپجڻ ۾ چاهه وٺندا هوا، جن ۾ خاص هوا - موهن ڪلپنا ۽ لال پشپ. ڪافي سالن تائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ساهت جي ڦهلاءَ ۽ سنڌي هلچل جي رهبريءَ ۾ هن رسالي زبردست رول آدا ڪيو. پوءِ ترقي پسند گروهہ ۾ پڻ آپسي متڀيد اڇي پيدا ٿيا. ڪيترن دوستن چندا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. باقي رهيل دوستن گڏيل فيصلو وٺي. اي. جي. اُتم کي رسالو سونپي ڏنو، جنهن ڪافي سال انفرادي بنياد تي رسالو هلايو ۽ پوءِ بند ڪري ڇڏيو.

۱۹۵۰ ۾ نئين دنيا سنڌي تحريڪ جي اتهاس ۾ وڏي مقام تي ويٺل رهندي جڏهين آزاد ڀارت جو وڌان روشنيءَ ۾ آيو تہ سنڌي جاتيءَ کي وڏو ڌڌڪو پهتو. وڌان جي اٺين فهرست ۾ ڀارت جيٰ جديد ڀاشائن کي شماريو ويو آهي، جنهن جي مراد هئي تہ اِهي ڀاشائون، قومي (راشٽر) ڀاشا جي اوسر ۾ سهائڪ ٿينديون ۽ مدد ڪنديون. حيرت جي حد نہ رهي جو ان ياداشت ۾ ڀارت جون سڀ مکيون ٻوليون موجود هيون؛ رڳو سنڌيءَ کي نيڪالي مليل هئي. هن نموني جو نسورو ناحق سياويڪ ڌڌڪو ڏيندڙ هو. جاتِي جنهن، ڀارت جي آزاديءَ لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪيو هو، ويندي پنهنجو وطن بہ وڃايو هو، تنهن سان هن نموني جي بي-انصافي ڪرڻ سمجهہ کان ٻاهر هئي ۽ دل ڏکائيندڙ بہ هئي. اِها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ جوڙجڪ اسيمبلي، جنهن وڌان تيار ڪري، ديش کي ڏنو، تنهن ۾ سنڌي جاتيءَ جا ٻہ پرسڌ اڳواڻ - آچاريہ جي. بي. ڪرپالاڻي ۽ جيمرامداس دولترام پڻ ميمبر طور ويٺا هوا، تن سنڌي ڀاشا کي ياداشت ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ٻڙڪ بہ ڪا نہ ٻولي بلڪہ اسيمبليءَ جي ڪاروائيءَ مان اِها نُي ڄاڻ ملي، تہ ڪن خير خواهہ غير -سنڌي ميمبرن سنڌي ڀاشا کي شامل ڪرائڻ لاءِ اشارو ڀئي ڏنو تہ هنن صاحبن ڪن لاتار ڪري ڇڏي. اهڙي وهنوار کي جڏهين سنڌي اديب "غداري" جو لقب ٿا لڳائين تہ اسان جا کي مترِ اهڙو اکر استعمال ڪرڻ تي ناراض ٿا ٿين. اسين ڇئون ٿا، سنڌي جاتيءَ سان اهڙو ناحق ٿيندو ڏسي بہ خاموش رهڻ واري هلت ۽ عمل کي اوهين ڪهڙو نالو ڏيندا؟ تاريخ تہ ان جو نرپکش فيصلو ڏيڻ واري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي، يعني ڀارت جي جوڙجڪ ۾ سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا. حشوءَ جي رهبريءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ صحيحون گڏ ڪرڻ جي مهم هلائي ويئي. فوجي آتساهه سان ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو ويو. ٿوري وقت جي اندر هنن قريب هڪ لک صحيحون گڏ ڪري ورتيون. لک صحيحين جو وڏو بنڊل حشوءَ پارت جي پارليامينٽ جي اسپيڪر کي هڪ وفد جي اڳواڻي ڪندي پيش ڪيو. حشوءَ انهيءَ اتهاسڪ ڪارنامي کي پنهنجي جينيس جو نمونو به هنيو. اسپيڪر کي عريضو پيش ڪندي، ڪيس ڪراچي حلوي جي هڪ چڪي به پيش ڪئي، ته منو وات ڪريو ۽ اسان جي ٻوليءَ کي مانيتا ڏيو. ٻاهر اچي ٻين پارليامينٽ جي ميمبرن کي پڻ حلوي جون چڪيون آڇيون ويئون ۽ سنڌين جي حقي طلب کي قبولڻ لاءِ اپيل ڪئي ويئي. سنڌين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ انوکو ۽ شانتيميه مثال پيش ڪيو، جنهن جي سالن تائين پئي چرچا هلي.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ هلچل آهستي آهستي زور پڪڙيو. سنڌي ساهت پڻ ان ۾ اڳتي آيو. بمبئيءَ ۾ مڪاني سطح تي سنڌي سميلن جي شروعات ڪئي ويئي، جنهن ۾ بزرگن ۽ نوجوانن ڀاڱ ورتو. لاڳيتا به ساهت سميلن سنڌي ساهت منڊل جي زير سايع ١٩٥١ ـ ۽ ١٩٥٢ ۾ سڏايا ويا. ان مان ٻوئين سميلن جي صدارت سنڌيءَ جي نامور بزرگ ساهتڪار لالچند امرڏني مل ڪئي. هن سميلن ۾ زوردار ٺهراءُ به پاس ڪري، سرڪار کان سنڌي ڀاشا کي ڀارت ائين فهرست ۾ داخل ڪرڻ جي زوردار گهر ڪئي ويئي. ان موقعي تي سيا طرفان سيپتڪ پروگرام به ڏنو ويو، جنهن ۾ مکيه طور سنگيت ۾ لوڪو هيمراجاڻي ۽ پگهونتي ناواڻي اڳرا آيا ۽ ناٽڪ ۾ داس طالب پنهنجو مذاقي يڪفصلو ”ميترو ۽ لبرٽي“ پيش ڪيو. جنهن ۾ سندس سامهون ٻيو جڻه هند ڪاليج جو وديارٿي بلراج دت هو، جيڪو پوءِ هندي سئنيما جو مايه ناز اداڪار سنيل دت جي نالي سان پرسڌ ٿيو. ساهت منڊل، ساهتڪ سرگرمين کي اوج ڏيڻ سان گڏ سيپتڪ سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ به يتن ونئي رهيو هو. منڊل جي ساليانه جلسي وقت يا پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن مان هر هڪ هڪ سئو روپيا ميمبريءَ لاءِ ڏنا. باقي سدانند تولاڻي (ڪانپور) ٻه هزار روپيا موڪليا. سنڌوڏارا جو پهريون ـ جنم جو پرچو سال ١٩٥٩ جي پڇاڙيءَ ڏاري تمام شاندار نموني ۾ نڪتو ۽ چؤڏاري واهه جو پسند پيو. ڪيترن ئي مرڪزن ۾ سنڌوڏارا جي آمد چنتا پيدا ڪئي ته سنڌيءَ لپي وارا هندواسي هفتيوار ڪي، جيڪا ديوناگريءَ جي طرفداري ڪندي هئي، شهه ڏيئي ويندا، پر اِهو ممڪن ڪو نه هو ۽ تي ٻه ڪو نه سگهيو. تنهن هوندي ٻه سنڌي هلچل ڪي سنڌو ڏارا زوردار هٿي ڏني ۽ ٻئي طرف مقابلو ٻه ڪيو، چاڪاڻ ته هندستان روزاني ۽ هندواسي هفتيوار ڪي سنڌي ٻوليءَ جي مکيه پتريڪائن جي حيثيت هئي ۽ شري جيرامداس دولترام جي رهنمائيءَ هيٺ، ٻئي اخبارون پنهنجي هڪ هٿيءَ جو فائدو وني، هڪ طرفو پرچار (ديوناگريءَ جي فائدي ۾) ڪري، ٻئي طرف جي ويچارن ۽ خبرن ڪي لڪائي /دٻائي بي انصافيءَ وارو ورتاءُ ڪري رهيون هيون. ”سنڌوڏارا“ جو آواز ڀلي محدود هو، پر سنڌيت جي هلچل ۾ سندس يوگدان، اهم، اثرائتو ۽ تکڙو هو. ”سنڌو ڏارا“ اٽڪل ١٣ سال لڳاتار نڪرندي رهي. سوسائٽيءَ هڪڙو سپيتڪ پروگرام ڪري، اٽڪل پندرنهن هزار روپيا ڳڏ ڪيا ۽ پنهنجي پرنٽنگ پريس ٻه وڌي. مکيه طور ڪاروبار توڙي سمپادڪي جوابداريون منهنجي مٿان هيون. الڳ الڳ وقتن تي گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ واسديو نرمل سمپادڪي منڊل ۾ مون سان همشريڪ هوا. ڪرشن راهي ۽ فتن پرسواڻي پڻ جبرا ڪلم لکندا رهيا. ڏاڍي تڪليف ۾ هيڏا سال اخبار هلائيندا رهياسون. ڪڏهن ته پني لاءِ ٻه پيسا ڪونه هوندا هوا، جو مان تهلرام آزاد ڪي سويتا جي آفيس ۾ موڪلي سندس پگهار مان پيسا گهرائي وٺندو هوس. اهڙين حالتن هيٺ، سپاويڪ گهٽو وقت پاڻ ماري سگهيو! ”سنڌو ڏارا“ سڏ ڪي سڏ ڪي بند ٿي ويئي. پر هلچل جو زور اڃان ٻه رهيو.

بمبئي سميلن جي دؤران ناگپور جي سنڌي سرڪردن ـ روچيرام ٿانواڻي، ديو ناٿاڻي، ايسر ڪلياڻي، لڇمڻ داس بجاج، تئين سميلن لاءِ

ٻڪري آهي؟ هيءَ تہ ٿي ”ڏوجهان مٿيان ڏيوي“ واري ڳالهہ! پروفيسر ايم. يو.ملڪاڻي سميلن جي صدارت ڪئي ۽ هڪ شهاڻو ڀاشڻ ڏنو. مون کي ياد آهي تہ ان موقعي تي پوپٽي هيراننداڻيءَ ساهتڪ بينڪ جي صدارت ڪندي اهڙي پرزور، اثرائتي ۽ دلسوز تقرير ڪئي هئي، جو چؤڌاري ”واهہ ! واهہ!“ ٿي ويئي هئي. مان سمجهان ٿو تہ پوپٽي پهريون دفعو خانگي آڪيرو ڇڏي پبلڪ اڳيان آئي هئي ۽ سندس علميت توڙي تقريربازيءَ جو حاضرين تي خوب اثر ٿيو هو. پوءِ هوءَ سنڌيت جي هلچل ۾ گهڙي آئي، زبردست رول ادا ڪيائين، جنهن جو احوال ايندڙ صفحن ۾ ايندو. ڊيليگيٽن کي ڪنڊلا پورٽ جو پڻ سير ڪرايائونِ، جتي بيهي اسان مان ڪيترن پنهنجون نظرون ڪراچي بندر طرف ڊوڙايون، سنڌ جي ڌرتيءَ جو تصوري ديدار ڪندي، اکيون اشڪبار ڪيون. ڪلچرل پروگرام ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ٻين شهرن مان آيل ٽولين ۽ مڪاني ڪلاڪارن خوب ملهايو. ڏهہ هزار ماڻهن جي اڳيان جيڪو مشاعرو ٿيو، سو اڄ بہ يادگار آهي. ڀارت ۾ جيڪي بہ ڪلاڪار ٽوليون اڄڪلهہ مشهور ٿيون، سي گهڻي ڀاڱي سميلن جي پليٽفارم تان اڀريون ۽ اسريون هيون.

گانڌيڌام سميلن جي وڏي ۾ وڏي حاصلات اِها هئي، جو اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا جي نالي سان آل انڊيا سنستا استاپت ڪئي ويئي. تيار ڪيل مسؤدو، فقرو فقرو ڪري ڊيليگيٽن جي اڪثريت مت سان بحال ڪيو ويو. سڀا جون چونڊون پڻ ان بحال ڪيل وڌان جي بنياد تي گهڻي ڀاڱي يڪراءِ ٿيون سڀا جو پهريون چونڊيل پرڌان، پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي ۽ پهريون چونڊيل سيڪريٽري اي. جي. اُتم ٿيو. ٻيا عهديدار ۽ ڪاميٽي ميمبر بہ برک عالم ۽ اديب جدا جدا شهرن مان ڪنيا ويا. هلچل کي اکل ڀارت سطح جو روپ ۽ اختياري ملي ويئي. سڀا جو مکيہ اُديش ۽ اهم مدو، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ جدوجهد بڻجي پيو. ايندڙ سال ۾ (١٩٦١) سڀا طرفان سڄي ڀارت ۾ سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن ملهائڻ جو سڏ ڏنو ويو، جيڪو سڄي ڀارت

تہ چاليھارو سالن ۾ مون جيڪو بہ ٿورو نماڻو ڪم، پنھنجي جاتيءَ جي حق ۾ ھت ڪيو آھي، سو ڪرڻ مون لاءِ بلڪل ممڪن نہ ٿئي ھا. ڪنھن بہ قسم جي پريشانيءَ فڪر يا ڏپ مون کي ڪڏھين بہ ڪين ستايو. ڪڏھين بہ اھڙي طلب يا شڪايت نہ ڪيائين جا منھنجي من کي منجھائي يا ذھن کي جھونجھاڙي ڇڏي. تنھن ڪري مان تہ ائين پيو ميجان تہ سنڌيت جي ھلچل جي حاصلاتن ۾ سويتا جو يوگدان مون کان بہ سرس ليکڻ گھرجي.

دائما طور ٺاڻيڪو ٿيڻ ۾ اسان کي پورا ست سال لڳي ويا. پريل ۾ ٻارھن مھينن جي گرمٽ تي گھر مليو ھو. مڪان مالڪ مدو وڌائڻ لاءِ تيار نہ ٿيا تہ نئين جڳھہ جي تلاش شروع ٿي. فورٽ ايراضيءَ ۾ ھڪ ننڍڙي ڪوٺي، رنڌڻي جي سھوليت سان آسي روپيا ماھوار مسواڙ تي ملي، جتي بہ ٻہ سال رھي، وري ڪيما پٽياسون. وري ڳولھا. ھاڻي ڇڪولي واڊا ۾ سنڌو سيوا سمتي نگر ۾ اچي داٻو ڪيوسين، جتي ٽي سال ٻڙڪ ٽائيپ بنگلوري سرن جي ڇت ھيٺيان ڪاٽياسون. ھڪ دفعو وري ٿوري وقت لاءِ باندرا وازي جاءِ ۾ ٽڪياسون. نيٺ مھاراشٽر سرڪار جي ھائوسنگ بورڊ جي جڳھين جي الاٽمينٽ ۾ اسان جو پڪو لڳو، ورليءَ ۾ اسان کي فليٽ مليو، پر ڏھن سالن جي ترسڻ کان پوءِ. سويتا جي پنھنجي نالي جڳھہ تي ڏاڍي دل ھئي، سا بيحد خوش ٿي.

١٩٦٠ تائين، تخليقي ادب ۾ منھنجي ڪا گھڻي دين ڪانھي. ڪي ڪھاڻيون لکيون ھئم، جيڪي سنڌي ساھت منڊل جي ادبي ڪلاس ۾ پڙھندو ھوس، جن کي سھيڙي ٻھاريلال ڇاپڙيا ”ھوءَ“ نالي سان منھنجو پھريون ڪھاڻين جو ڳٽڪو ١٩٥٦ ۾ سنگم ساھتيہ طرفان ڇپايو ھو، جنھن ۾ منھنجون سنڌ ۾ ڇپيل بہ ڪھاڻيون ـ ”جليبين جو چور“ ۽ ڪتاب جي سر واري ڪھاڻي ”ھوءَ“ بہ شامل ڪيون ويئون ھيون. ان عرصي ۾ مان ٻن، بلڪ ٽن مخزنن / اخبارن سان جڙيل رھيو ھوس، جن کي بہ گھڻو وقت ۽ ڌيان ڏيڻو پوندو ھو. ”نئين دنيا“ ماھوار ۽ ”سنڌو ڌارا“ ھفتيوار جو تہ اڳواٽ ذڪر اچي چڪو آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستيءَ سان لکي ونندو هوس. پوءِ نارائڻ پارتي انهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائڻ جي اِڇا ڏيکاري. مون ڪيس ڪهاڻيون ۽ لوڪ ڪهاڻين تي لکيل منهنجو هڪڙو جيرو مقالو به ڏنو. جيڪو مهاڳ طور هن ڪم آندو ۽ "آڀول راڻي" جي نالي سان سنڌي ٽائيمس طرفان مجموعو ڇاپي پڌرو ڪيو.

سنڌيت جي هلچل هن صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي کان شروع ٿي هئي. جنهن اڳوات ئي ذڪر ڪيو ويو آهي، سنڌي ادبي هلچل ۾ ترقي پسند اديبن جو گروهه بلڪل اڳرو ۽ سرگرم هو، تنهن ڪري هلچل جي رهبري ۽ اڳواڻي به سندن هٿ ۾ هئي ۽ سنڌي اديبن جي ترقي پسند تنظيم، جو زور ۽ اثر نمايان هو. پر اها حالت گهڻو وقت برداشت نه ٿي سگهي. ان جو ظاهري ڪارڻ، گهڻي ڀاڱي نظرياتي متڀيد هوا. ترقي پسندن جي مارڪسوادي ويچارن کان ڪي اديب خفي هوا. ائين به چئي سگهجي ٿو ته بدظن هوا، ڪٽر وروڌي هوا. ٻيو ڪارڻ ٿورو حسد ۽ شخصي ضد به هو. اديب بنيادي طور انفراديت پسند آهن. ادبي ڪيتر ۾ ڪنهن گروهه جي اڳواڻي مڃڻ لاءِ هو تيار نه هوا، جيتوڻيڪ اهي اڳواڻي تحريڪ جي سلسلي ۾ هئي ۽ جماعتي سطح تي هو مکيه پد (جنرل سيڪريٽري) جهڙي سنستا جو ڪاروبار تمام چست نموني ۽ قابليت سان نڀائي رهيا هوا. ٻيو گروهه، جنهن ۾ وري الڳ ويچارن ۽ ورتين جا ليک هوا، جن جو وستار پوءِ ٿو ڪريان، اِها حالت قبولڻ لاءِ تيار نه هوا. ٻيوهڪ ڪارڻ اهو به هو، جو ترقي پسند ليکڪ راڄنيتي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ جا طرفدار هوا، جا ڳالهه انهن حالتن هيٺ هضم ٿيڻ ڏکي هئي ۽ اها به شخصي بنياد تي هلائي رهيو هو، تنهن جي شخصي وهنوار ۽ "نئين دنيا" طرفان ڇپيل ڪجهه واد وواد لکيتون پڻ اديبن ۾ رنجش پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ ٿيون. ڪانگريسي توڙي آر. ايس. ايس. خيالن جا طرفدار ليکڪ، ترقي پسند خلاف راڄنيتي نقطي نظر کان حملو ڪندا رهيا. ٻيا ڪي وري هلچل ۾ ترقي پسندن جي هٺ خلاف آواز بلند ڪرڻ لڳا ته تيان وري " نئين دنيا" جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پاڻ سان ڪٺي، پارليامينٽ هائوس پڳس، جتان پارلياامينٽ جي ميمبرن جي ائڊريسن جي چوپڙي ورتيسين ۽ موٽندي پنج سئو لفافا به وٺندا آياسون. خط به تيار ٿي چڪو هو. ناگراڻي صاحب صحيحون ڪنديو ويو. ٻه ساٿي خط لفافن ۾ پريندا ويا ۽ ٻيا ٻه لسٽن تان ائڊريسون وجهندا ويا. رات جو دير تائين ويهي سڄو ڪم پورو ڪيوسين، تڏهين وڃي ساهي پٽيسين. هڪ جوابدار ساٿيءَ تي ذميواري رکيسين ته ٻوٽري ڀري اهي خط صبوح جو جنرل پوسٽ آفيس ۾ وجهي ڇڏيندو. جنگي ڦڙتائيءَ سان ٻارهن ڪلاڪن ۾ اهو ڪم پورو ڪري وتو. پوءِ اچي نڪاٽي تي آرامي ٿياسون.

صبوح تي ٽيليفون ڪري، اسان شري جيرامداس کي خوش خبري ڏني ته پارليامينٽ جي ميمبرن کي خط روانا ٿي ويا آهن. هن صاحب به گلزاريلال سان ٽيليفون تي ڳالهائي، اسان لاءِ وقت وٺي ڇڏيو هو. چيائين؛ ايندڙ صبوح تي گهرو ڪاتي جي منتراليه ۾ وڃي ڏهين بجي هن سان ملو. پهچڻ ـ ڳالهائڻ جون سڀ هدايتون ڏنائين. نندا صاحب تمام مختصر ۾ چيو؛ ترويدي صاحب وارو بل پاس ٿي نه سگهندو. اهو پارليامينٽري روايت جي خلاف آهي.مخالف پارٽيءَ جو بل حڪمران پارٽي ڪنهن به حالت ۾ بحال نه ڪري سگهندي. اوهين مسٽر ترويديءَ کي مڃايو ته هو بل واپس وٺي. ٻئي ڏينهن تي منهنجو نائب وزير سرڪار طرفان بل پيش ڪندو ۽ اهو پاس ڪري ڇڏينداسون. اسين نندا صاحب جي آفيس مان، سڌو پڳاسون مسٽر ترويديءَ جي گهر. ڪيس سڄو قصو ٻڌايوسين. هن چيو؛ منهنجي مراد آهي ته اوهان جي ٻاشا کي مانيتا ملي.هن ۾ آبروءَ جو سوال ڪونهي. پر جي پارليامينٽ جي اِها روايت آهي، ته مان به ان کي مان ڏيندس. سڀاڻي ئي مان بل واپس وٺندس. اسان کي ڪاميابيءَ جو احساس ٿيو، پر دل ۾ چورا ڪورا هئي ته ڪٿي آخرين گهڙيءَ تي ڪا بدبخت ڳڙٻڙ نه ٿي پوي.

پر اسان جا لايا سجايا ٿيا. جنهن ڏينهن بل پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو ويو ته اسين ٻئي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي ملاقاتين جي بالڪنيءَ ۾ گويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال ڪيو هو، تنهن جو صحيح مفهوم تہ تڏهين پروڙي سگهبو، جڏهن ٻئي خط سامهون هجن ـ هڪڙو خط، گوپيچند جو، ٻيو جوابي پوپٽيءَ جو. پر هتي همراهن ان ڳالهہ کي ڇاتي واتي، وڌائي چڙهائي، جيرامداس جي خون جي سازش جو رنگ ڏنو ۽ سنسني ڦهلائي تہ سياڻي ٿي خون جي سازش ۾ گرفتاريون ٿيڻيون آهن. اسين بي ـ فڪر پنهنجي ڪاريہ ۾ مشغول وينا رهياسون. چيوسين: ڀلي اچن، اسين گرفتاريءَ لاءِ تيار آهيون. سڄو ڏينهن بلڪل شانتيءَ سان ڪارروائي هلائي پوري ڪئيسين ۽ ٻئي ڏينهن تي سيڪو پنهنجي شهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٻن ٽن ڏينهن اندر اسين بہ واپس، بمبئيءَ پهتاسون تہ هڪ ڏينهن اوچتو، روزاني هندستان اخبار ۾ هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. مهڙ واري صفحي تي تمام وڏي ڇاپي ۾ پوري سري سان خبر ڇپي تہ بزرگ سنڌي نيتا (نالو ڪو نہ ٿو لکان) کي خون ڪرڻ جي سازش! ان نيوز ۾ پوپٽي هيرانندانيءَ جو مٿي ذڪر ڪيل خط ڇپيو ويو. اِها نيوز دهليءَ مان پنجن شخصن جي صحيحن سان هندستان روزانيءَ کي موڪلي ويئي هئي، جيڪي هوا سرو شري پرم ابيچندني، آنند کيماڻي، لال پشپ، پريو اوچاڻيءَ ۽ هريش واسواڻي. پويون اديب جلد ئي پاڻ کي الڳ ڪري ويو. اسان جا تہ ڪپات ئي کلي ويا. مٿين ذڪر ڪيل اديبن / شخصن تہ ٻاراڻي ڪئي هئي، پر اسان کي حيرت وٺي ويئي تہ شري جيرامداس دولترام جهڙي دنياديده ۽ ديريني بزرگ شخص، مهڙي خط ڇپڻ جي اجازت ڪيئن ڏني، ڇاڪاڻ تہ هندستان سندس اشاري کان سواءِ اهڙي سنسني خيز خبر ڇپي، سا ڳالهہ نا ممڪن هئي. مهڙي قسم جي اجوڳي وهنوار کي اسان نہ صرف غير ـ واجب، بلڪ بلڪل غلط ۽ بيهودو سمجهيو. اسان ويجهن ٻن ٽن همراهن جو تڪڙو ميڙ سڏايو، جنهن ۾ پروفيسر پوجراج ناگراڻي، ڌرمداس ڪشتريا، رام هگوراڻي، مان ۽ هڪ اڌ ٻيو بہ هو. بروقت مٿين خبر جي خلاف اسان گڏيل ردقد تيار ڪيو، جنهن ۾ اسان هن نموني جي اخبار نويسيءَ کي نندڻ جوڳو ٺهرايو. پوپٽي هيرانندانيءَ جي خلاف سنگين الزام جي اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ٻاهر نڪرڻ گهرجي، جيئن وقت، شڪتي ۽ من جي شانتي وڃائڻ کان سواءِ سنڌي ڀاشا جي جوڙجڪي ۽ رچناتمڪ ڪاريه ڪي اڳتي وڌائي سگهجي. اسان ڪي هڪ چست باانتظام ۽ با مقصد سنستا کپندي هئي. ان مراد ڪي خيال ۾ رکي اسان بمبئيءَ ۾ الهاس (سنڌو نگر) جي سرگرم اديب دوستن جي نٽيڙي ڪانفرنس گهرائي. سڄو ڏينهن چاندي ٻائي ڪاليج جي پروفيسرس روم ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ٿي. بحث ۾ هڪڙو ويچار وڏي اڪثريت سان تري بيٺو ته اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا کي هاڻي اسين صرف سنڌي (عربي) لپيءَ جي حمايتن جي سنستا بڻايون، جنهن لاءِ اينڌڙ سميلن ۾ نئون وڌان پاس ڪرائي هميشه لاءِ مٿي جو سور ختم ڪريون. سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ٻه اهم ٿنڀا گوبند مالهي ۽ سلامت پرسواڻي، اهڙي جوڙجڪي تبديل آڻڻ جي فائدي ۾ ڪو نه هوا. گوبند مالهي سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏني. اي. جي. اُتم کي يڪراءِ باقي رهيل عرصي لاءِ جنرل سيڪريٽري پد تي چونڊيو ويو ۽ مٿس جوابداري رکي ويئي ته هو ڀارت جي ڪنهن ٻه اهڙي شهر ۾ اينڌڙ ناٿون سميلن گهرائڻ جون تياريون ڪري، جتي اسين پنهنجي رٿيل مقصد (سڀا جي جوڙجڪ جي تبديل) ۾ ڪامياب وڃون.

اي. جي. اُتم، سنڌي ساهتڪ تمورتيءَ جو هڪ اهم حصو هو. هينئر اُها تمورتي نه رهي آهي. ان بابت ڪجهه چوڻو پيو ته اڳتي ڪنهن مؤزون جڳهه تي چوندس. هو سنڌيت جي هلچل جو هڪ برجستو، هڏڏوکي ۽ اَٿڪ ڪاريه ڪرتا رهيو آهي. ڪو ٻه ڪم هٿ ۾ ڪٽندو ته ان کي اوس پورو ڪندو. سو سميلن ڪوٺائڻ جو بار ڪلهن تي کڻيائين ته ان کي پورو ڪري ئي سامت جو ساهه پٽيائين. راجستان پرانت جي الور شهر ۾ ١٩٧١ جي نومبر مهيني جي پهرئين هفتي ۾ تاريخون مقرر ڪري آيو. سنڌ جي جهوني جوڳيءَ هرومل تولاڻيءَ الور ۾ سنڌي مان لڏي آيل لباڻا سکن جي وسائڻ ۾ ڏاڍو جبرو رول ادا ڪيو هو ۽ وڏي اثر وارو شخص هو. هر سهوليت ۽ ڪاميابيءَ جي خاطري ڏنائين. ايڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي وتا، ڪي وچي ڪپڙي جا بئنر تيار ڪرائڻ جي ڪم ڪي لڳا. ڪن تختين تي ڪارٽون ٺاهيا، ڪن بئج تيار ڪيا، ڪنوري پني جون ٽوپيون ٺاهي، اُنهن تي اعتراضي نعرا لکي وتا. بانس جي لٺين تي بئنر اٽڪاياسون، ڪاٺ جي پيٽين تي ڪارڊ بورڊ تي تيار ڪيل پوسٽر، پلئڪارڊ ۽ ڪارٽون ڪوڪن سان پڪا ڪري ورتاسون. راتڻ جو دير تائين پئي ڪم هليو ۽ پوءِ وچي سمهياسون. صبوح جو ٻه سويل اُٿئو پيو. اِهو سمورو تيار ڪيل سامانِ ٽئڪسيءَ ۾ کڻائي، اسين ديوناگري سميلن واري جڳهہ تي اچي پهتاسون. هال جي ارد - گرد پوليس بيٺي هئي، جنهن اسان کي هال جي مکيہ ڦاٽڪ کان سؤ وال پري بيهاري ڇڏيو. پوءِ تہ شروع ٿي ويئي نعري بازي "هاءِ هاءِ ..... ۽ مرده باد"! ديوناگري لپي مڙهڻ خلاف نعرا هوا، جيرامداس خلاف بہ نعرا هوا: سميلن جو وقت ٻہ ڏهہ بجا هو. اسين نوين بجي پهچي ويا هواسون. اُن مراد سان تہ شري جيرامداس ايندو تہ اسين سندس اڳ جهلي رستو روڪي بيهنداسون ۽ سميلن هال ۾ وڃڻ نہ ڏينداسون. ڏهہ ٿي ويا، پر شري جيرامداس جو نڪو پتو، نڪو پارا آيل ڊيليگيٽ سڀ اندر وڃي رهيا هُوا. اسان پڇيو: چو پائي، شري جيرامداس سميلن ۾ شامل نٿو ٿئي ڇا؟ تہ ڪنهن چيو: هو تہ صبوح جو اٺين بجي کان اچي اندر وينو آهي. اسان جا تہ تاڪ لڳي ويا. نعريبازي اجان بہ تکي ۽ چتي شروع ٿي ويئي. نعرن هٿائڻ ۾ جيون سرسهاتي (دهلي) ۽ موهن ڪلپنا (بمبئي) گويا شرطون پچائي رهيا هوا. پنهنجي سچي شرير ۽ آتما جي سگهہ ملائي، نعرا لڳائي رهيا هوا. جيون تہ ٻہ فوٽ زمين کان مٿي ٽپو ڏيئي، پنهنجي گلي تي پورو زور ڏيئي نعرو لڳائيندو هو، جو اڌ ميل تي بہ ٻڌڻ ۾ اچي. اسان جي ڪن سر ڦريل دوستن چيو تہ اندر گهسي، اسين سميلن ڦٽايون ٿا. مون اهڙي ڳالهہ جي اجازت ڪا نہ ڏني. پوءِ اسان جن ٽن دوستن، موهن ڪلپنا، ڪرشن راهي ۽ سندر اگناڻيءَ چيو تہ اسين اندر وڃي گوڙ ڪو نہ ڪنداسون، پر جيرامداس سان سوال جواب ڪنداسون. هو ٽيئي اندر گهڙي ويا، اسان جا تيار ٽيل پترا بہ ورهايائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاميٽيءَ ڪي نامزد ڪرڻ لاءِ پڻ مون کي اختيار ڏنو. هن ڪان اڳ اها چونڊ سڌو ڊيليگيٽن طرفان ڪئي ويندي هئي.

هن سمبلن وقت جيڪا اهم ترين ڳالهه ٿي، سو هئي پنجن اکل ڀارت سطح جي سنستائن طرفان سنڌي لپيءَ جي پنيرائيءَ ۾ هڪ وڏو جلوس. اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا، اکل ڀارت سنڌو سيوا سنگهه، سنڌي محاذ، اکل ڀارت سنڌي پنچات فيڊريشن ۽ آزاد سنڌ ڪائونسل، گڏجي لپيءَ جي حمايت ۾ هڪ شاهي مورچو ڪڍيو ۽ لپيءَ جي سوال تي ايڪتا جو زوردار مظاهرو ڪيو. جلوس بئنرن، پلئڪارڊن ۽ جهنڊين سان، ڪي.سي. ڪاليج مان نڪتو ۽ بمبئيءَ جي مکيه ايراضي فورٽ جي پرڪرما ڏني، هندستان اخبار واري گليءَ مان ٿيندو، هندستان جي سنڌي ٻوليءَ ۽ لپي وروڌي نيتيءَ خلاف نعرا هڻندو، اچي آزاد ميدان تي پورو ٿيو. سپيتڪ پروگرام شواجي پارڪ جي وڏي ۽ کليل ميدان ۾ ٿيو، جنهن لاءِ وڏو منچ ڪڙو ڪيو ويو هو. گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل جي ڪلاڪارن، ڀڳونتي ناواڻيءَ ۽ ٻين سان گڏ احمدآباد جي چندر ساوناڻيءَ جي سنڌو ڪلاڪار منڊل، اجمير جي آدرش ودياليه جي ٻال ڪلاڪارن، بمبئيءَ جي ٻن ٻالڪين، آشا ۽ بينا آتمچنداڻيءَ ۽ ٻين خوب نڀايو. سمبلن جي دؤران هريش واسواڻيءَ جي صدارت هيٺ ساهتڪ بيٺڪ، شري جهمٽمل ٽلواڻيءَ جي صدارت هيٺ تعليمي بيٺڪ ٿي، جنهن ۾ الڳ الڳ شهرن مان آيل ساهتڪارن ۽ تعليمدانن سرگرم ڀاڱ ورتو.

منهنجي من ۾ سوپ جو سنتوش هو. چوڏاري خوشيءَ جو واتاورڻ هو. سمبلن منهنجي مٿان وڏيون ذميواريون وجهي ڇڏيون هيون. منهنجي شيوائن جو قدر ڪري مون تي ڇٽ وڌو ويو هو. سنڌيت جي هلچل نئين موڙ تي پهتي هئي. منهنجي اڳيان للڪار هئي ته هن ڪاروان کي مان ڪهڙو تو رهبري ڏيان ۽ دشا ڏانهن وٺي وڃان. مان اهڙي چئلينج لاءِ تيار هوس ۽ من توڙي ذهن ۾ ڪيترائي خواب سجائي ۽ يوجنائون گهڙي ويٺو هوس. سڀا کي نئين راهه تي وٺي وڃڻ لاءِ تيار هوس.

۱۹۷۲ ۾ ڏهين اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن (بمبئي) وقت سڀا جو صدر مون کي چونڊيو ويو. خوشي سان گڏ مون کي گنڀير جوابداريءَ جو احساس به ٿيو، جيڪر ائين به چوان ته منهنجي سامهون هڪ وڏي پريڪٽيا جو چئلينج اُڇليو ويو. مون کي وشواس هو ته اهڙي للڪار سان مان نڀائي سگهندس، سڀا جي ڪاريه کي نئون موڙ ڏيئي سگهندس. هن کان اڳ سڀا جو ڪاريه هڪ گس تان پئي هليو، جنهن ۾ هڪ طرف هو، سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي جي ڀرندڙ مدي تي پرچاري آندولن ۽ ٻئي طرف دستوري ڪاروباري ڪم جو اُڪلاءُ ڪرڻ وغيره. جوڙجڪي ۽ تخليقي ڪاريه طرف گهٽو ڌيان نه ڏئي سگهيا هئاسون. مون پنهنجي من ۾ خاڪو ٺاهي ورتو ته سنڌي ڀاشا جي مسئلن تي پرچاري (agitational) ڪاريه سان گڏ هاڻي جوڙجڪي ڪاريه جو آرنڀ ٿيڻ گهرجي. ان بابت ڪجهه چوان، تنهن کان اڳ هڪ ٻي ڳالهه تي ٿو اچان.

سنڌي ڀاشا جي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ مانيتا جي سوڀ تي اسين سڀ خوش هئاسين. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجين ڀارتي ڀينرن سان برابريءَ جو حق مليو هو ۽ سنڌي جاتيءَ جو مان مٿي ٿيو هو، پر هڪ ڪنڊو اسان جي ڪک ۾ چڀي رهيو هو، سو هو سنڌي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جي حرڪت، ۽ بعد ۾ سنڌيءَ لاءِ ٻن لپين جي فارمولا مقرر ڪرڻ. جيستائين سنڌي ڀاشا جي تسليميءَ لاءِ يڪمشت ٿي لڙڻ جو سوال هو ته اسان وڏي مقصد جي حاصلات لاءِ سڀا جي محاذ کي لپيءَ جي تڪراري مدي کان پري رکيوهو. پر هاڻي ٻوليءَ جي مانيتا، اسان جا بند آزاد ڪيا هئا ۽ ۱۹۷۱ع ۾ اسان سڀا جي جوڙجڪ ۾ بنيادي تبديلي آڻي، سڀا کي سنڌي لپيءَ ۾ وشواس رکندڙن جو پليٽفارم قرار ڏنو هو. هيءُ هڪ اهم ترين فيصلو هو جنهن طرف منهنجو فورن ئي ڌيان ويو. سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميڙ ۾ مون رٿ پيش ڪئي ته ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي جي اهڙي اُرهه - زوراوري ۽ سنڌي ڀاشا جي لپيءَ سان هٿ چراند خلاف اعتراض طور ڀارت جي پارليامينٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ ڏينهن تائين قائم رهي آهي. منهنجي سمجهه ۾ سنڌي ناٽڪ ڪافي ترقي ڪئي آهي، جيتوڻيڪ معيار جي لحاظ کان اڃا گهڻو ڪجهه گهربل آهي ۽ سنڌي ناٽڪ پوئين ٿوري وقت اندر معيار توڙي مقدار ۾ تڪاوت جا اُهڃاڻ ڏيکاري رهيو آهي.

مون پنهنجي من ۾، سيا جون واڳون ونڻ کان پوءِ نشچو ڪيو هو تہ سنڌيت جي هلچل کي ڪشادو ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جوڙجڪي سرگرمين کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ترجيع ڏيندس. اُن مراد کي وڌائيندي، مون سيا طرفان سنڌي تعليمي ڪانفرنس سڏائڻ جو يتن ورتو. نڙياد (گجرات) جي ٻن مشهور هستين ڊاڪٽر سنمک تولاڻي ۽ پريم لکياڻي جي مدد ۽ سهڪار سان ٻن ڏينهن لاءِ نڙياد ۾ ١٧ ۽ ١٨ نومبر تعليمي ڪانفرنس سڏائي سين. ڪانفرنس جو مهورت گجرات راڄيہ جي نائب وزير وشنداس موتياڻي ڪيو. صدارت ڪرڻ جو شرف مون کي مليو. مکيہ مهمان طور گجرات سرڪار جي صحت ۽ پنچات کاتي جي وزير ناڪر ڀائي پٽيل ڪرسي سينگاري. ٻهريون ڊفعو هو جو سيا سنڌين جي تعليمي مسئلن تي وستار سان ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ، سنڌي اڌياپڪن ۽ تعليمدانن کي گهرايو هو، جن تمام گهرائي سان سنڌي ٻارن جي تعليم تي سوچ ويچار ڪيو ۽ گنڀيرتا سان سيني مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، هڪ تعليمي چارٽر تيار ڪيو، جيڪو ڀارت جي راشٽرپتي، پرڌان منتري، تعليم کاتي جي وزير، پرديش جي مکيہ منترين ۽ گورنرن کي موڪليو ويو. تعليم جي ڪانفرنس سان گڏ اسان هڪ سندر سنگيتڪ پروگرام بہ رٿيو هو، جنهن ۾ بزرگ توڙي اُسرندڙ ڪلاڪارن خوب نڀايو ۽ ڀڳونتي ناواڻي ۽ مشهور سنڌي ڀڳت گهنشارام، رات جو دير تائين خلق کي آنند ۾ جهولائيندا رهيا.

هت پهچي، منهنجي آندر مان هڪ دانهن ٿي نڪري. گذريل ڏري گهٽ اَڌ صديءَ کان سيا طرفان سنڌي جاتيءَ جي الڳ الڳ مسئلن تي مرڪزي توڙي پرديشڪ سرڪارين کي ، الائي ڪيترا اَڻ ڳڻت عريضا، درخواستون، تذڪرا ۽ ياداشتون ڏنيون ويئون آهن ـ اگر سيني

نہ چڙي. اسان کي چاڻ هئي تہ دهلي سميلن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هزارين ڊيليگيٽ اچي وارد ٿيندا. دراصل هن دفعي اسان ڊيليگيٽ ڪرڻ جي مهم هلائي هئي ۽ چٽاڀيٽي رکي هئي تہ گهٽي ۾ گهٽ ڊيليگيٽ ڪندڙ سنڌيت جي شيدائين کي سونا ۽ چانديءَ جا ٻلا انعام طور ڏناويندا. ٽن ڀائرن ايم. اڙ. سٿاڻي (گانڌيدام)، ميول آهوجا (بڙودا) ۽ گرمکداس (سنڌو نگر) کي گهڻا ڊيليگيٽ ڪرڻ ڪري انعام عطا ڪيا ويا. جملي چار هزارن جي قريب سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڊيليگيٽ ڪيو ويو. هيترن ڊيليگيٽن جو اسڪولن ۽ ڌرمشالائن ۾ بندوبست ڪرڻ ۽ اُتان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڦيرائڻ بلڪل نا ممڪن هو، تنهن ڪري سميلن شاهي تنبن اندر ڪرڻ جو فيصلو ورتو ويو. اهي تنبو تال ڪٽورا گارڊن ۾ کڙا ڪيا ويا ۽ مٿس هيمون ڪالاڻي نگر نالو ڏنو ويو. بئنڪن لاءِ هڪ وڏو تنبو رکيو ويو، جنهن کي جيئي سنڌ هال نالو ڏنو ويو. نماءَ واري تنبوءَ کي هوشو هال سان سڏيو ويو. رهائش لاءِ هر شهر لاءِ الڳ تنبو ۽ اسپتال لاءِ ڊار تنبو. تحسين جوڳو بندوبست ڪيو ويو. پنهنجي جهالردار آڪار سان لڏندو ۽ لهرائيندو، هيمون ڪالاڻي نگر، گويا سنڌيت جو شاندار شهر ڀاسي رهيو هو. نماءَ ۾ پڻ ڪافي اهم چيزون رکيل هيون، جنهنجي اُدگهاٽن ساهتيہ اڪاڊميءَ جي اُن وقت جي جنرل سيڪريٽري شري پرڀاڪر ماچوي ڪيو، جنهن پنهنجي ڀاشڻ ۾ سنڌي جاتي، ٻولي، لپي جي قدامت جي ساراهہ ڪئي ۽ انهن کي ڀارت ۾ برقرار رکڻ جي زوردار حمايت ڪئي.

دهلي سميلن لاءِ اسان شري اندرڪمار گجرال کي مهورت لاءِ گهرايو هو. اُن وقت هو شريمتي اندرا گانڌيءَ جي ڪئبينيٽ ۾ سماچار ڪاتي جو وزير هو. خوشيءَ سان اچڻ قبوليو هئائين ۽ سچ پچ هو سميلن جي مهورتي پروگرام تي پهتو بہ اچي ، پر منچ تي اچي ڳالهائڻ کان نابري واري ويٺو. ڏاڍي اسان مٿا ڪٽ ڪئي تہ اسٽيج تي اچي خلق کي پنهنجي رڳو شڪل ڏيکاري تہ اسان جي رهجي اچي، پر نہ مڃيائين. اسان کي سمجهڻ ۾ دير ڪا نہ لڳي. اڳ ۾ بہ اسان کي آزمودو هو.

هئي - "رچنا تمک ليکک جي آزاديءَ جو سوال" اٽڪل درجن کن پيپر پڙهيا ويا ۽ ڪليل بحث ٿيو. سيمينار کان متاثر ٿي، ڪرشن ڪتواڻيءَ ٻئي سال جي ليکڪ سيمينار لاءِ اندور لاءِ دعوت ڏني.

هن سال ٻه سنڌين سان ڏيٽ ويٽ ڪرڻ لاءِ ڏوري جو پروگرام رکيو ويو ۽ سڀ راشٽرا ڏانهن نڪتاسون. پوپٽي هيراننداڻي ٻه مون سان گڏ هئي. هوءَ زوردار عورت آهي. ساٿي مردن سان حجاب - هچڪ ڪرڻ سندس سڀاءَ ۾ نه آهي. مردن ۾ مرد آهي. ڪيترن هنڌن تي دورا ڪندي، جڏهين اسين سنڌي گهرن ۾ روٽي کائڻ يا رهڻ لاءِ ترسندا هئاسون ته اڪثر گهرن جون سنڌي استريون ڪائنس حال احوال وٺندي ۽ اهو ڄاڻندي ته هوءَ ڪنواري آهي ۽ ڪنهن ڏارين مردن سان شهرن جا گشت ڪري رهي آهي، حيرت ۾ پئجي ويندڀون هيون. اُتاوليون ٿي پڇنديون هيس ته "تو کي ڊپ ڪو نه ٿو ٿئي؟" ته هوءَ کين سمجهائيندي هئي ته اسين پاڻ ۾ ساٿي آهيون ۽ سنڌي ڄاتيءَ لاءِ رات ڏينهن پيا وهڻ ولوڙيون .... اسان جو پاڻ ۾ وشواس آهي ۽ ڪلندي ڪلندي ساڏارڻ ماين کي ائين به چوندي هئي - "ڪوئي مرد مون ۾ بري نظر وجهي ته اکيون ڪيڏي ڇڏيانس ۽ جي اِجان به قدم اڳتي وڌائي ته آنڊا ڪيڏي ڇڏيانس." ويچاريون ساديون مايون اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسنديون هيون. شايد دل ۾ ائين چونديون هجن - "مائي آهي يا راڪاس!"

گشت دوران اسان چڱا شهر ڦرياسون - گانڌيڌام سان شروعات ڪئيسين، جتان شري مينرام سٺناري پڻ اسان سان شامل ٿيو. ٻن ماڻ تي ٿياسون. راجڪوٽ پهتاسون. ساشتري نگر شرڻارٿي ڪئمپ جي ڪم ڪندڙن سان ملياسون ۽ رات جو لال سائين مندر اڳيان کليل ميدان ۾ عام سنڌين سان مخاطب ٿياسون. راجڪوٽ کان جهونا ڳڙهه پهتاسون. سنت ليلا شاهه جي ياد ۾ نهرايل سنت ليلا شاهه ودياليه جي پرنسيپال هيمنت ڪمار توڻاڻي سڄو اسڪول گهمايو. هر ڪلاس جي شاگردن سان ملياسون ۽ کين پاڻ سان محبت قائم رکڻ جو نياپو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺوسين. جهوناڳڙهه مان هيمنت ڪمار تولاڻي به اسان سان گشت تي نڪري پيو. هاڻي ٿياسون چوٻاري ۾ پنجاسون ڀاتئوا، جتي سنڌين جوهڪ جهونو جوڳي رام لکڻي سنڌيت جي جوت جڳائي ويٺو هو. رات جو سنڌي درمشالا ۾ سنڌين سان ميلاپ رکيائون، جتي سوَن ۾ سنڌي سڄڻ اچي ڳاهٺ ٿيا. خوب تقريرون ۽ سوال جواب ٿيا. هن ننڍڙي شهر ۾ سنڌي پنهنجي اصلوڪي سنڌي ڳوٺ جهڙو وايو منڊل قائم رکيو ويٺا هئا. بالتوا ڪان اسان جو قافلو ڪتيانا مان ٿيندو ويراول پهتو، جتي جو آدم ٿوٽل اسي هزار هو، جنهن مان لوئر مڊل اسڪول سنڌيءَ ۾ هلندڙ هو، تنهن ۾ ست سئو ٻار سنڌي ۾ پڙهندا هئا. هاءِ اسڪول جي به ڪوشش هلندڙ هئي.

سؤ راشٽر واري علائقي ۾ گهڻا تڻا ماڻهو سنڌ جي ديهاتي علائقي جا هئا، جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڀاشا کي آتي پيار ڪندا هئا. جتي گذريل سال مڌيه پرديش جي دوري وقت نئون وشواس ۽ جهجهو آتساهه مليوسين. هن ڀاسي ديو ناگري لپيءَ جو ته نالو نشان به ڪو نه هو ۽ نڪو ڪو گجراتي ڀاشا سنڌيءَ کي ڳڙڪائي ويٺي هئي، جيڪا حالت مڌيه پرديش ۾ هئي، جتي هندي، نه صرف سنڌيءَ کي ڳڙڪائي ويٺي هئي، بلڪ سنڌي گهرن ۾ به گهسي آئي هئي. حقيقت اها آهي ته شهري ماڻهو ئي جلدي پنهنجي پاڙن کي کوهڻ ۽ اصليت کي وسارڻ جي پراسيس ۾ ڏاڍا جلد باز آهن. اِهو به سماجڪ بدل سدل جي هڪ پرسپر ترتيب آهي، جنهن جو وڏيڪ وستار ڪرڻ جي هت گنجائش نه آهي. صرف هڪڙي ڳالهه چوڻ جهڙي آهي ته جيڪا قوم / جاتي پاڻ طرف سجاڳ آهي ۽ پنهنجي شاهوڪار ورثي ۽ روايتن سان جڙيل آهي، سا پنهنجي پاڙن کي سولوڪو نه ڪسڪڻ ڏيندي آهي.هن باري ۾ ڪنهن ٻئي وقت سوچينداسون.

مان جيون جي ٻئي ڪنهن پهلوءَ تي اوهان سان دوبدو ٿيان، تنهن کان اڳ، هڪ خاص ساهت سميلن جو ذڪرڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. ١٩٧٦ ۾ آديپور سميلن وقت موهن ڪلپنا، جنهن جا اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقيپسند سنڌي اديبن جي ٽوليءَ سان، جيڪي به سخت متپيد هئا، سي سڀ وساري يا مٽائي، هو سڀا کي ايترو نزديڪ اچي ويو هو جو نه صرف ڪاروباري ڪاميٽي تي اچڻ لاءِ راضي ٿي ويو، بلڪه اجان به اڳتي وڌي هو سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ جون جوابداريون هموار ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويو. منهنجن ڪن ويجهن ساٿين کي اهڙي آڇ تي دل ۾ شنڪائون پيدا ٿيون. پر مون هنن کي خاطري ڏياري، آئت ڏنو ته اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿيندي. مون وٽ ان وشواس لاءِ به مضبوط ڪارڻ هئا - هڪڙو اِهو هو جو موهن ڪلپنا سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي جاتيءَ جو سچو شيدائي هو. هن جي سنڌيت سان ڪمٽمينٽ ايتري ئي مضبوط هئي، جيتري ڪنهن سنڌي - پرست جي ٿي سگهي ٿي. هن جا اسان مان ڪن سان انفرادي سطح تي ويچارن جا متپيد يا ٽڪراءَ هئا، جيڪي وقت پائي، آها چٽائي وچائي وينا هئا. ٻئي طرف موهن ڪلپنا جو مون سان تال ميل بلڪل سٺي ۾ سٺو هو. اوهان کي ياد هوندو ته اسان سان سخت ۾ سخت مخالفت وارن ڏينهن ۾ به هن ڀوپال سميلن وقت مون کي خانگي طور ائين ئي چيو هو ته” اي. جي . آتم بجاءِ اگر تون جنرل سيڪريٽري پد لاءِ لڙندين ته اسين تنهنجي مخالفت اصل ڪو نه ڪنداسون.“ ڪيترن وقتن تي ڪيتري به ٽڪراءَ وقت هو مون سان تمام سهڻي تال - ميل ۾ هوندو هو تنهن باري ۾ مون کي اِشارا اڳوات به ڏنا آهن. مون کي خاطري هئي ته موهن ڪلپنا وٽ شڪتي ۽ سوچ جو ڀنڊار هو ۽ جي ان کي پورو ۽ صحيح دڳ ملي ويجي ته ان مان گهڻائي ڪارائتا نتيجا نڪري سگهن ٿا.

موهن ڪلپنا جنرل سيڪريٽري چونڊيو ته مڙس بود ۾ اچي ويو. ڀهريندي ئي مون کي چيائين؛ ڪيرت ڏس ! ايندڙ سميلن اسين سنڌين جي تيرٿ آستان (سنڌو نگر) ۾ ڪنداسون. اِهو سميلن اهڙو ڪري ڏيکاريندو سانءِ جو تاريخ ۾ ياد رهندو. مون کي ڳڻو تنهنجو ساٿ کپي. منهنجي من ۾ شنڪا هئي، پر مون انکي اُيرڻ نه ڏنو. جڏهين جو سنڌس دل ۾ آتساهه جو سمنڊ ڇوليون ماري رهيو هو، مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي تمڻ جي ڪوشش ڇو ڪُريان؟ هو سنڌو نگر کي ايترو پيار ڪندو هو، جيترو سنڌ کي. تنهن ڪري سنڌو نگر جو سميلن سنڌس ڪلپنا ۾ وڏو آڪار پائي چڪو هو.

ائين الائي ڇو آهي، ڇا ڪنهن رٿا سان آهي، يا اِهو محض اتفاق آهي. پر ائين به ٿي سگهي ٿو ته اِها هندو ڏند ڪٿائن جي دين ۽ پرمپرا پٽاندڙ آهي. برهما، وشنو ۽ مهيش جي ٽمورتي هندو ڌرم ۽ فلسفي جو هڪ بنيادي ستاءُ آهي ۽ اها پرمپا اسان جي جيون سان ايڏي جڙيل ۽ جٽيل آهي، جو اِهو ٽمورتيءَ جو آڪار پنهنجين نرالين حالتن ۽ نڪاتن موجب خود بخود اُڀري ٿو اچي. ڪيتريون ٽمورتيون الڳ مقامن يا ڪيترن ۾ نهي ۽ نهڪي ٿيون اچن. سنڌي ساهتڪ ڪيتر ۾ پڻ الڳ الڳ دؤرن ۾ اِهي ٽمورتيون وجود ۾ آيون آهن. مان انهن کي شمارڻ ڪو نه وينو آهيان. رڳو هڪ طرف ڌيان ڇڪائڻ ٿو چاهيان ته جنهن وقت جي مان ڳالهه وينو ڪريان، تنهن وقت ۾ سنڌو نگر جي ساهتڪ ڪيتر ۾ به هڪڙي جبري ٽمورتي اڀري اچي چڪي هئي. ـ سلامت راءِ پرسوائي، موهن ڪلپنا ۽ ارجن سڪايل، جيڪا پڇاڙيءَ تائين قائم رهي. پهرين هنن ٽن يارن گڏجي چوڏهين سميلن جو خاڪو تيار ڪيو ۽ ڪن پين دوستن کي پڻ پاڻ سان شامل ڪيو. سميلن جي سوبپ لاءِ هنن هڪ وڏو ميڙ سڏايو، جنهن ۾ سيني ڌرين ۽ گروهن جي مکيه ماڻهن کي دعوت ڏيئي گهرايو ته جيئن سيني جو سهڪار حاصل ڪري سگهجي. اُن ميڙ ۾ مون کي ۽ مالهيءَ کي به سڏ ٿيو. ميڙ ۾ پهرين ڪجهه ترشي پيدا ٿي. ڪنهن حجت اٿاري ته لپيءَ جي سوال تي تناءُ پيدا ٿيندو، جنهن ڪري اسان جي شهر جي شانت واتاورڻ ۾ ڏڦيڙ پئجي ويندو. مون ڪان ان باري ۾ صفائيءَ جي گهر ڪيائون. مون کين تهمل سان سمجهايو ته اسين واتاورڻ کي بگاڙڻ يا سنڌين ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ لاءِ سميلن ڪو نه ڪوٺائي رهيا آهيون. سميلن جي مراد آهي ته سنڌين ۾ ايڪتا اچي ۽ اسين پنهنجن اصلي مسئلن تي يڪمشت ٿي، گهرون سرڪار اڳيان رکون. مون چيو: ” مان توهان کي وشواس ٿو ڏياريان ته

ڪو به تڪراري مسئلو اسين سميلن اڳيان نہ آڻيندا سون، جنهن مان وايو منڊل ۾ ترشي اچي." لپيءَ جي سوال تي پڻ مون پنهنجي ويچار کي صاف چٽو ڪندي چيو تہ سنڌي لپيءَ جي سوپ تي چڪي آهي، سرڪاري سطح تي، تعليمي سطح تي، ساهتڪ سطح تي سنڌي لپي تسليم ٿي چڪي آهي. سنڌي ڀاشا جي لپي بدلائڻ وارو جيڪو نعرو گمراهہ ٿيل اڳواڻن طرفان لڳايو ويو هو، سو ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي صرف ڪي چند ديوناگري پرست پنهنجي هٺ ڌرمي وچان اجان بہ هوڏ تان نٿا لهن، تن سان آتڪڻ ۾ پنهنجي شڪ وڃائڻ جو هاڻي اسان کي شوق نہ آهي. اسان پنهنجي سنڌي لپي جي طرفداريءَ تي قائم هيون. ان ڪان هٽڻ وارا نہ آهيون.

سڄو تناءُ وترجي ويو. سيني ويچارن جي حاضر معزز شخصن يڪراءِ سميلن ڪوٺائڻ ۾ ان ڪي دلي سهڪار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪن کي چوندو ٻڌو ويو تہ: ڪيرت ٻاٻاڻي جادوگري ڪري، سيني تي هٿ ڦيرائي، فيصلو ڪرائي ورتو آهي. پر هو پنهنجي ڏنل وچن تي قائم ڪو نہ رهندو. اهڙا انومان بہ انهن شخصن پئي ڦهلايا، جن سميلن کي تارپيڊو ڪرڻ لاءِ لپيءَ جي سوال کي تپائي آندو هو. سندن اصلي مراد سميلن کي ڪنهن بہ طريقي سان تارڻ جي-هئي. پر آخر تائين ان مراد ۾ ڪامياب نہ ويا. منهنجي هن قسم جي ويچار تي ترقي پسند تمورتيءَ جو هڪ يار، اتم غصي ٿي ويو. سندس سمجهہ ۾ مون سڀا جي اصولن سان سمجهوتي بازي ڪئي آهي، تنهن ڪري سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ تان استعيفي ڏياري موڪليائين. ٻين هڪ ٻن ميمبرن کي پڻ اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ورپو ڪجهہ نہ. هي صاحب ويهن سالن ڪان سڀا سان ان ڳالهہ تي ڏمريو ڦري ۾ گهٽو ڪجهہ غير واجبي ۾ اڻ سهائيندو چوندو ۾ لکندو رهي ٿو. مٿين تمورتيءَ ڪان سواءِ نگر جي ٻين مکيہ هستين بہ زوردار حصو ورتو، جن ۾ خاص هستيون هيون، پرسرام ڪالاڻي، نوتنداس خوبچنداڻي، دنيچند ڪالاڻي، ڪشن دلواڻي ۽ نوجوان اديبن مان ڪشور پهوجا ۽ ٽيڪچند مست. ڊيليگيٽن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاضريءَ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو. پنج هزار ڊيليگيٽ اچي پهتا. سڀ اِسڪول ڌرمشالائون تمتار ٿي ويا. پر ڪٿي به رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست ٿيو ڪو نه. ٿي ٿي دفعا چانورن جون ديڳيون ٿي لٿيون.

چوڏهين سميلن جو مهورت اُن وقت جي مهاراشٽرا سرڪار جي وزير شري حشو آڏواڻي ڪيو. صدارت جو شرف مون کي مليو. صدارت کان پوءِ جيڪو ڪلچرل پروگرام پيش ٿيو، تنهن ۾ بمبئي ۽ الهاس نگر جي مڙني اوچ ڪوٽيءَ جي ڪلاڪارن ڀاڱ ورتو. عام ڪٿ موجب اٽڪل پنجٽيهه هزار سنڌو نگر واسين پروگرام جو رس ورتو ۽ اها روئداد ٽيئي راتيون هلي، بمبئي دور درشن جو يونٽ ٽيئي ڏينهن سنڌو نگر ۾ ڪپ کوڙي اچي ويٺو هو ۽ آخر ۾ اڌ ڪلاڪ جي ٽي. وي رپورٽ تيار ڪري بمبئي دور درشن تان پيش ڪئي ويئي. موهن ڪلپنا جي اِها خواهش ته سنڌونگر جو سميلن تاريخي حيثيت وارو ٿئي، سا منشا پوري ٿيس.

مکيه طور مان سنڌيت جي هلچل سان وچن بڌ رهيس. پر منهنجي ڪرم جو کيتر صرف سنڌي جاتي جي مسئلن ۽ مشڪلاتن تائين محدود ڪو نه رهيو. مان انتر راشٽري هلچلن کان به متاثر ٿيس. خاص طور سماجوادي ملڪن سان دوستيءَ جي هلچل ۽ وشو امن هلچل طرف ڪافي ڇڪجي ويس. ڪميونسٽ هئڻ جي ناتي منهنجي دلچسپي سوويت يونين ۽ ٻين سماجوادي ملڪن ۾ سياويڪ هئي، روس ۾ سماجوادي اِنقلاب ڀارت جي ٻڌيمانن جو خاص ڌيان ڇڪايو هو. شروعاتي دور ۾ ٿي بال گنگاڌرتلڪ ۽ مهاتما گانڌيءَ روسي ستم زده عوام سان ڏاڍي همدردي ڏيکاري هئي ۽ جڏهين مظلوم روسي جنتا زار شاهيءَ جو تخت اُلٽو ڪري عوامي سويت (پنچائتي) راڄ قائم ڪيو ته هتي نيتائن ان جي گرم جوشيءَ سان خوش آمديد ڪئي. ڀارت ١٩٤٧ ۾ آزاد ٿيو ته ڀارت جي پهرين پرڌان منتري پنڊت جواهر لعل نهروءَ روس سان دوستيءَ جو ناتو وڌايو. جواهر لعل نهرو روسي انقلاب جي ڏهين سالگرهه (١٩٢٧ ۾ ) روسي سرڪار جي دعوت تي جشن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاضر رهيو هو. ڏاڍو متاثر ٿي آيو هو ۽ ڪافي ڪجهه ساراهه ۾ لکيو به هئائين. پر جڏهين ڪوي رابندر نات ٽائگور روس جي دوري تان ٿي موٽيو ته ايتري ساراهه ڪيائين جو سڀ ڀارتي باشندا نئين تجربي تي حيران ٿي ويا ۽ روسي لوڪن سان ڀارتي جنتا جي ڏاڍي سهڻيوتي ٿي ويئي ۽ دوستيءَ جو هٿ اڃان وڌي ڊگهو ٿيو. سوويت يونين ڪليءَ دل سان ڀارت جي اڏاوت ۽ آرٿڪ ترقيءَ ۾ توڙي ڀارت جي بچاءَ سلامتيءَ لاءِ دل کولي مدد ڪئي، جيڪو گذريل تاريخ جو هڪ اهم باب آهي. جڏهين جڏهين اولهه جا شاهوڪاري ملڪ ڀارت خلاف منصوبا سٽيندا هئا يا آرٿڪ ترقيءَ لاءِ گهربل سامگري ڏيڻ کان آناڪاني ڪندا هئا يا سياسي دٻاءَ آڻيندا هئا ته سوويت يونين ڀارت کي مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ايندي هئي ۽ اولهه جي ڀارت دشمن کي ڪڏهين ڪڏهين ته اک به ڏيکاريندي هئي. ڪشمير جي سوال تي يا پاڪستان سان ١٩٧١ واري لڙائيءَ وقت ڀارت کي سوويت يونين وٽان ڪيتري اخلاقي مدد ملي، سو هر ڀارتي ڄاڻي ٿو.

انتر راشٽري سطح تي ٻي هڪ حقيقت به اُڀري رهي هئي، تنهن کان به سڄاڳ دنيا جي خلق ڀليءَ ڀت واقف آهي. اها حقيقت هئي ته سوويت يونين جو وجود، اولهه جي سرمائيداري ملڪن لاءِ ڇاتيءَ ۾ ڪنڊي برابر هو. هنن روس جي آڪٽوبر (مزدور) انقلاب کي ڪڏهين به قبول ڪو نه ڪيو هو. هنن منڍ کان وٺي سوويت راڄ سان دشمني ۽ ناڪابندي ڪرڻ جو وهنوار لاڳو رکيو هو ۽ روس جي خلاف خوب تياريون پئي ڪيون. هن ڳالهه کان امن پسند دنيا جا مفڪر ۽ سماجواد جا شيدائي بلڪل جاڳرت هئا، تنهن ڪري سوويت يونين کي ڪاين شڪتين جي حملي کان ساوڌان ڪرڻ ۽ سندس حق ۾ آواز بلند ڪرڻ لاءِ دوستاڻيون سنستائون ڪڙيون ڪيون ويئون. شروعات ۾ ڀارت ۾ ڪن پڌيمانن فريندس آف سوويت يونين برپا ڪئي، جنهن جو پٽومقصد هو: (١) سوويت يونين جي باري ۾ ڀارت واسين کي صحيح ڄاڻ ڏيڻ ۽ ڪوڙي پرچار کي رد ڪرڻ (٢) ٻنهي ملڪن جي وچ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتندڙن ڪي نقدي رقم سان گڏ سونو پلو ۽ قدر شناسي جو سرٽيفڪيٽ تنهن ڪان سواءِ پندرهن ڏينهن لاءِ سوويت يونين جو سوويت سرڪار جي خرچ تي دورو به ڪرايو ويندو هو. اهڙي انعام جي چاهنا وچان مون وشو شانتيءَ جي سوال تي، امن جي اُفق ڏانهن سري سان هڪڙو ڪتاب ۱۹۷۸ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو سفارش ڪاميٽي کي پسند پيو ۽ ان جي ڪنوينر شري خواجا احمد عباس سفارش ڪري موڪليو به پر آل انڊيا سفارش ڪاميٽيءَ، اُن سال ڪنهن ٻئي اهم شخص کي ڪنهن زور بار هيٺ اِهو انعام ڏياريو ۽ مون کي ٿورو وقت ترسڻ لاءِ چيو ويو.

مان نراس ٿيس ۽ ٿورو جهٽڪو به آيم ته زوربار ڪان وڏي حيثيت وارا ماڻهو به ڇٽل ڪو نه آهن. مان جڏهين عباس صاحب سان مليس ته هن مون کي پيچيدگيءَ کان واقف ڪيو. پر همت ڏني ته ” تون ڪوشش ڪري ٻيو ڪتاب لک، مان وري به تنهنجو نالو سفارش ڪندس، جو مان تو کي شخصي طور ڄاڻان ٿو ته تون اِن انعام جو حقدار آهين جو اَمن جي تحريڪ ۾ ڪيترو نه زوردار رول ادا ڪري رهيو آهين“. اُن وقت مان امن جي هلچل ۾ به ڏاڍو اڳرو هوس. ڀارت ۾ اَمن هلچل هلائڻ واري جيڪا سنستا - آل انڊيا پيس اينڊ سالڊيرٽي آرگنائيزيشن هئي، تنهن جي بمبئيءَ ڪاميٽيءَ جو پڻ نائب صدر هوس ۽ مسٽر ٽي. گوديوالا برڪ ڪميونسٽ وڪيل ان جو پرڌامن هو. جنهن منهنجي پستڪ - امن جي اُفق لاءِ زوردار مهاڳ به لکيو هو. ٻئي طرف هن کي اِها ڄاڻ هئي ته سوويت دوستي ڪلچرل سوسائٽي ۾ پڻ ڏاڍو سرگرم ڪارڪن هوس. مون همت ڪا نه هاري. مون کي پنجن ڏهن هزارن جي انعام جي اون ڪانه هئي، پر سماجواد جو شيدائي هئڻ ڪري اُن ملڪ کي ڏسڻ تي چاهيم. جيڪو ان وقت اسان جي خوابن جو مرڪز هو ۽ اسان لاءِ ڌرتيءَ تي سرڳ سمان هو. پوءِ ته اِهو سرڳ جو سپنو ٽٽي پيو. پر اُها پوءِ جي ڳالهه آهي، جنهن بابت مان ايندڙ صفحن تي پنهنجو رد عمل ضرور ڏيندس.

انعامي جلسي ۾ پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي جنم ڏينهن تي ۱۴ نومبر ۱۹۸۰ تي ڀارت سرڪار جي ان وقت جي مالي وزير مسٽر آر. وينڪٽرامن، جو پوءِ ڀارت جو راشٽر پتي بڻيو، جي هٿان انعام ڏياريو ويو.

سماجواد جو سندر سپنو جيڪو مون ۱۹۴۲ کان وٺي، هڪ اعليٰ آدرش جي صورت ۾ دل ۾ سجائي ۽ سنڀالي رکيو هو ۽ جنهن جو سڦروپ مان پنهنجين اکين سان وجيءَ ڏسي آيو هوس سو جڏهن ۱۹۸۹ ۾ ڍهي پيو ته ڏاڍو ڏڪ آيو. چڻ هڪ سندر آدرش چڪناچور ٿي ويو. ساري ترقي پسند دنيا پريشان ٿي، پر اولهه جي پونجيواد دنيا ۾ جشن ٿيا ۽ فتوائون صادر ٿيون ته سماجدواد جو فلسفو ناڪامياب ويو ۽ هاڻي دفنائجي ويندو. پر اِها سماجواد ـ وروڌي شڪتين / ملڪن جي ناسمجهي هئي، جيڪا پوءِ جي گذريل سٺ ـ اٺن سالن ۾ صاف چٽي ٿي بيٺي آهي. سماجواد سماج جو تجربو هڪ ملڪ (روس) ۾ برابر شڪست کائي چڪو آهي، پر ان جو مطلب اِهو ڪونهي ته سماجواد جي فلسفي سان ڪا بنيادي خرابي يا ويڌن آهي. اهي صرف انسان جي انفرادي عمل جي ناڪاميابي آهي. تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا مثال آهن، جتي بهترين ويچارن ۽ نيڪ مرادن کي عمل جي آڏيءَ تي انسانن بريءَ طرح ناڪامياب بڻايو آهي. ڪارڻ اُن جي الگ الگ رهيا آهن. ڪڏهن ته سندن ناسمجهيءَ ڪري، ڪڏهن سندن آپي جي سوارٿ ڪري، ته ڪڏهن وري غلط فيصلن ڪري. سوويت روس ۾ سماجواد ايڏي وڏي پئماني تي هو، جهڙو اڳ ڪڏهن انساني تاريخ ۾ نه ٿيو هو. پيو ته هيءُ تجربو سماج جي اندر بنيادي تبديل آڻڻ ۽ هزارن سالن جي سڙيل سماج جي ڪايا ڪلپ ڪرڻ لاءِ هو، جا ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. ٽين ڳالهه ته لينن جي موت (۱۹۲۴) کان پوءِ انقلاب جون واڳون ۽ سرڪاري ڪاروبار جون جوابداريون غلط ليڊرشپ جي هٿ ۾ اچي ويئون، جن اندرين توڙي ٻاهرين نيتيءَ ۾ ڀيانڪ ڀلون ڪري وڌيون، جنهن مطابق هڪ طرف آمريڪا سان جنگي هٿيار ٺاهڻ جي شرط ۾ خزانو لٽيندا ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هڪ بلاڪ وٽ، ائين ڪان ڏهن هزارن تائين، گدامن ۾ موجود هئا. ميزائيلون جيڪي اِهو بم ڪٽي وارو ڪري سگهن، سي به هزارن ۾ هيون ۽ انهن جو نشان پنج هزار ڪلوميٽر دوريءَ تي تي سگهيو ٿي. دنيا جي گولي تي ڪو به شهر ڪيڏي مهل به تباهه ٿي سگهيو ٿي. دنيا جڻ تباهيءَ جي چوٽيءَ تي ويٺي هئي. ڪڏهين به ڪا چڻنگ لڳي ته هيءَ سهڻي ڌرتي تباهه ٿي سگهي ٿي ۽ انسان جي هزارن سالن جي لاڏ سان پاليل انساني تهذيب به ختم ٿي سگهي ٿي. ائٽم لڙائي ڪان پوءِ انسان ذات هزارن سالن تائين وري جهنگلي حيثيت / حالت ۾ رهڻ لاءِ مجبور ٿئي ها.

اهڙي سمي انسان جو وويڪ جاڳي اٿيو. سڄي سنسار ۾ اهڙن هيبتناڪ خبرن ۽ حقيقتن وائويلا ۽ هاهاڪار مچائي ڇڏي. سڀ سڄاڻ شخص ۽ ملڪ خطري ڪان ساوڌان ٿيا ۽ اهڙن هٿيارن جي پيدائش خلاف آواز اٿاريو. سڀني ملڪن ۾ وشو شانتيءَ لاءِ ميڙ، ميٽنگون، جلوس، جلسا، نهراوَ ۽ پڌرايون ٿيون ۽ ان نموني ورلڊ پيس ڪائونسل، دنيا ۾ آمن قائم ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي. هر سال ڪنهن نه ڪنهن يورپ جي ملڪ ۾ ورلڊ پيس ڪائونسل جي انترراشٽري دنيا پر جا مفڪر، سائنسدان، ڪلاڪار، ودوان، ڪن ملڪن يا انترراشٽري سنستائن جا عيوضي گڏجي دنيا جي شانتي کي قائم ڪرڻ لاءِ پرن ڪندا هئا ۽ جدوجهد هلائڻ لاءِ گڏيل پروگرام ٺاهيندا هئا.

١٩٨٣ ۾ مون کي به اهڙي هڪ دنيا جي امن ڪانفرنس ۾ ڊيليگيٽ طور شامل ٿيڻ جو وجهه مليو. ان وقت مان بمبئيءَ ۾ هلندڙ امن تحريڪ جي سنستا جو وائيس پريزيڊنٽ هوس. ڪانفرنس جو نالو دنيا جي امن پسندن جي اسيمبلي هو. مونکي ته اندازو به ڪونه هو ته ان ۾ ڪيترا ڊيليگيٽ شريڪ ٿيندا. بمبئيءَ مان جملي پنج ڊيليگيٽ هئاسون. ڪانفرنس سماج واري ملڪ يوگو سلاويه جي گاديءَ جي هنڌ پراگ ۾ رٿيل هئي. جڏهين اسين دهليءَ ۾ پهتاسون، جتي پارٽ جا سڀ ڊيليگيٽ گڏ ٿي پراگ ڏانهن روانا ٿيڻا هئاسون ته اسان جي

ڊيليگيشن جو ڪل اندازو ٻہ سئو هو. انهن ۾ سنڌي، مان هڪ ئي هوس. جڏهين اسين پراگ پهتاسون تہ جملي انداز، ٽي هزار ڊيليگيٽ پڏايو ويو. جيڪي هڪ سئو ٽن ملڪن مان آيل هئا. آمريڪا جي ڊيليگيٽن ڪي چڏي، پارت جي ڊيليگيشن تعداد ۾ ٻيو نمبر هئي ۽ اسان ڪي ڏاڍي خوشي ٿي تہ جنگبازن جي ملڪ ۾ پڻ شانتيءَ لاءِ تمام گهڻو چاهہ آهي.

ڊيليگيٽن کي پراگ جي وڏين شاهي هوٽلن ۾ رهايو ويو. هر هڪ ڊيليگيٽ کي الڳ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو هو. کاڌي لاءِ سيني کي ڪوپن ڏنا ويا هئا، جن کي ڏيکاري هوٽل جي ريسٽارنٽ ۾ ڪنهن بہ شي جو آرڊر ڏيئي سگهجي پيو. ڪانفرنس جملي ستن ڏينهن لاءِ هئي. مهورتي ڏينهن تي اسان کي هوٽلن مان بسين رستي پراگ جي هڪ شاهي هال ۾ وٺي هليا، جتي ٽيهزار ڊيليگيٽس ماپي ويا. مهورت يوگوسلوويا جي پريزيڊنٽ ڪيو، جنهن کان پوءِ ٻين ملڪن مان آيل اهم هستين ٻہ ڳالهايو ۽ آخر ۾ ورلڊ پس ڪائونسل جي پرڌان مسٽر روميش چندر ڳالهايو ۽ ڪانفرنس جي پوري پروگرام جي روپ ريکا ڏني. ڪانفرنس کي ڪميشن ۾ ورهائڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي پسنديءَ واري وشيہ سان لاڳو ڪميشنَ ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ چيو ويو. مون امن ۽ ليکڪ وشيہ واري ڪميشن ۾ نالو ڏنو. اِنهيءَ ڏينهن جي پوئين اڌ ۾ چيڪو سلوويڪيا جي سيپتڪ ٽولين سندن نرتيہ، سنگيت ۽ لوڪ ڪلا جي سنگم جو هڪ دل اُٽاريندڙ پروگرام، ڊيليگيٽن جي وندر لاءِ پيش ڪيو. چيڪوسلوويڪيا جي پريزيڊنٽ (نالو ياد نہ رهيو آهي) وٽان سيني ڊيلگيٽن کي رات جي کاڌي جي دعوت مليل آهي، جنهن لاءِ دعوتناما اڳواٽ ئي ورهايا ويا آهن. بسين ۾ سڄو ڪاروان چيڪوسلوويڪيا جي پريزيڊنٽ جي محلات تي پهچي ٿو وڃي، جتي سڪيورٽيءَ جي چڪاس کان پوءِ هر ڪو محل اندر داخل ٿيندو ٿو وڃي. ٽي هزار ماڻهو محلات ۾ سمائجي ٿا وڃن. کاڌي-پيتي جو شاهي بندوبست آهي. سيڪو پيئڻ ۽ کائڻ ۾ مشغول آهي ۽ ٽوليون

ناهي هڪبئي ۾ روح رهاڻ ڪري رهيا آهن جو، اوچتو سس پس ٿئي ٿي تہ پريزيڊنٽ ڊيليگيشن سان آدرستڪار ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي. هزارين اکيون وچي هال جي مکيہ دروازي تي اٽڪي بيٺيون. بنا ڪنهن دٻدٻي يا ”پوش پوش“ جي هو صاحب اندر گهڙيو. ڊيليگيٽ جيڪي ٽولين ۾ بيٺا هئا، تن سان ”هيلو هيلو“ ڪندو، اڳتي وڌندو ويو. جڏهن اسان پارٽي ٽولي وٽان لنگهيو تہ اسان هٿ جوڙي نمستي ڪئي. موٽ ۾ هن بہ ساڳئي نموني آدرستڪار ڪيو. پارٽ جو اِهو ”خوش آمديد“ ڪرڻ جو رواج سماجوادي ملڪن ۾ مشهور ٿي چڪو هو ۽ جتي ڪٿي اسان سان هٿ جوڙي ”نمستي“ ڪندا هئا.

پٺي ڏينهن تي بيٺڪون شروع ٿيون. مون بہ پنهنجو نالو ڳالهائڻ لاءِ ڏنو. هر ڪنهن وٽ پنهنجي جاءِ تي ڳالهائڻ لاءِ ٽيليفون موجود هو. جڏهن وقت جي سياپتيءَ منهنجو نالو پڪاريو تہ مون انگريزيءَ ۾ هڪ پرزور تقرير ڪئي، جنهنجو تاتپرج هن ريت هو: اڄ دنيا ٽن بلاڪن ۾ ورهايل آهي. هڪ آهي سلطنت شاهيءَ جو بلاڪ جيڪو هٿيار ناهڻ ۽ آهي وڪرو ڪري دنيا ۾ جنگي واتاورڻ پيدا ڪرڻ لاءِ آامده آهي. شانتيءَ سان هن جو ڪو پريوجن ڪونهي. ٻيو بلاڪ آهي، سماجوادي ملڪن جو، جيڪي پنهنجي تازي آزادي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ نؤنرماڻ جي ڪم ۾ رڌل آهن، تن کي نڪو هٿيارن جي ۽ نڪو جنگ جي ضرورت آهي، هو تہ آمن جا پڪي آهن. ٽيون بلاڪ اُنهن ملڪن جو آهي، جن سامراج کان آزادي هٿ ڪئي آهي ۽ هاڻي گهڻي ڀاڱي ٻي طرفدار گٽ ۾ شامل آهن، سي بہ پنهنجي آرٿڪ اوسر لاءِ آمن ٿا چاهين ۽ مٿين ٻن بلاڪن جي ويڙهہ کان الڳ رهڻ ٿا گهرن. دنيا ۾ آمن جون شڪتيون، جنگي شڪتين ڪان وڌيڪ مضبوط آهن. اگر سامراجوادي جنگ جو ڀارو اُچليندا تہ دنيا جي عوام ڪين بري نموني شڪست ڏيندي. عوامي شڪتيءَ اڳيان سندن بم، ميزائيلون، ٽئنڪون ۽ جهاز مات ٿي ويندا.... ليڪڪ هميشہ شانتيءَ جو دوت آهي. تباهيءَ کي هو ڌڪاريندو آهي. انسان ذات جي انصاف، سچ ۽ بهتر جيون جي لاءِ لڙائي

اچي بسين ۾ ويهندا هئا. دتا مينگهي ڏاڍو مذاقي شخص هو. سردار ۽ سردارني کي ڏسي، ته متي آسمان ۾ نهاري چوي: "باباني جي! بادل اور بجلي آ رهي هئين.... ذرا سجدي ۾ گردن جهڪائيئي!" مان چوانس: "نامراد! گردن نہ ڪاٽ لي تيري.... ڪرپان سي نهين ڊرتي؟" اسين ٺهڪ ڏيندارهون ۽ ٻيا ڊيليگيٽ پيا واتڙن وانگر اسان کي ڏسن ته هنن چڱن مڙسن جا لڏو آهي. ٻئي اهڙا يار ٿي ويا، جو زور پيا پرين ته جي مان شرد پورا جي ڪانگريس ۾ داخل ٿي وڃان ته الائي ڪٿي پهچي ويندس! هر وقت پيپر نئپڪن ڪٿي سامهون رکن ته ڪو هن تي لکي ڏي ته تون اسان جي پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ ٿو چاهين: باقي ڪم اسين پاڻهي راس ڪنداسون. منهنجو هڪڙو ئي تڪيہ ڪلام: "باز آئي از محبت سي.... راجينتي منهنجي وس جو روڳ نہ آهي...."

ڪانفرنس ڪان پوءِ پراگ شهر جي تاريخي، تهذيبي ۽ ڌرمي آستانن تي پارٽ جي ڊيليگيٽن کي وٺي هليا، جتي ڪيترو ئي ڪجهہ ڏسڻ ـ ٻڌڻ لاءِ مليو، خاص طور ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ نازي فوجن جيڪي بربادين ۽ قهر ڪيا هئا، سي اکين سان ڏسڻ لاءِ مليا. جيڪي محل ـ ماڙيون، گهٽيون ۽ جڳهيون، ديوليون، سيڪ مرڪز، ميوزم وغيره ناس ڪيا ويا هئا، سي نئين سر اڏاوت ڪري، نهايت سهڻي نموني ۾ کڙا ڪيا اٿن. صرف نشاني طور ڪٿي، هڪڙو پڙپانگ حصو قائم رکيو اٿن ته دنيا جا ماڻهو ڏسي سگهن ته نازين ڪيڏي نہ تباهي آندي هئي ۽ سندن جنتا اهڙي تباهي جا ڪيئن نشان مٽائي وري شاندار شهر جياري ڇڏيا آهن.

پراگ ڪانفرنس ڪان پوءِ پارٽ جي ڊيليگيشن کي رشيا جي گهمڻ جي دعوت مليل هئي. پارٽ جي ٻن سئو ڊيليگيٽن کي پراگ مان خاص ٽرين رستي ماسڪو ڏانهن روانو ڪيو ويو. رشيا ۾، ساڳيا چار شهر ـ ماسڪو، لينن گراڊ، تاشقند ۽ سمرقند گهمائڻ جو پروگرام هئو. ٽرين ۾ منهنجو سنگ ڊاڪٽر پيدم سنهہ پاٽل ۽ دتا مينگهي ڪان ٽٽي ويو. گوئا ڪان آيل هڪ ٻيو وڪيل دوست، مئنيول ڊسوسا روم پارٽنر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت ۾ پڪي ياري ۾ ڳنڍجي ويو. ساڳين شهر نيءِ ساڳيا ئي هنڌ ڏيکارڻ تي ونيءِ وڃيا. جيڪي مان اڳواٽ ڏسي چڪو هوس، تنهنڪري هر شهر ۾ پهچڻ کان پوءِ، گهمڻ ڦرڻ واري پروگرام کان مان نٽائي ويندو هوس. ڊسوسا به هن نموني گهمڻ جو شوقين ڪو نه هو. اسين هڪٻئي کي اِشارو ڏيئي، ڪونيءَ ۾ آرام ڪَرڻ جو مڪر ڪري پاڻ ڇڏائي ويندا هئاسون، ڪجهه ڪائيندا - پيئندا يا خريداري ڪندا هئاسون. ائين آٺ ڏينهن ببيا به گذريا. ٽن هفتن جي دوري کان پوءِ وطن ورياسون. هڪ نرالي دنيا جو درشن ۽ انڀؤ ڪري آياسون. ذهني طور تي پاڻ کي ڪافي شاهوڪار پاتوسين.

سنڌ مان جلاوطنيءَ جو خطاب حاصل ڪرڻ کان پوءِ به اڄ تائين، سنڌ سان نينهن جو ناتو قائم رکيو اٿم. سنڌ مون کان وسري ڪانهي، ۽ نه ڪڏهن وسرندي، جيسين منهنجي لڪيءَ ۾ ساهه آهي، جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن، ڪن ناآهلن، اُن کي منهنجو شخصي سؤداءَ قرار ڏنو آهي. اهڙي سؤداءَ تي مون کي فخر آهي ۽ ان کان به وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته ان سؤداءَ ۾ مان اڪيلو نه آهيان، ٻيا به ڪوڙ مون سان همسفر آهن. پوءِ پل جذبي جي ڊگريءَ ۾ ڪٿي فرق هجي. پر منهنجو نينهن سورهن آنا پڪو، پختو ۽ سچو آهي. جي ڪن وقتن تي مون هت رنو به آهي، ته پڪ ڄاڻو ته سنڌ جي محبت ۾ جيڪي گيت ڳايا ويا آهن، تن ئي اڪثر مون کي روئاريو آهي.... راهيءَ جي بيت، "سنڌ ۽ سنڌي" يا "مونکي ڪومارو ئڙن جو ڏس ڏيندو"، جڏهن به پڳونتيءَ جي درد ڀرئي آلاپ ۾ ٻڌندو هوس ته بي اختيار لڙڪ لڙي ايندا هئا. ڪنهن دفعي، پنهنجي سنڌيوءَ جي گهر خانگي مجلس ۾ ڀڳت ڪنور رام جي رَاڳ، آءَ ڪانگا ڪر ڳالهه....جي ڪئنسيٽ ٻڌم. پاڻ جهلي ڪو نه سگهيو هوس، جنسي اوڇنگارون ڏيئي رنو هوم ۽ اچي سڏڪن ۾ پيو هوس. منهنجي پتني، پٽ - پوٽا، ننهرون، ساليون، سالا سنڌو سڀ حيرت ۾ پئجي ويا ته هيءَ خشڪ ۽ سخت دل انسان ڪيئن ڀڄي پيو! سويتا کي ڇڏي، ٻيا سڀ جو سڀ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي ڪان پوءِ جي پيدائش هئا، جن کي قدرتيءَ سان ازلي پريت جي چاڻ ۽ ۽ منتي ماتا جي گود کان وڇوڙي جو احساس ٿيڻ هو. هونئن به اسان وٽان سنڌ جي سڪ جون منيون ڳالهيون پڌي حيرت وچان اسان ڏي نهاريندا رهندا آهن، آوشواس سان!!

آهڙي صادق ۽ گهري جذبي جو اظهار، ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ، مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي - ”تون پڇين ٿو مان ڇو اداس آهيان؟“ ۾ ڪيو، جنهن جو سنڌ ۾ ڏاڍو گهڻو اثر ٿيو. ان جو اردوءَ ۾ ترجمو به سنڌ ۾ ڇپيو ويو. خطن، اخبارن، ليکڪن، ڪتابن جي متاسنا يا دوستن جي اچ وڃ رستي، سنڌ سان منهنجا ناتا لڳاتار زنده رهيا آهن، جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ انيڪ قسمن جي بندش، ڏپن ۽ ڏاڍاين ڪري، اُن سلسلي ۾ ڍر آئي آهي، پر ذهني، اخلاقي ۽ محبتي ناتن ۾ ڪا به ڍلائي ڪا نه ٿي آهي، بلڪ وقت بوقت وطن دوستن جي آمد ڪري گهرائي آئي آهي. ٻنهي طرفن جا سنڌي هڪ قوم جو احساس قبول ڪن ٿا.

ورهاڱي کان اڳ مون جي. ايم سيد کي رڳو هڪ دفعو سنڌس ڳوٺ سَنَ ۾ ڏٺو هو. ١٩٤٤ - ١٩٤٥ جي زماني ۾ جڏهن جي . ايم سيد آخرين طور محمد علي جناح جي مسلم ليگ کي الوداع ڪري، پاڪستان جي ٻن - قومن جو اصول کي رد ڪري، سرحد جي عظيم اڳواڻ عبدالغفار خان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي قومي ۽ ترقي پسند گروهن کي ۽ عناصرن کي گڏي هڪڙو ڪشادومحاذ ناهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو، تڏهن اهڙن وطن پرستن جي هڪ ڪانفرنس پنهنجي ڳوٺ ۾ گهرائي هئائين، جنهن ۾ موهن پنجابي ۽ مان شامل ٿيا هئاسون. اُن کان پوءِ ته ملڪ جون حالتون بگڙجي ويون ۽ اهي نيتائون خود جناح سان ٽڪر ڪارڻ مصيبت ۾ اچي ويا. هنن جي مراد ئي اڌوري رهجي ويئي.

پوءِ هت ڀارت ۾ ٥١ - ٥٢ ڌاري هڪڙي ڏينهن ڀائي پرتاب ڏيئلمل جي گهران گوبند مالهي ۽ مون لاءِ نياپو آيو ته جي. ايم. سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ تہ سنڌين تي باقاعدي حملا شروع ٿي ويا. سيٽيڪ سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب جي جڳهہ تي اُردو ٻولي ۽ اردو تهذيب کي ترجيح ملڻ شروع ٿي ويئي. سنڌي اسڪولن ۾ اردوءَ جو ٻول ٻالا ٿي ويو. سنڌي نالا بدلائي اردو ڪيا ويا. تنهن ڪان پوءِ ٿيا سنڌين تي راڄنيتي حملا - ٢٣ جولاءِ ١٩٤٨ تي فرعوني حڪم جاري ڪري پاڪستان جي گورنر جنرل، محمد علي جناح، ڪراچي شهر کي سنڌ کان الڳ ڪري پاڪستان جو تختگاهہ ٺڙو ڪري ڇڏيو. سنڌين جي پيرن هيٺيان زمين ٿي نڪري ويئي. وطن دوست جي. ايم. سيد زبردست اعتراض ورتو تہ ڪيس تن مهينن لاءِ پبلڪ سيفٽي ائڪٽ هيٺ سندس ڳوٺ سن ۾ نظربند ڪري رکيائون. هتان ٿي تي سنڌ سان ڏاڍ جي شروعات ۽ سيد جي سورن جي ڪهاڻي ۽ ساڳئي وقت جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي هلچل جي شروعات بہ هتان ٿي ٿي.

١٩٥٤ ۾ تہ سنڌ ۽ سنڌين مٿان قاتلاتو وار ٿيو. اولهہ پاڪستان وارو حصو، جنهن ۾ پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۽ نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس (NWFP) اچي ٿي ويا، تن سڀني کي گڏي، هڪڙو جاگرافي ٽڪرو ٺاهي ان کي اولهہ پاڪستان نالو ڏيئي، ڊيڙدونس ڪيائون، جيئن هڪ طرف هنن ننڍن پرانتن کي هڪ لوهي چنبي ۾ بند ڪري، سنڌن عوامي تحريڪن کي قابوءَ ۾ رکجي، ٻئي طرف اوڀر پاڪستان ۾ اُٿندڙ قومي سجاڳيءَ جي لهر کي منهن ڏيئي سگهجي. هن هڪ ٽڪري (One unit) جو مطلب اِهو ٿيو جو، مٿين اسڪيم موجب سنڌ جو وجود ئي ختم ٿي ويو. پاڪستان جي نقشي تان سنڌ ئي گم ٿي ويئي، اِهو سڄوحصو وڃي ٿيو اولهہ پاڪستان. سنڌ ۾ تہ واڻويلا مچي ويئي. اِهو ڏينهن ڪارو ڏينهن، ماتم جو ڏينهن ڪري ملهايو ويو. سڀ وطن پرست سنڌي، خاص طور اديب ۽ شاگرد گليئن ۾ نڪري آيا. مٿن لٺبازي ٿي ۽ گرفتاريون بہ ورتيون ويئون.

ڪيترائي محب وطن جيلن ۾ اُڇلايا ويا، جن ۾ جي ايم سيد، سنڌ جو باغي شاعر شيخ اياز، برک ڪهاڻيڪار رشيد ڀٽي ۽ ٻيا بہ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هڪ تلهي، هٿ لکيل ڪاپي وڌائيندي چيائين: ” مان سن ڳوٺ مان آيو آهيان، هيءَ دستخط اوهان لاءِ سائين جي . ايم. سيد ڏنو آهي“. وري پنهنجي بٽوڻ مان نوٽن جي ٿهي ڪڍي چيائين: ”هيءَ پنج هزار روپيا اٿوَ. خرچ ويهارو هزار ايندو. في الحال اوهين ڪم چالو ڪريو، وڌيڪ رقم جو به بندوبست ڪري ڏينداسون.“ مون چيو: ”سائينءَ ڪي پيسن موڪلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اسين پاڻهي پيسن جو بندوبست ڪري وٺنداسون. هيءَ پنج هزار به پاڻ سان کڻي وڃو.“ پيسا واپس ته ڪو نه ورتائين جو چيائين ته اِها امانت اوهان جي آهي ۽ سائينءَ جي حڪم پٽاندڙ واپس نه کڻي ويندو.

جي. ايم. سيد جو دستخط هڪ طويل تاريخي دستاويز هو. سرو هوس - پاڪستان جو حال، ماضي ۽ مستقبل. مون ٻن ٽن ڏينهن اندر پڙهي پورو ڪيو ۽ سائينءَ جي انقلابي لکيت کان ڏاڍو متاثر ٿيس. سياست، سماج، تاريخ، مذهب ۽ اڀکنڊ جي آئيندي بابت سندس ويچار بلڪل ئي انقلابي هئا. مذهب جي انڌي وشواس، تاريخ جي غلط سمجهاڻي، سياست جي بڇڙائي، سماج جو نسورو انياءُ، پاڪستان جي حاڪمن جي حماقت ۽ ڪٽرتا مٿان نغاري جي چوٽ سان حملو هو. ههڙو باغي ڪتاب پاڪستان ۾ شايع ڪرائڻ مشڪل نه، نا ممڪن هو ۽ هن ڪتاب جي اشاعت هر لحاظ کان ضروري هئي. مون شري پالداس موتواڻي جهولي لال هفتيور اخبار جي سمپادڪ کي دستخط ۽ پنج هزار موڪلي ڏنا ۽ وڌيڪ پيسا موڪلڻ جي به خاطري ڏنيمانس. جي . ايم. سيد جو بلڪل ريڊيڪل ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو ۽ سنڌ جي صورتحال ۽ سيد جي انقلابي خيالن بابت غلط فهمين جي صفائي ٿي، ڇاڪاڻ ته هن نه صرف پاڪستان جي حمايت ڪرڻ جي ڀاري ڀل کي قبول ڪيو، پر ان لاءِ پڇتاءَ جو پڻ اظهار ڪيو. ڀارت ۾ ”جيئي سنڌ“ هلچل لاءِ دلچسپي پيدا ٿي.

تنهن کان پوءِ جي. ايم. سيد جو ٻيو ڪتاب - ”سنڌ جي ڪهاڻي - سيد جي زباني“ - نالي پڻ جهولي لال هفتيوار جي معرفت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائي پڌرو ڪيم. هيءُ جي. ايم سيد جي تقريرن جو مجموعو هو، جنهن ۾ هن صاحب ۱۹٦٦ ۾ لنبي عرصي کان پوءِ جيل مان ڇٽڻ بعد ”بزم صوفياء سنڌ“ جي پليٽ فارم تان، سنڌ جي گشت دوران پنهنجن مقصدن، مرادن ۽ آئيندي پروگرام بابت چٽيءَ طرح سمجهاڻيون ڏنيون هيون.

۱۹۷۱ ڊسمبر ۾ ڀارت هٿان پاڪستان کي ڀاري شڪست ملي. بنگلاديش هڪ نئين راڄ جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي اُڀري آيو. هن واقعي سنڌ ۾ هلندڙ جيئي سنڌ هلچل کي زبردست اخلاقي پشتي ڏني. ڀارت ۾ اسان تڪڙو سنڌي محاذ نالي سان پليٽفارم ڪڙو ڪيو، جيئن اسين پنهنجن سنڌ جي ڀائرن جي اخلاقي پٺڀرائي ۾ پنهنجو يوگدان ڏيون. محاذ جو صدر مون کي ڪيائون، نائب صدر پوپٽي هيراننداڻي ٿي، جنرل سيڪريٽري موهن گيهاڻي بڻيو ۽ سيڪريٽري موتي پرڪاش ٿيو. اسان بمبئيءَ ۾ ريڊيو ڪلب ۾ ۱۸، ڊسمبر ۷۱ تي هڪ شاهي پريس ڪانفرنس گهرائي، جنهن ۾ بمبئي جي سڀني (انگريزي، هندي، مرهٽي، گجراتي، اردو ۽ سنڌي) روزاني اخبارن جا عيوضي حاضر هئا. مون پريس کي ٻڌايو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌين سان ڏاڍيون جٺيون ٿيون آهن. سيپيٽڪ توڙي راڄنيتي طور متن ظلم ٿي رهيو آهي. ننگين بي ـ انصافين جا تفصيل مون پريس اڳيان رکيا ۽ اپيل ڪئي ته سنڌين جي حق ۾ هو آواز بلند ڪن ۽ ڏاڍ خلاف لکن. سنڌي محاذ طرفان اسان شريمتي اندرا گانڌيءَ کي تار رستي عرض ڪيو ته سنڌ جون جيڪي ايراضيون ڀارت جي بهادر فوجن پنهنجي قبضي ۾ آنديون آهن، تن ۾ عوامي راڄ استاپت ڪيو وڃي ۽ اهو سنڌ جي قومپرستن جي هٿ ۾ ڏنو وڃي ته لوڪشاهي طرز تي ڪاروبار ڪڙو ڪن، جو ته اِهو قدم باقي سنڌ جي ايراضيءَ لاءِ روشن منار ثابت ٿيندو ۽ سنڌ ۾ ڊڪٽيٽر شاهي راڄ جو خاتمو ايندو.

بمبئيءَ جي پريس ڪانفرنس کان پوءِ اسين سانت ڪري ڪونه ويٺاسون. اسان پنهنجي مهم کي اڳتي به زور وٺائڻ لاءِ راڄڌاني (دهلي)

۾ آل انڊيا جيئي سنڌ ڪنوينشن ڪوٺائي ۲۴ ۽ ۲۵ جنوري ۱۹۷۲ تي مالونڪر هال ۾ ٻن ڏينهن جي ڪنوينشن ٿي، جنهن جو مهورت پارليامينٽ جي برک ميمبر مسٽر امرت نهاٽا ڪيو، جنهن پنهنجي تقرير ۾ پاڪستاني حڪمرانن کي چتاءُ ڏنو ته اگر هو ڏاڍائي ۽ بي انصافي کان باز نه ايندا ته سنڌي جنتا پڻ بنگلاديش وارو رستو وٺي، لوڪشاهي راڄ استاپت ڪندي. اسان جون شڀ اڇائون ۽ پوريون همدرديون پيڙت سنڌي جنتا سان رهنديون. ٻين ڪيترن ٻاهران آيل ڊيليگيٽن پڻ سنڌي جنتا سان سانيوتي جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي سنڌي هلچل سان واسطو رکندڙ هڪ نماءُ به ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌي ڪتاب، فوٽا، اخبارن جون ڪترون وغيره رکيون ويئون. پهريون ڀيرو سنڌ جي سنڌين سان، ايڏي پئماني تي پنيرائيءَ ۾ ڀارت جو آتسئو ڪيو ويو هو.

ڀارت ۾ جيئي سنڌ تحريڪ سان همدردي پيدا ڪرڻ ۽ ڀارت جي جنتا توڙي ٻڌيمان طبقي کي سنڌ بابت صحيح علم ڏيڻ لاءِ، مون جي. ايم. سيد جو انگريزيءَ ۾ پيستڪ ڇپائڻ جو اِرادو ڪيو. ۱۹۷۴ جي زماني ۾ جي. ايم. سيد سنڌ جي قياس جوڳي حالت ۽ سنڌين جي ٻرندڙ مسئلن بابت انگريزيءَ ۾ اڍائي سئو صفحن جو ڪتاب ڇپايو هو. A country in chain - Sindhu Desh, مون وٽ ان پستڪ جي ڪاپي لائبريريءَ ۾ موجود هئي، ڦوڪي ناهي ٻاهر ڪڍيم. نظر ڦيرائڻ سان لڳو ته ڏهه سال اڳ لکيل مواد بلڪل ٺهڪندڙ هو. مون انکي سوڌي ناهي، لنبا بيان مختصر ۾ آڻي، غير ضروري ڳالهين جي ڪٽ ڪوٽ ڪري، هڪ سئو صفحن ۾ آندو ۽ ان تي نالو ڏنو A Case For Sindhu - Desh پنهنجي سورٺ پبليڪيشن جي نالي ۾ ڇپائي پڌرو ڪيم. ڪن دوستن ڇپائيءَ ۾ مالي مدد جو هٿ ڏگهيريو. هيءَ انگريزي پستڪ مون گهڻي ڀاڱي ڀارت جي پارليامينٽ جي ميمبرن، غير سنڌي ٻڌيمانن ۽ پرڏيهي ملڪن جي ايلچيخانن وغيره ڏانهن موڪليو. هن ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون مون کان ڀارت سرڪار به خريد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون. ان وقت راجيو گانڌي پارٽ جو وزيراعظم هو ۽ پنڌڻ ۾ ايندو هو تہ هن سنڌ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي ۽ پرڏيهي ڪاتي ۾ سنڌ ٽيبل بہ برپا ڪيو ويو هو.

چوٿون طويل ڪتاب جيڪو مون جي. ايم. سيد جو ڇپايو، سو هو سنڌوءَ جي ساڃاهہ، جيڪو سنڌ تي هڪ مڪمل گرنٿ آهي ۽ جي. يم. سيد جي محنت، اپياس ۽ مشن جو نچوڙ آهي، جنهن مان سنڌس وسيع چاڻ، ديانتداري، سياءَ جي پاڪائي، ارادي جي درڍتا، آتمڪ پلمانسائي ۽ ڪترتا کان نفرت جهڙن گڻن جو سهڻو ۽ شفاف درشن ملي ٿو. هيءُ پستڪ بہ مون سورٿ پبليڪيشن طرفان ڇپي، سئو صفحن جو، ٻن جلدن ۾ ڇپايو. دوستن کي اپيل ڪري بنا نقصان ـ بنا فائدي جي بنياد تي ان زماني (اسي واري ڏهاڪي ۾) پنجتيهہ روپيا ڪتاب جي قيمت موڪلڻ لاءِ لکيم. هزار ڪاپيون ٿورن مهينن اندر ئي خريد جي ويئون. هن وقت تہ مون وٽ خود لاءِ بہ ڪاپي ڪا نہ آهي.

جولاءِ ۱۹۷۸ مهيني ۾ اوچتو هڪ رات ڪراچيءَ مان ٽيليفون آيو تہ سائين جي. ايم. سيد بمبئيءَ پهچي رهيو آهي. ٻن ڏينهن جي اندر اسان کي سيني مترن ۽ جيئي سنڌ جي پريمين کي اطلاع ڏيڻو هو تہ بمبئيءَ ايئرپورٽ تي سائينءَ جي سواگت لاءِ اچي مقرر وقت تي پهچن. اٽڪل پنجاهہ ـ سٺ اديب، ڪلاڪار، اخبار نويس ۽ پيا شيدائي، اخبار جي پڌرائيءَ تي ايئرپورٽ تي پهچي ويا. اڌ ڪلاڪ اڳ مان وڃي ايئرپورٽ مئنيجر سان مليس تہ سنڌي جاتيءَ جو مهان نيتا ۽ جيئي سنڌ هلچل جو ابو پارت اچي رهيو آهي، تنهن ڪري مان اندر وڃي ڪيس وٺي اچڻ چاهيان ٿو. خوشيءَ سان مون کي موڪل ڏنائين. اميگريشن هال ۾ مان سنڌس انتظار ڪندو رهيس. اوچتو سامهون ڏٺم تہ سائينءَ کي وهيل چيئر تي سنڌس پٽ امداد شاهہ ۽ سنڌس خدمتگار نالو ياد نہ رهيو آهي) هلائيندا پيا اچن. خوشيءَ وچان مان اصل متوالو ٿي ويس، ڊوڙي وڃي سائينءَ کي ياڪر پاتم ۽ روئي وينس.چيائين: " ڪيرت آهين؟" سڌڪو پيري چيم: " ها سائين، ڪيرت آهيان." پاڻ بہ ڪني مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن ڏينهن جام صادق علي سنڌ جو مکيه وزير ٿيو ته هڪ ٻئي منهنجي جگري دوست (حفاظت جي لحاظ کان سندس نالو نٿو وٺان) وري منهنجي ويزا لاءِ ڪوشش ورتي. جام صاحب تي زور آندائين ته ڪيرت لاءِ ويزا جو بندوبست ڪر ته هو پنهنجي وطن مان گهمي ڦري وڃي. جام سان ڏاڍي ويجهي ياري هئس، تنهن ڪري جام مريادا جو ننگ رکي، پاڪستان جي پرڏيهي سيڪريٽريءَ کي هڪ خط روانو ڪيو ته ڪيرت ٻاٻاڻي، منهنجو شخصي دوست آهي. هو پنهنجو وطن ڏسڻ ٿو چاهي؛ ڪيس ويزا جي سهوليت ڏني وڃي. جام صادق علي، انهيءَ خط جي ڪاپي، منهنجي ڄاڻ لاءِ مون کي به موڪلي ڏني هئي. پر وريو ڪجهه ڪو نه. بعد ۾ جام انهيءَ منهنجي دوست معرفت اهو نياپو به موڪليو هو ته ڪيرت کي چئه ته دبئيءَ لاءِ وايا ڪراچي، ٽڪيٽ وٺي، جهاز ۾ چڙهي پوي. پوءِ مون کي اطلاع ڏجو ته منهنجا ماڻهو ڪيس ڪراچي ايئرپورٽ تان سڌو منهنجي گهر وٺي ايندا. ڏهه- پندرنهن ڏينهن پلي هت گهمي ڦري. رڳو تقريرون نه ڪري. واپسيءَ ۾ به وري، ڪيس منهنجا ئي ماڻهو جهاز تي چاڙهي روانو ڪري ايندا. سندس اچڻ توڙي وڃڻ جي داخلا ڪا نه ٿيندي ۽ نڪو پاسپورٽ تي ڪو ٺپو لڳندو.

جام صادق عليءَ جي ڳالهه نڪتي آهي ته سندس عجيب ڪردار جي هڪ آڌ جهلڪ ڏيڻ ضروري پيو سمجهان. هو سنڌ جي هڪ وڏي زميندار (نالو ياد نه رهيو آهي) جو پٽ هو. ڪين ايتري زمين هئي، جنهن جو نه آتو، نه متو، نه ڪتو! جام ڀٽي جي ڏينهن ۾ پاڪ ڪئبنيٽ ۾ شهري وڪاس کاتي جو وزير هو. ڪراچيءَ جون خالي زمينون ويو الاٽ ڪندو. ڀٽي کي جو خبر ملي ته پاڻ وٽ گهرائي چيائينس: " ابا، ٻڌو اٿم ته سڄي ڪراچي الاٽ ڪري ڇڏي اٿئي، رڳو هڪڙي مهرباني ڪج، جناح جي قبر واري زمين ڪنهن کي الاٽ نه ڪج ته ڪتي آفت ۾ نه اچي وڃون..." جام کلي ويٺو. جڏهن ڀٽي تي اچي گهوڙا چڙهيا ۽ وٺي وڃي بند ۾ وڌائونس ته جام سنڌ ڇڏي وڃي لنڊن وارد ٿيو. هڪ دفعو

اندرا گانڌيءَ جي ڏينهن ۾ چار هٿ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ آيو هو. مون کي اها ته چاڻ ڪا نه پيئي ته سندن وچ ۾ ڇا وهيو واهريو. پر اهو وچ وارو دوست چار کي منهنجي باندرا واري آفيس ۾ هڪ ڪلاڪ لاءِ وٺي آيو هو. سڪيورٽيءَ وارا ڪيس ڪٿي پٺي گهميا. ڪين، ڪنهن پراڻي دوست ساڻ ملڻ جي بهاني، منهنجي آفيس تائين وٺي آيو هو. سڪيورٽيءَ وارا ٻاهر جيپ ۾ ويٺا رهيا.

چار صادق علي، قد، بت ۽ شڪل ۾ شهاڻي شخصيت جو مالڪ هو ۽ سندس آزاد ۽ بيباڪ گفتگو به مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ڳالهه تان ڳالهه ڪندي چيائين: ” يار! اسين سنڌي وڏيرا (ڀاڻ کي هڪ ڪچي گار ڏنائين) سڌرڻ جا نه آهيون. پر هاڻي، جڏهن اسان جي ٻنيڙ (Butttocks) تي لتون لڳيون آهن، تڏهن اسان جو هوش ٺڪاڻي آيو آهي ته پاڪستان جا حاڪم ڪهڙا نه ڪچر آهن. پر هاڻي ته ڪافي دير ٿي ويئي آهي. سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا آهيون. هندستان وارن ۾ به ڪا ٿوم ڪانهي جو ڪٿي ڪيرن کي سڌو ڪن. چار وڏو اوستو ۽ ماهر سياسي بازيگر هو. ضيا جي جهازي ڌڪاءَ ۽ موت کان پوءِ هو سنڌ ۾ موٽي آيو. مٿس سوين ڪيس هئا، پر حرفتبازيءَ سان هو آجو ٿي ويو ۽ مهاجرن جي مدد سان سنڌ جو وڏو وزير ٿيو، جنهن عهدي تان رب ڏانهن راهي ٿيو.ان زماني ۾ مون ڏانهن مٿيون نياپو موڪليو هئائين ته دبئيءَ جي ٽڪيٽ وٺي ڪراچيءَ ۾ لهي پوان ۽ باقي بندوبست هو پاڻ ئي ڪندو. مون اهڙو جوکم ڪٽڻ ٺيڪ ڪو نه سمجهيو. موهن ڪلپنا کي جڏهن معلوم ٿيو ته هڪ ننڍڙو پرزور لکي موڪليائين ته متان اهڙو خطري جو ڪم ڪيو آٿئي. پاڪستاني خفيه ايجنسيءَ کي تنهنجي سنڌ ۾ آمد جو پتو نه پوي، سا نا ممڪن ڳالهه آهي. پوءِ هو توکي اڏائي ڪٿي ويندا ۽ پتو ئي نه پوندو ته تون ڪيڏانهن گم ٿي وئين. هوندن به مون اخلاقي توڙي قانوني طور لڪچوريءَ ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ گهسي وڃڻ ٺيڪ نه سمجهيو. اگر ڪو انقلابي سمو هجي ها يا ڪو وڏو ڪارج ان مان راس ٿيندو هجي ها، ته پوءِ جان جي بازي لڳائڻ ۾

ڪين هچڪان ها.

اوهين ڏنو ته سنڌيت جي هلچل جو ڪاروان، جنهن سان منهنجو جيءُ جڙيو ۽ من سبيو پيو آهي، تنهن ڪي واٽ تي ڇڏي ماڻ هين ڪن واٽن تي نڪري ويس. اِهي به ته منهنجا ئي آزمودا ۽ منهنجون ئي پريه سرگرميون.هيون ۽ انهن سان اوهان جي پريچيه ڪرائڻ ڪان سواءِ منهنجي آتم ـ ڪٿا اڌوري رهجي وڃي ها.

اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي ڪاروبار ۾ سال ١٩٨٠ ۾ ڪجهه تبديلي آئي. سڀا جو پندرهون ساهت سميلن ١٩٨٠ ۾ پاليتانا جي ننڍڙي شهر ۾ ٿيو ، جتي سنڌي جا تمام ٿورا گهر هئا، پر پرائمري اسڪول ڪان ها ِ اسڪول تائين تعليم سنڌيءَ ۾ ڏني ويندي آهي. نگر پالڪا تي به سنڌين جو ڏاڍو اثر آهي. خود هڪ سنڌي شري نارائڻداس باشومل نگر پالڪا جو پرڌان ۽ سميلن جي آجيان ڪاميٽيءَ جو به صدر هو. اهڙي محبوب شهر ۾ اسانکي پندرهون ساهت سميلن ڪرڻ جي دعوت ملي. هن سميلن جو مهورت، تازو چونڊجي آيل، ڀارت پارليامينٽ ميمبر آچاريه ڀڳوان ديو ڪيو. اثرائتو تقريرباز آهي. پنهنجي پر اثر دليلن ۽ شبدن سان سنڌي جاتيءَ جي سوالن تي حاضرين ۾ بجليءَ وارو اثر پيدا ڪيائين. صدارت مون ڪئي ۽ آچاريه ڀڳوان ديو کي سنڌي جاتيءَ طرفان واڌايون ڏنيون ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سنڌين جو سچو شيوڪ تي ڪين حق وٺي ڏيڻ ۾ سوڀارو ٿيندو. پوءِ سڀني کي خبر آهي ته به ـ ٿي سال گجگوڙ ڪيائين ۽ نيٺ ٺنڊو ٿي ويو.

هن سميلن ۾ مون رٿ ڏني ته سڀا جو پرڌان ڀئي ڪنهن لائق ساهتڪار کي بڻايو وڃي. مان اٺ سال (١٩٧٢ ڪان ١٩٨٠ تائين ) صدر جو پد سنڀالي چڪو هوس. مون شري گوبند مالهي کي پرڌان بڻائڻ جي رٿ ڏني. هن گهڻي آناڪاني ڪئي، پر اسان سڀني ساٿين مٿس زور آڻي، کيس مڃايو ۽ گوبند مالهي يڪراءِ سڀا جو صدر چونڊيو ويو. ٻئي مدي لاءِ پڻ سورهين سميلن تي ١٩٨٣ (بڙودا) ۾ گوبند مالهيءَ کي صدر جون جوابداريون ڏنيون ويئون. مالهيءَ جي ستن سالن جي ايامڪاري

پنهنجي صدارتي تقرير ۾ سنڌي جذبي کي جاڳائي ڪيئي چوٽ تي پهچايو. چيو: ... هن ڌرتيءَ تي، جتي اسان جو سميلن ٿي رهيو آهي، اُتي ئي سئو سال اڳ، اسان جي سڳوري درويش، عظيم شاعر شاهه لطيف پنهنجا پوتر پير گهمايا هئا. اڄ به شاهه جو هت اوترو ئي آدر آهي. ڪڇ ۾ اندر ويندا ته اڪثر يڪتاري ۽ دلي تي شاهه جو ڪلام گونجندو ٻڌندا.... سنڌي سگهڙن جون موج ڀريون محفلون ٿينديون آهن...هت ئي نائي، ڌوبي، ڪولي، جمعدار، دڪاندار وغيره سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هتي ئي غير سنڌي رهواسين جا ٻار شڌ سنڌي ڳالهائي سگهندا آهن... اسان سنڌين اڳيان مکيه مسئلو اِهو آهي ته اسان تيهه لک سنڌين کي پنهنجو زمين جو ٽڪرو ڪونهي... پنهنجي ڌرتي نه هئڻ ڪري، اسان جي ساهتڪ پونجي وڏي خطري ۾ آهي. هن سميلن جي موقعي، تي ڪي به واد وواد ڪونه اُٿاريا ويندا.. تن، من، ڌن ۽ وچن سان پنهنجي اَمڙ جي ٻولي پنهنجن ڪان تسليم ڪرايون....."

ڀڳوان ابيچنداڻي، جنهن جي زبردست جفاڪشي، محنت ۽ اُتساهه سان هيءَ سميلن ممڪن ٿي سگهيو هو، سو سڀا جو ته هڪ اصول صف جو سرڪردو ۽ سپاهي هو، پر گانڌيڌام ڪي سنڌين جي هوم لئنڊ بنائڻ جي تحريڪ ۾ سڀ کان اڳرو ڪميٽيڊ ڪارڪن هو. هن جو اِهو ئي ويچار هو ته هن سميلن جي موقعي تي پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي ياترن کي پڻ ڇڪي هت آڻجي، جيئن هو، گانڌيڌام کي وسائڻ لاءِ متوجهه ٿين. سموري خبرچار گڏ ڪري ڪيترن ئي ياترن کي موڪلي ڏني هئائين ته ڇڪجي اچن. هو سواگت ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو. هن موقعي تي هن اِها به رٿا ناهي هئي ته هوم لئنڊ جي سوال تي ڌار سنستا ناهي، ديش - پرديش ۾ پرچار ڪجي. ٻئي طرف وري حسن اتفاق اِهو ٿيو جو سرحد پارن کان اٽڪل ڏهاڪو جيئي سنڌ تحريڪ جا سرڪردا به اُتي اچي پهتا. وايومنڊل ۾ سنڌيت جي سڳنڌ ۽ جوش، پنهنجي زمين جي محبت ۽ راڄنيتي ولوڙي جو سيلاب پيدا ٿي ويو. هن سميلن ۾ سنڌين لاءِ راڄنيتيءَ ۾ هڪجهڙائيءَ جو سوال مٿئين سطح تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُيري آيو جنهن ڪري هن سميلن ۾ مکيہ طور چار ڏکيا نهراءَ پاس ڪيا ويا. جيتوڻيڪ پهريون نهراءُ سنڌي ساهتڪ، سيتيڪ ۽ تعليمي تڪليفن ۽ طلبن بابت هو، پر ٻيو نمبر مکيہ نهراءُ سنڌين کي خاص ٿورائي واري جاتي ڪري تسليم ڪرڻ جي سوال تي چٽو هئو، جنهن جو تاتپرج اِهو هو تہ سنڌين ڀارت جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو وطن وڃايو آهي ۽ ڀارت جي ڪنڊ ـ ڪڙڇ ۾ ٽڙي پکڙي ويا آهن. هر پرديش ۾ ٿورائيءَ واري حيثيت ڪارڻ، سنڌن داد ـ فرياد ڪٿي بہ ڪو نہ ٿو ٿئي. تيهہ لک سنڌي (ان وقت جي ڪٿ موجب انگ) پنهنجي لاءِ هڪڙو بہ ميمبر پارليامينٽ ۾ موڪلي نٿا سگهن ۽ نڪو ڪو سنڌن عيوضي پرديشڪ اسيمبلين ۾ چونڊجي ٿا اچن، جو آواز اٿاري سگهن. ٻئي طرف ميزورام، ڳانالئنڊ، ترپرا، منيپور، اروناچل، ميگهاليہ ۽ سڪم جهڙن پرديشن ۾، جن جي آدمشماري پنجن لکن کان ويهن لکن تائين آهي، سي بہ راجنيتي طور الڳ پرانت آهن ۽ ڪين پارليامينٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ميمبر تہ آهي ۽ وٽن پنهنجي رياست ۽ سرڪار آهي، پنهنجي الڳ اسيمبلي آهي، جتي سنڌن هر ڏک جو آواز اُٿي سگهي ٿو تہ ٻوءِ سنڌين سان اهو سراسر انياءُ نہ آهي جو سڀ ڪجهہ ديش مٿان قربان ڪرڻ بعد بہ سنڌن ڪو آواز نہ هجي، ۽ نہ ڪين بنيادي لوڪشاهيءَ جا حق ٿا ملئہ پون.

مٿين حيقت جي بنياد تي، نهراءَ ۾ پهريون دفعو سيا جي پليٽفارم تان راجنيتي حقن جي طلب ڪئي ويئي تہ سنڌي جاتيءَ لاءِ پارليامينٽ ۾ ڇهہ جڳهيون محفوظ ڪيون وڃن، هڪ هڪ مهاراشٽرا، گجرات، راجستان، مڌيہ پرديش، اُتر پرديش ۽ ڏهليءَ ۾ ساڳئي نموني مٿين پرانتن ۾، ساڳئي بنياد تي اسيمبلين ۾ پڻ سنڌي عيوضين لاءِ جڳهيون محفوظ ڪيون وڃن. مٿيون نهراءُ مون کليل اجلاس ۾ پيش ڪري، ڊيليگيٽن کان يڪراءِ بحالي ورتي تہ سيا طرفان مٿين گهرن تي سانتيڪي جوڙجڪي آندولن هلائي وڃي. گانڌيڌام جي وڪاس لاءِ ۽ جيئي سنڌ هلچل کي اخلاقي پنيرائي ڪرڻ جو نهراءُ پڻ بحال ڪيو ويو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميلن ۾ پيا ٻه ڪي اَهم فيصلا ڪيا ويا. سيا جوجاتي ترانو ۽ سيا جو جهنڊو مقرر ڪرڻ لاءِ هڪ ٽن ڄڻن جي ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جن اڳتي هلي موتي پرڪاش جو لکيل ”آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي“.... گيت ڪي سنڌي جاتيءَ لاءِ قومي ترانو ڪري بحال ڪيو. سيا جو جهنڊو به تيار ڪيو ويو هو، جنهن ۾ موهن جي دڙي واري نرتڪي، سنڌي مٽڪي ۽ چنڊ جو جوڙ هو، پر ان تجويز تي ڪي اعتراض آتيا ۽ اُن تي عمل نه ٿي سگهيو. ايندڙ سالن ۾ ڳالهه اڳتي ڪا نه چري.

گانڌيڌام سميلن وقت هڪ وار وري، پرڏان پد جون جوابداريون سيني ساٿين ۽ سنڌيت جي پريمين گڏجي منهنجي مٿان رکيون. صاف ظاهر آهي ته سنڌين جي راڄنيتي حقن جي باري ۾ ٺهراءُ مون ئي آندو ۽ پاس ڪرايو هو ته مون تي فرض عائد هو ته مان اُن مقصد جي پوئواريءَ لاءِ اڳيان اچان. مون خوشيءَ سان ان فرض جي پورتيءَ لاءِ پد قبول ڪيو ۽ سگهو ئي عمل جو رستو به پڪڙيو. هن کان اڳ سنڌي اديبن هر فرنٽ تي فرض پاليو ۽ پاڻ نڀايو هو. اديبن کان تقاضا ٿي ته هو راڄنيتڪ فرنٽ تي پڻ پنهنجي جاتيءَ سان همراهي ڪن ۽ فرض نڀائين. سنڌي جاتيءَ جو ليکڪ، ڏسجي ته وڌو اتهاسڪ رول ادا ڪري رهيو هو. راڄنيتي رول ڪان ته مان ڇرڪيس ڪين ٿي، ڇو ته راڄنيتي ته منهنجي خون ۾ سمايل هئي، پر هت هڪ نازڪ رول ادا ڪرڻو هو. هڪ طرف هئي سنڌي جاتي، جنهن ۾ راڄنيتيءَ لاءِ چاهه گهٽ ۽ وڙهڻ جو ته اجان به معدو گهٽ ۽ ٻئي طرف هئي ”پنهنجي“ سرڪار، جتي قدم ڦوڪي ڦوڪي کڻڻو هو. چاڪاڻ ته هت گهڻا دلاور ماٺهو هئا، جيڪي سرڪار خلاف ڪنهن صحيح ۽ واجبي قدم کي به ”غداري“ يا پيچ ڊاهڻ سان سڃاڻندا هئا. ڪي وري خود اسان جي ساهتڪار برادريءَ مان به هئا، جن کي سياست کان ڇرڪو هو. چي: ”ساهتڪار، سياست ۾ ٽنگ نه اڙائيندا آهن؛ ساهت ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪهڙو ميل؟!“ هاڻي هنن ساهت جي ”پوڄارين“ سان ڪهڙو منطق؛ ڪهڙو بحث! جاتي پلي وڃي، سرن درياه ٿئي، هيءُ صاحب، ساهت جي

مندر جي رکوالي ڪندا رهندا تہ متان نہ ڪو ان کي آپوتر ڪري ڇڏي! منهنجي سمجهہ ۾ هُو اصوُلن جا ليکا ڪتيندا رهن ٿا. دنيا جو اتهاس، ساهتڪار جو جاتيءَ ڏانهن فرض بابت، ڪجهہ اورئي پڏائي ٿو. خير!

مون دل ۾ چيو تہ، اگر ساهتڪار پنهنجي ٻوليءَ لپيءَ سان انياءَ خلاف آواز اٿاري سگهي ٿو تہ پنهنجي جاتيءَ سان راڄنيتي سطح تي ٿيندڙ بي ـ انصافي خلاف بہ آواز اٿاري سگهي ٿو. اسين ڪو لٺيون يا بندوقون تہ ڪونہ کڻنداسون، بلڪ سانتيڪي نموني لوڪشاهي اڌڪار مطابق، جاتيءَ خلاف ناحق تي صدا بلند ڪرڻ جو اسان کي هرڪو حق آهي. پر مون ساڳئي وقت چاهيو ٿي تہ اهڙي قدم يا عمل لاءِ گهڻن جي راءِ حاصل ڪريون. جيتوڻيڪ ڳانڌيڌام سميلن ۾ ٽيهارو شهرن مان آيل اٽڪل هڪ هزار ڊيليگيٽن حمايت جو ٺپو لڳايو هو، پوءِ بہ مون کي خيال آيو تہ اجان بہ ڪيترن رهيل پڌيمانن ۽ سنڌي شيدائين جي ويچارن کي ڄاڻڻ بعد ئي آخرين فيصلو ونجي تہ بهتر ٿيندو. مون چونڊ ڪري اٽڪل ٽن سو سنڌي جاتيءَ جي سڄاڻ شخصن کي ، سڀا جي پرڌان جي حيثيت ۾ هڪڙو خط لکي ڄاڻڻ چاهيو تہ سڀا جي پليٽفارم تان هن قسم جي هلچل هلائڻ بابت سندن راءِ ڪهڙي آهي. سٺ سڄڻن وٽان خط جو جواب آيو، جن مان گهڻن اسان جي قدم جي آجيان ڪئي ۽ پنهنجي اخلاقي پنيرائي بہ ڄتائي. ڪن ايڪڙ ـ ٻيڪڙ مترن شنڪا ظاهر ڪئي تہ سڀا جي پليٽفارم تان اهڙي قسم جي هلچل ڪيتري حد تائين واجب ٿيندي. مون اجان بہ وڌيڪ خاطري ۽ خبرداري ڪرڻ لاءِ ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٧ تي دهليءَ ۾ نئين ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميڙ سڏايو، جنهن ۾ ويهہ ڪاميٽي جا ميمبر ۽ ٩ دهليءَ جا معزز شخص شامل ٿيا. جتي وري بہ هن نازڪ ۽ اهم سوال تي تفصيلي بحث مباحثو ڪري، اِها هلچل هلائڻ جو فيصلو ورتو ويو. ساڳئي وقت اِها بہ راءِ بيٺي تہ هن سوال تي سيني سنستائن ۽ پنچاتن وغيره جو سهڪار ورتو وڃي.

بمبئي واپس پهچي اسان ١٩٨٨ سال، سنڌي جاتيءَ جي راڄنيتي

حقن جو سال ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو. سيا طرفان هڪ اپيل پنهنجن شامل سنستائن ۽ ٻين کي موڪلي ڏني سين، جنهن ۾ آهِا وينتي ڪيل هئي تہ اينڊز چيتي چنڊ جو اُتسئو سنڌي جاتيءَ ڪي خاص ٿورائي واري جاتي، تسليم ڪرائڻ لاءِ ملهايو وڃي. اهڙي قسم جا نهراءَ بحال ڪري، پرڌان منتري ۽ راشٽرپتيءَ کي تارن رستي موڪليا ويا. انهن موقعن تي حاضرينن کان پڻ پردن دهرايو وڃي تہ هو راجنيتي حقن جي پنيرائي ٿا ڪن. اسان بمبئي ۾ چيٽي چنڊ اُتسو کي بلڪل مٿين قسم جو رنگ ڏنو. بڙودي ۾ سنڌي ساهت سيا طرفان سڏايل چيٽي چنڊ جي ميلي تي پڻ مون کي ڪوٺ ڏيئي گهرايو ويو، جتي بہ مون اٽڪل چار - پنج هزار خلق کان اِهو پرن دهرايو. ٻين هنڌن تي بہ اسان جن مترن مٿين قسم جي پروگرام کي عمل ۾ آندو. وايومنڊل ۾ اَلبت سجاڳيءَ جي لهر پيدا ٿي ۽ ٻين سنستائن پڻ ساڳئي سر کي پڪڙيو. پوءِ سيا طرفان اسان ڪي پترا ۽ نعرا بہ تيار ڪيا ۽ ڇپائي پڌرا ڪيا ۽ ٻين شهرن ڏانهن بہ موڪلي ڏنا.

اِنهيءَ وچ ۾ مان هڪڙو طويل عريضو لکڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويس. اُن وقت شري راجيو گانڌي پرڌان منتري جي پد تي هو. هڪڙو وڏو سنڌي آفيسر سندس بلڪل ويجهو هو، جيڪو مون سان ڪن حالتن ڪارڻ ڏاڍو نزديڪ اچي چڪو هو. مون سائنس دل جو حال اوريو ۽ کيس ٻڌايم تہ سنڌين سان ڏاڍو انياءُ ٿي رهيو آهي. اسين ٽئين درجي جا ناگرڪ بڻجي رهجي ويا آهيون. سياسي طور يتيم آهيون. مون سائنس اها خواهش بہ ظاهر ڪئي تہ اسان اڪل پارٽ سنڌي ٻولي ۽ ساهت طرفان مهم هلائڻ ٿا چاهيون تہ راجنيتي سطح تي اسان کي حق پلئہ پون. اسين پرڌان منتري کي هن سوال تي هڪ زوردار عريضو (پر روبرو) سندس آستان تي ڏيڻ ٿا چاهيون. اسان کي اوهان جي مدد درڪار آهي. هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ جذباتي طور تي متاثر ڪيومانس. سندس شريمتيءَ جي حاضريءَ ۾ ڳالهيون ٿيون. هوءَ بہ تہ نيٺ سنڌڻ هئي. سندس من ۾ بہ لهر اُٿي ۽ منهنجي رٿ کي تائيد

مون سچي عريضي جي تاتپرج کي، سچ ٿو چوان تہ ٻن ٽن ڏينهن جي اندر گهوتي ۾ رتي ورتو هو. بار بار پيو من ۾ دهرائيندو هوس، جڻ ذهن اندر رڪارڊ ٿي ويو هو. راجيو گانڌي عام دربار ۾ ساڃي ڪنڊ کان وفد سان ملندو، منٽ-ٻہ ڳالهائيندو، گولائيءَ ۾ اڳتي وڌندو ڏائي ڪنڊ طرف اچي رهيو هو، جتي اسين وينا هواسون. جيئن ئي هو اسان جي چترئيءَ اندر آيو تہ اسين اُٿي بيٺاسون. مان ”نمسڪار“ چئي، وچي سندس سامهون بيٺس. فرنٽيئر ميل واري رفتار سان شروع ٿي ويس. ”سنڌي جاتي نهرو خاندان جي آياري آهي . اوهان جي ناني پنڊت جواهر لعل نهروءَ سنڌي ڀاشا کي ساهتيہ اڪاڊميءَ جي ڪاريہ ڪرم ۾ جاءِ ڏيئي، اسان جي جاتيءَ سان وڏ ڪيو. اوهان جي ماتا شريمتي اندرا گانڌي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جڳهہ ڏيئي، سنڌي جاتيءَ کي برابريءَ جو احساس ڏياريو ۽ هاڻي اسان کي اميد آهي تہ هڪ اعليٰ نانيءَ مهان ماءُ جو فرزند پڻ اسان کي راڄنيتيءَ ۾ برابريءَ جا حق ڏيئي منووگيانڪ ۽ عملي سنتوش ڏياريندو. ڀارت ۾ ٽڙي پکڙي وڃڻ کان پوءِ ڀارت جي پارليامينٽ ۾ سنڌي جاتيءَ کي هڪ بہ عيوضي ڪونهي. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج سيٽون ملڻ گهرجن. يڪدم حيرت ۾ چيائين: ”پنج سيٽون؟“ مون چيو: ”ها، پنج سيٽون! خيال تہ ڪريو، اگر اسان جو وطن سنڌ ڀارت جو حصو هجي ها تہ اسان کي پنهنجي سٺ ميمبرن جي اسيمبلي هجي ها ۽ پنڌرهن ميمبر پارليامينٽ ۾ هجن ها.“ مان اجا بہ يڪساهيءَ چوندو ويس: ”سنڌين پنهنجو سڀ ڪجهہ ديش تان قربان ڪيو ۽ هت اوهان ڏسو تہ سنڌين سان ڪهڙو وهنوار ٿي رهيو آهي! انڊيا ڪلچرل فيسٽيول ۾ سنڌي جاتيءَ جي ڪنهن بہ سيبتڪ ٽوليءَ کي ڀاڱ وٺڻ لاءِ دعوت ڪا نہ موڪلي ويئي. پرسان بينل سيڪريٽريءَ کان پڇائين، ”ائين ڪيئن ٿيو؟“ سيڪريٽري چيو“ مان پتو لڳائيندس.“ ورِ مون چيو، ”اوهين ڇا سوچي سگهو ٿا تہ پرجاوادي ڏينهن جي پريڊ ۾سنڌي جاتيءَ جي شاندار تاريخ ۽ شاهوڪار سنسڪرتيءَ جي جهانڪي (Float) اڄ ڏينهن

ويچار آيو تہ سنڌي ڀڳت، جيڪا ناچ، سنگيت ۽ ڪٿا جو هڪ انوکو سنگم آهي ۽ سنڌ جي آڳاٽي لوڪ ڪلا جو سنڌر نمونو آهي ۽ پوئتي حالت ۾ آهي، تنهن کي جيو ڪين سيا طرفان اوچ ڏيڻ لاءِ پتن وٺون. ساٿين کي ڳالهہ خوب وڻي. هڪ شخصي خط تيار ڪري، مون اٽڪل سؤ کن سچاڻ شخصن کي ٽيهارو.کن شهرن ۾ موڪلي ڏنو، جنهن ۾ پنهنجي خواهش جو بہ ذڪر هو ۽ اهو بہ ذڪر هو تہ پنهنجي شهر مان سنڌي ڀڳتن جا نالا ۽ سندن پتو موڪلڻ جو قرب ڪن. هڪ اڌ صفحو وري بہ ياد ڏيارڻو پيو. پر اُن ڪوشش جو نتيجو سٺو ٺي نڪتو. اٽڪل ويهن سنڌي ڀڳتن جا نالا ۽ پتا پهچي ويا. اسانکي خوشي ٿي. اسان اکل ڀارت سطح تي سنڌي ڀڳت ميلو ۽ سيمينار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پورو هنڌ ڳولهڻ ۾ بہ وقت لڳو. نيٺ، گونديا ( مهاراشٽر) شهر جي سيني هلنديءَ وارن معزز شخصن ۽ سنستائن جي عيوضين جي گڏيل سنڌي لوڪ جوتي ميلا سمتي ناهي، اسان کي دعوت موڪلرايائون. تن ڏينهن لاءِ، ٢٧ کان ٢٩ نومبر ١٩٩٢ پروگرام تيار ڪيو ويو.

اسين تيارين کي لڳي وياسون . ميلي کي سهڻو رنگ ڏيڻو هو ۽ هڪ اتهاسڪ واقعو ڪري پيش ڪرڻو هو. ويهن ڀڳتن سان مهينو کن لکپڙهہ هلي، ٻارهن ڀڳتن ميلي ۾ شامل ٿيڻ جي پڪ ڏني. آخر.اٺ ٿي ڀڳت وڃي بيٺا، پر اسين خوش هئاسون، جو ورهاڱي کان پوءِ هيترن ڀڳتن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪري سگهيا هئاسون. گهٽ ڳالهہ نہ هئي. ڀڳتن کي پورو مان ۽ سنمان ڏيڻ لاءِ اسان رٿا ناهي. سنت ڪنور رام جي مورتيءَ تي آڌ رات هڪ سهڻي ٽرافي تيار ڪرائيسين. هڪ مٽر (جيڪو نالو هميشہ ڳجهو رکندو آهي) کي مڃايوسين تہ هو هر هڪ ڀڳت لاءِ ٻارهن سئو روپيا ڳوٿريءَ ۾ وجهي جيڪا پيٽ ڪنداسون، تنهن کان سواءِ دشالو ۽ سنڌي ٽوپي پڻ ڀڳتن کي پهرائيسين. ڀاڙا پُتا بہ ڏناسون.

دل هئي تہ سنڌ ۾ ڏٺل ڀڳت وارو رنگ قائم رکجي. ٻنهي طرفن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٿهون ويهن ۾ پڳت ۾ سندن پولڙيا وچ واري پيچري تي نچن. سازيندڙ مهڙ ۾ هجن. آدرش سنڌي وديا مندر اسڪول جي کليل ميدان ۾ بندوبست مٿئين نموني تي رکيو ويو، پر تمام گهڻي سرديءَ ڪارڻ مٿان شاميانو اڏيو ويو.

پڳت جو رس، مزو ۽ رونق پڌائڻ جي ڳالهہ نہ آهي. اِها ڪين، ڪن، توڙي آتما جي ماڻن جي وستو آهي. گهڻي ڀاڱي پڳت وڏي عمر جا آزمودگار ڪلاڪار هئا. ائين برابر هو تہ برڌ اوستا ڪارڻ، ڪن جي چمڪ ۽ لچڪ جهڪي ٿي هئي، پر پوءِ بہ هنن، سنڌي پڳت جي پرمپرا سان خوب نڀايو. ڪن تہ خلق کي وجد ۾ بہ آندو پئي. پاڻ بہ پئي نچيا، پولڙيا بہ پئي نچيا، اسين بہ پئي نچياسون، حاضرينن ۾ ڪي شائق ۽ شوقين بہ نچيا پئي. ٽن ڏينهن جو واهہ جو ميلو هو. اِهي ٽي ڏينهن گوندڙيا جا پار - پڌا، جوان - جوانڙيون ۽ ماتائون رات دير تائين، سنڌ جي امر ڪلا جو آنند ماڻيندا رهيا. سيا بمبئيءَ جي فائيو فنگر فلس جي مالڪ شري جيرام روپاڻي ۽ سندس ساٿي گوپ گولاڻيءَ جون پڳت تي وڊيو ڪيسٽ تيار ڪرڻ لاءِ خدمتون حاصل ڪيون هيون، جن نچ ناچوڙا نالي سان ٽن ڪلاڪن جي ڪئسيٽ سيا جي بئنر هيٺان ٺاهي تيار ڪئي آهي، جيڪا هن ڪلا کي ايندڙ نسلن لاءِ سامت رکڻ لاءِ بهترين ڪوشش آهي. ميلي جي دؤران پڳت ڪلا تي سيمينار بہ رٿيو ويو هو، جنهن ۾ ڪن ودوان ساهتڪارن هن ڪلا جي الڳ الڳ پهلوئن تي عالمانا پيپر پڙهيا، جن تي آيل ساهتڪارن، ڪلاڪارن ۽ خود پڳتن پڻ کليل بحث ۾ حصو ورتو.

سيا طرفان سنڌي ساهتڪارن لاءِ الڳ سميينار ڪوٺائڻ جو جيڪو سلسلو ۱۹۷۴ کان شروع ٿيو هو، سو بهترين تہ هر سال، پوءِ ٿوري ٿوري وڇوٽيءَ کان پوءِ قائم رهيو. اِهي سيمينار ڀارت جي مکيہ شهرن ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن هواخوريءَ جي هنڌن تي سڏائبا رهيا، جتي سنڌي ساهتڪارن جو چڱو تعداد شرڪت ڪندو هو. سنڌي ٻولي، ساهت، سپيتا جي ڌار ڌار ڪنڊن ۽ ليکڪن سان لاڳو، مخصوص ۽ اهم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن ستر يا ستر کان مٿي سال سنڌي ٻاشا ۽ ساهت جي شيوا ڪئي هئي. هر هڪ کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي وڏي شيوا لاءِ ٻارهن سئو روپين جي ٿيلهي، قدر شناسيءَ جو مانپتر، سنڌي ٽوپي خاص تيار ڪيل ٽرافي ۽ دشالو ڀيٽ ڪيو ويو. سنڌن سنمان راجستان جي گورنر بلرام ڀڳت جي هٿان ٿيو هو، پر سندس اوچتو دهليءَ وڃڻ ڪري، راجستان يونيورسٽي جي وائيس چانسلر مسٽر آ. اين. سنگهه اِها رسم ادا ڪئي.

سال ١٩٩٤ سنڌي جاتيءَ جي اتهاس ۾ تاريخ اهميت رکي ٿو. اِهو سنڌي ناٽڪ منچ جو شتابدي سال آهي. سيا سنڌي ناٽڪ کي اوڄ ڏيارڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي، جنهن جو ذڪر اڳوات ڪيو ويو آهي. ننڍن ناٽڪن جا فيسٽيول ۽ ڇتاپيٽيون سيا جي پليٽفارم تان ٿيون. اهڙا ڏهه فيسٽيول الڳ الڳ شهرن ۾ ٿي گذريا آهن. هت مان سنڌي ناٽڪ جي اوسر يا تاريخ ۾ وڃڻ نٿو چاهيان. اِهو منهنجو پريه وشيه آهي، پر اُن جي ذڪر لاءِ هيءُ وقت ۽ جڳهه موزون نه آهي. سنڌي ناٽڪ شتابدي سال جي يادگيري مون کي دراصل اسان جي ناٽڪ نويس دوست شري مدن جماڻي ڏياري. پهريون سنڌي ناٽڪ، جيتري قدر لکڻ جو سوال آهي ته سنڌ جي عالم فاضل اديب مرزا قليچ بيگ ١٨٨٠ ۾ "ليلا مجنون"، هندو ڏوهيڙن جي طرز تي، ساڳي نالي واري جڳ پرسڌ عاشقاڻي قصي جي بنياد تي ناهي تيار ڪيو هو. پر جتي سنڌي ناٽڪ جي منچ تي ڪري ڏيکارڻ جو سوال آهي ته اِها سياڳي گهڙي سال ١٨٩٤ ۾ آئي، جڏهن پهرين سنڌي ناٽڪ منڊلي. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ائميچيوئر ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ جو تيار ڪيل ڌرمي ناٽڪ نل دمينتي ڪري ڏيکاريو. سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ اِهو مهتو پورڻ واقعو هو. سيا جي ڪاميٽيءَ اڳيان مون رٿ رکي ته سال ١٩٩٤ کي سنڌ ناٽڪ رنگ منچ شتابدي سال ڪري ملهائڻ لاءِ، اسان کي سنڌي ناٽڪ ڪارن ۽ ناٽڪ منڊلين کي سڏ ڏيڻ گهرجي. اسان اهڙي اپيل ڪڍي سيني شامل سنستائن کي عرض موڪليو ته پنهنجن شهرن ۾ ناٽڪ ٽولين سان ملي سهڻي نموني ۾ سال ملهائين ۽ مرڪزي آفيس کي احوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنستائي ۾ راڄنيتڪ ڪاريہ تي قربان ڪري ڇڏيو آهي، ضايع ڪيو آهي. شايد هو پنهنجي ڪٿ ۾ صحيح بہ هجن، پر مون ڪي ائين هرگز نہ لڳو آهي. مون پنهنجو جيون، پنهنجي شڪتي ڪنهن آدرش پٺيان ڏني آهي، تنهن ڪي ضايع قرار ڏيڻ، منهنجي سمجهہ ۾ ناسمجهي آهي. هيڏو ڪاريہ ڪندي اڄ بہ ويهارو ڪن ڪتاب تہ لکيا اٿم. ڇا اِها حاصلات گهٽ آهي؟ ٻين گهٽن ايترو حاصل ڪيو آهي؟ مون ڪي پورن سنتوش آهي. پنهنجن رچنائن جي لسٽ ۾ اگر، ڏهاڪو ڪن ٻيا بہ ڪتاب ڪٺي جوڙيان ها ۽ ٻئي طرف پنهنجي نديڙي قرباني (رچناتمڪ ڪاريہ) جي نتيجي ۾ ڏسان وٺو تہ منهنجي نماڻي ڪوشش سان سنڌي جاتي، ياشا، سيتا ۽ ساهت کي جيڪو ٿورو لاڀ مليو آهي، سو مون لاءِ وڏيڪ قيمتي آهي، فخر جو باعث آهي. شخصي شان، مرتبي، ساراهہ يا سنتوش ڪان جاتيءَ جي مان مرتبي، ياشا ۽ ساهت جي وجود ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪاريہ وڏيڪ ملهائتو ۽ آنند ميہ ڄاتو اٿم.

شخصي محاذ تي ٻيو پهلو آهي، منهنجي خانگي زندگي- پريوارڪ جيون جو ڪيتر، جنهن ۾ پڻ مون پنهنجي طرفان ڪجهہ ڪوتاهي ڪئي آهي، پر منهنجي اڌ شريري، سويتا ۽ منهنجن ٽن پٽن ڪڏهن بہ اهڙي لڪ پوڻ نہ ڏني آهي. سويتا ڪڏهن ڪڏهن رنجش جو اظهار ڪيو آهي، جيڪو ڪن - ساعت لاءِ روسامي تائين محدود هوندو آهي، باقي ٻيءَ طرح هن پاڻ کي، ٻارن کي ۽ خود مون کي سنڀالي رکڻ ۾ ئي پرسنتا پاتي ۽ جيون جي سڦلتا ڄاتي آهي، منهنجي هر قسم جي بيپرواهي، رکائي ۽ غفلت کي گهڻي ڀاڱي نظرانداز ڪيو آهي يا وڌ ۾ وڌ هلڪي منهن گهنجائڻ تائين محدود رکيو آهي. مان ائين اصل قبول ڪو نہ ڪندس تہ مون سويتا ۽ سندس ڪک مان ڄاول ٽن شهزادن کي پنهنجو پيار نہ ڏنو آهي. ڪين مون ڀرپور پيار ڪيو آهي. ان جي اظهار جو طور طريقو ٻين ٻين تي سگهي ٿو. باقي اِها مڃيل حقيقت آهي تہ مان ڪين شخصي سطح تي گهڻو وقت ۽ ڌيان نہ ڏيئي سگهيو آهيان. پر اِن ڳالهہ جي ڪمي سندن ماءُ اهڙي تہ خوبيءَ سان پوري ڪري ڇڏي

آهن، اُن کي ٿي اتم سچ سمجهي وهندا آهن ۽ ان جي تنتڻ کي قيامت قرار ڏيندا آهن. منهنجو جيون جي هر وهنوار، ويچار ۽ چيز ڏانهن عقل پرستيءَ جو رخ رهندو آهي. ڳنل - پيٽل، اڳواٽ مڃيل - مقرر ڪيل ويچارن کي مان مشڪل سان قبول ڪندو آهيان. قبول ڪيل ويچارن کي تنقيدي نظر سان ڏسندو آهيان. اگر منهنجو ڪو به ويچار ڪڏهن به غلط ثابت ٿئي ته ان کي ڪڏهن به آجهو نه ڏيندو آهيان. ڪليل دل سان پنهنجي غلطيءَ جي قبوليت ڏيندو آهيان. مان ائين مڃيندو آهيان ته هر ويچار يا قدر لاءِ عقل جي پرک ئي سچي پرک آهي.

مان سيني هٺراڌو بنڌڻن کان مڪت آهيان. منهنجي پاونا ڪنهن به نقلي قيد کي قبولڻ لاءِ تيار نه آهي، سيني غير - عقلي سنبنڌن کان منڪر آهان. مان ڪٽرپنٿي يا وسيه وسوڙل ناهيان. مان ڪنهن به مت جو پوڄاري نه آهيان. ڪنهن به ويچار يا ويڪتي اڳيان سجدو ڪندڙ نه آهيان. مان صرف مارڪس جي فلسفي کان متاثر ٿيو آهيان، جيڪو تاريخي ۽ جدلياتي ماديات جي وگيانڪ بنياد جي مت تي ٻڌل آهي. اڄ مان سوچيان ٿو ۽ پٺيان نظر ورائي ڏسان ٿو ته مارڪسوادي ويچارڌارا منهنجي زندگيءَ ۾ اُٿل پٿل آندي، انساني جيون جي رهسيه کي منهنجي سامهون کولي بيهاريو، ۽ مون کي نئون دڳ ڏيکاريو آهي. منهنجي جيون کي سنواريو ۽ ڀرپور معنيٰ ڏني آهي. پوءِ به منهنجو خود مارڪسواد ڏانهن رخ عقلي آهي، وگيانڪ آهي، شرڌا تي ٻڌل هرگز نه آهي.

مون زندگيءَ کي هر پهلوءَ کان ڏٺو آهي. سڀ لاها چاڙها ماٺيا به آهن ۽ ڀوڳيا به اتم. پر حياتيءَ مون کي ڪڏهن به نراس نه ڪيو آهي. ڪنهن وقت ڪيسي ۾ به آنا هوندي به، مون پاڻ کي شهنشاهه محسوس ڪيو آهي ته ڪڏهن وري سوين - هزارين روپيا جيب ۾ هوندي به پاڻ کي مسڪين سمجهيو اٿم. مون ڪنهن به چيز، ماڻهو ويچار يا رشتي ۾ موهه نه رکيو آهي، پوءِ به مون کي ڪنهن به وقت سنئين چيزن، ماڻهن ۽ ويچارن جي ڪمي محسوس ڪا نه ٿي آهي. مان جيون ۾ ڪنهن به وستوءَ پٺيان ڀڳو نه آهيان، پوءِ به ڪنهن به چيز

اُهو انهن مقصدن جي جستجو ۾ لڳندو. مان هن جيون ۾ سنڌيءَ جاتيءَ جي ڀلائي، سلامتي، واڌاري ۽ سؤمان سان وچن بڌ آهيان. اِهو منهنجو وچن، سرجڊ جي ٻنهي پاسن تي وسيل سنڌين سان آهي. دراصل هن پار جا سنڌي، توڙي هن پار جا سنڌي لڳ ڀڳ ساڳيائي مسئلا ڀوڳي رهيا آهيون ٻنهي طرفن جا سنڌي اڻاين ۽ لاچاري حالتن سان منهن مقابل آهيون. زندهه رهڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان آهيون. هت سنڌيت جي هلچل ۽ هتي جيئي سنڌ جي تحريڪ هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. هڪ ٻئي جون مددي ۽ پورڪ هلچلون آهن. مان ٻنهين سان برابري طور ڪمٽيڊ آهيان. آخرين گهڙيءَ تائين انهن مقصدن جي لوري لڳل رهندي. آخرين دم تائين اِها ئي لوچ من اندر رهندي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ
اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)